# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

ايڪيهين صديءَ جو

ايڪيهين صديءَ جو

جلد ڇهون_ شمارو پهريون

جنوري_ مارچ 2013

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر

**تاج جويو**

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،**

**حيدرآباد، سنڌ**

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين

ايڊيٽر: تاج جويو

ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ

گرافڪس: اسدالله ڀٽو

جلد: ڇهون

شمارو: پهريون

سال: جنوري- مارچ 2013ع

ڇپائيندڙ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ: پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد

ملهه: 70 روپيا

ISSN: 968_8194_01_0

ايڊيٽوريل بورڊ:

محمد ابراهيم جويو

ڊاڪٽر غلام علي الانا

نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❊ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❊ سورهياڻپ واري حُر تحريڪ جو داستان | سراج | 7 |
| ❊ سنڌي ٻوليءَ جي محقق هيري ٺڪر جو ادبي سفر | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 12 |
| ❊ ٻني- ڪڇ ۾ شاهه ڀٽائي گهوٽ | ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي | 24 |
| ❊ بندر مون ڏور ٿيا... | قاسم علي شاهه | 37 |
| ❊ سنڌي وياڪرڻ- ضمير ۽ ان جي قسمن جو تنقيدي جائزو | الطاف حسين جوکيو | 45 |
| ❊ ايم بي سنڌي انسٽاليشن ۾ سنڌي ٻولي لڳائڻ جو طريقو | شبير ڪنيار | 91 |
| ❊ سنڌي برقي ڪتاب | شبير ڪنيار | 108 |
| ❊ پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو ۽ سنڌي زبان: ڪجهه گذارشون | آزاد قاضي | 124 |


## سراج جي ياد ۾


| | | |
|---|---|---|
| ❊ سنڌي ٻولي ۽ سراج | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 135 |
| ❊ آيل ڪريان ڪيئن!<br>منهنجو ادا وڏو....<br>سنڌي ٻولي ۽ سراج | ڊاڪٽر فهميده حسين | 141 |
| ❊ سراج ’مجسمِ سنڌ‘ ۽ ڪراچي ’جانِ سنڌ‘ | تاج جويو | 153 |
| ❊ سراج ۽ هلال پاڪستان | اسلم آزاد | 171 |
| ❊ راول رهي نه رات، جيڏيون! | ضراب حيدر | 174 |


## پنهنجي پاران

هي سال تبديليءَ جو سال آهي. حڪومت جي تبديلي ماڻهن جي ۽ پاليسين جي تبديلي- ڏسجي ته اها تبديلي ۽ نواڻ اسان تي ڪهڙا اثر ٿي ڇڏي. اميد ۽ دعا ٿي ڪجي ته سنڌي ٻوليءَ ۽ هن اٿارٽيءَ لاءِ اها تبديلي مثبت ۽ خوش آئند هوندي. گذريل دور ۾ اٿارٽيءَ ۾ جيڪي به ڪم ٿيا، انهن بابت فيصلو تاريخ ڪندي، پر اسان کي اهو مڃڻ گهرجي ته سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي وزير ڀيڻ سسئي پليجو نه صرف سڄي کاتي کي پيرن تي رکيو ۽ ڏينهن رات ڪم ڪيو پر لئنگئيج اٿارٽيءَ سان ڀرپور سهڪار ڪيو بنا ڪنهن مداخلت جي. آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ ڏنو ۽ جتي به سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت پئي، ان لاءِ هميشه اڳڀري رهي. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيارڻ لاءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي مدد سان سائين محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ سنڌ جي عالمن، دانشورن ۽ اديبن تي مشتمل ’سنڌي ٻولي ڪميٽي‘ جوڙي وئي، جنهن ان لاءِ نه صرف ڪاغذي ڪاروائي ڪئي ۽ بل جو ڊرافٽ تيار ڪيو پر عملي طور به ان لاءِ ڪوششون ڪيون ويون ۽ ويندي ويندي سنڌ اسيمبليءَ مان اهڙي بل جي حمايت ۾ ٺهراءُ به پاس ٿيو ۽ قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ ڏانهن موڪلڻ لاءِ ميدان تيار ٿيو. پاڪستان جي سياست جو اُٺ الائجي ڪهڙي پاسي ليٽندو، پر اسان جو عزم آهي ته پنهنجي حق لاءِ جاکوڙ جاري رهندي.

’سنڌي ٻولي‘ جرنل جو هيءُ پرچو تياريءَ جي آخري مرحلن ۾ هو ته سنڌ جي دانش جي سر موڙ مان، سنڌ جو هڪ عاشق، سراج (سراج الحق ميمڻ) اسان کان موڪلائي ويو جنهن جو ڏک هڪ ڀيڻ جي حيثيت ۾ منهنجو ذاتي ڏک ته آهي ئي، پر اهو سنڌ جي ساڃهه وند طبقي جو به اوترو ئي گهرو ڏک آهي، ڇو جو

هن جي قلم سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي ڪجهه لکيو اهو هڪ تاريخ ته آهي، پر سنڌي ٻوليءَ بابت سندس سائنسي انداز ۾ ڪيل تحقيق، سچي سنڌ کي فخرمند ٿيڻ لاءِ سبب ڏنو ته اسان جي ٻولي هڪ بڻائتي، اصلوڪي ۽ خودمختيار ٻولي آهي: جنهن جيڪڏهن ڪنهن ٻي ٻوليءَ کان ڪجهه ورتو آهي ته اُن کان وڌيڪ ٻين ٻولين کي ڏنو آهي. اُن ڪري هاڻي ان کي ڪوبه هِتان هُتان ورتل نڌڻڪي ۽ ٻي پاڙي ٻولي سمجهڻ جي غلطي نه ڪري. جيڪي عالم ’سنڌو لکت‘ تي ڪم ڪن، اُهي آريائي، دراوڙي ۽ سامي ٻولين ۾ ٽپيون هڻي، ڪا اهڙي ڌاري ٻولي ڳولڻ بدران پنهنجي ڌرتيءَ ۽ اُن جي هزارين سال قديم تهذيب ۽ ثقافت ۾ اُن کي تلاش ڪن ته ضرور ڪامياب ٿيندا.

هن پرچي ۾ هميشه وانگي، سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مختلف پهلوئن تي مضمون ۽ مقالا اميد ته پڙهندڙن کي پسند ايندا ۽ اهي اسان کي پنهنجي قيمتي راين کان ضرور واقف ڪندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيف ايڊيٽر

# سورهيائپ واري حر تحريڪ جو داستان

- سراج

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول ”سانگهڙ“ جو اختصار ڪري محمدعلي ڏيپلائيءَ، 292 صفحن ۾ ڪري نيوفيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، ان جي قيمت 150 رپيا آهي.

مون افسانوي ادب جي اختصار وارا ڇاپا اڳ ۾ تمام گهٽ ڏٺا آهن. تاريخ جي گهڻن جلدن يا ضخيم فلسفياڻن تحقيقي مقالن جا خلاصا يا اختصار بيشڪ نه صرف ڪارائتا هوندا آهن، پر جديد دور جي تقاضا به پوري ڪندا آهن: ڇوته ابلاغ ۽ اطلاع جي جديد ٽيڪنالاجيءَ وارن ذريعن جي وڌڻ جي ڪري ماڻهن وٽ وڏا ڪتاب پڙهڻ جو وقت ڏينهون ڏينهن گهٽبو وڃي. آرنلڊ. ٽوائن. بي جي ڪتاب ’A Study of History‘ جي ڊي. سي. سمرويل جهڙي تجربيڪار تاريخدان طرفان ڪيل ٻارهن ڇهن جلدن جو اختصار هجي يا جيمس جي. فريزر جو اينٿراپالاجيءَ بابت يادگار ڪم ”The Golden Bough- A Study in Magic and Religion“ جي اختصار وارو ڇاپو هجي يا وري وليم ڊيورانٽ جي ”The Story of Philosophy“ جو اختصار هجي.... انهن مختصر ڪيل ڇاپن، اهڙن ڪلاسڪ ڪتابن جي مطالعي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

ناول جهڙي ڪنهن تخليقي فنپاري جو اختصار ڪرڻ نه صرف جوکائتو ڪم آهي، پر اصل ليکڪ جي خيال جي متن ۽ اڻٽ (تاڃي پيٽي) کي به برباد ڪري سگهي ٿو. ڪنهن ناول جو اختصار ڪرڻ پڪاسو جي (تصوير جي) نفيس زاوين کي ڊاهي ڇڏڻ برابر آهي. بلڪل ائين ئي محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول سانگهڙ جي خلاصي/ اختصار ۾ ڪيو ويو آهي.

مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي سنڌي ادب جو هڪ اعليٰ مثال آهي. مرزا قليچ بيگ، جنهن کي 450 تصنيفن جو شرف حاصل آهي، کان پوءِ محمد عثمان ڏيپلائي سنڌي ٻوليءَ جو متن جي معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان

سڀ کان اهم ليکڪ آهي. هن سؤ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. هو هڪ صحافي، سماج سڌارڪ، فڪشن نگار ۽ ناميارو مضمون نگار هو. سنڌ ۽ اُن جي ماڻهن جي ثقافتي تاريخ ۾ سندس اڳتي اچڻ هڪ نرالو واقعو آهي. هن هڪ ڪٽر اسلام پسند طور شروعات ڪئي ۽ سندس پڇاڙي پنهنجي دور جي تمام اهم عقليت پسند انسان طور ٿي.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي لکڻ جو اڳيون مرحلو- ۽ شايد سڀ کان اهم ۽ نمايان اهو ردعمل هو جيڪو 1930 ۽ 1940ع جي ڏهاڪن ۾ ڪن پيرن ۽ سجاده نشينن جي 'ملفوظات' ۽ 'ڪرامت نامن' جي ڇپجڻ کان پوءِ ظاهر ٿيو جيڪي سنڌ جي ڀالن ڀولن ماڻهن جي ذهنن تي ڪنهن مٺي زهر وانگر حملو ڪري ڪين تباهه ڪري رهيا هئا. انهن پيرن جي طرفان مليل سهڪار ۽ سگهه سان جاگيرداري نظام، سنڌ ۽ اُن جي ماڻهن جي سماجي- اقتصادي ترقيءَ سان وڏا هاڃا ڪيا آهن. جيئن تہ جديد تعليم ۽ سماجي سجاڳيءَ ذريعي تعليم يافتہ طبقن طرفان ظلمت، جهالت، وهم پرستي ۽ اصولن کان لاتعلقيءَ جي خلاف مزاحمت سان، سنڌ ۾ ملن ۽ پيرن جي مدد سان مچائي مواڙ ڪيل جاگيردار تسلط واري 'اسٽيٽس ڪو' (Statusquo) کي خطرو هو. ان ڪري جاگيردار طبقي جواب ۾ ماضيءَ ۽ حال جي مختلف پيرن جا ڪارناما ۽ مافوق الفطرت طاقت واريون ڪهاڻيون پئي ڇپايون.

ڏيپلائي صاحب جي اندر واري 'عقليت پسند انسان' اُن خلاف بغاوت ڪئي ۽ ظلمت جي ان نموني جي خلاف جهاد شروع ڪيو. هن انهيءَ چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ اٽڪل سؤ کن ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا. هن صاف لفظن ۾ پيرن ۽ پيري مريديءَ جو مذاق اڏايو. هن جي ٻولي طاقتور هئي ۽ هن جو مقصد سڌو، هنڌائتو ۽ گهاتڪ هو. هن سنڌ ۾ موجود پيرپرستيءَ ۽ هٺ ٺوڪي دوريشيءَ جي هرهڪ اداري تي قلم کنيو ۽ انهن کي عام ماڻهن جي معصوميت ۽ اٻوجهائپ جو استحصال ڪندڙن طور وائکو ڪندي، سندن هر روپ کي ظاهر ڪيو.

ڏيپلائيءَ جو ان کان اڳتي وڌڻ وارو مرحلو آهستي، پر مستقل مزاجيءَ وارو هو. 1917ع واري آڪٽوبر انقلاب ۽ بعد ۾ چين جي سماجوادي رياست طور اُڀرڻ جو هن تي گهرو اثر ٿيو. هن جي هڪ پڪي انسان دوست طور تبديليءَ جو عمل ڏاڍو اهم هو. هن ايم اين. راءِ ۽ کاٻيءَ ڌر جي ٻين ليکڪن ۽ دانشورن کي پڙهيو. هن سنڌ جي پڙهندڙن ۾ انهن نون خيالن جو پرچار ڪرڻ لاءِ هفتيوار ۽ ماهوار اشاعتون شروع ڪيون. سندس رسالي 'انسان' ۾ سائنس، اينٿراپالاجي، ڊارون جي ارتقا جي نظريي ۽ عيسائيت ۽ پختي انسانيت ۾ ٽڪراءُ/ اختلافن بابت ليک ڇپيا. هن جمهوريت ۽ سماجوادي نظريي جي گڏجڻ سان پيدا ٿيندڙ سماجي- سياسي فڪر جي نون لاڙن بابت ڪتاب ڇپرائڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. اشتراڪي نظام، چين جي هارين ۾ زمين جي ورهاست ۽ اهڙن ٻين سماجي، اقتصادي موضوعن تي ڪتاب يا پاڻ ترجمو ڪيائين يا ٻين کان ڪرايائين.

1930ع ۽ 1940ع جي ڏهاڪن ۾ انگريزن جي نوآبادياتي حڪومت جي خلاف جدوجهد جي ڪري سنڌي قومپرستيءَ جنم ورتو جنهن سنڌ جي هرهڪ ليکڪ ۽ دانشور کي متاثر ڪيو. هن دور ۾ واندو ويهڻ يا ماٺ رهڻ کي بي عزتي ٿي سمجهيو ويو. 'سنڌ' کي سڃاڻپ طور اختيار ڪرڻ ڄڻ ڪو روحاني سفر هو. جڏهن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جهڙين سياسي پارٽين جون پنهنجون ايجنڊائون هيون، تڏهن سنڌ جي مزاحمتي تحريڪ هڪ نئون دڳ ورتو. انگريزن جي خلاف مزاحمت جو بنيادي پهلو انهيءَ دليل/ منطق تي ٻڌل هو تہ جڏهن انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو هو تہ اها هڪ آزاد ملڪ هئي، ان ڪري هڪ آزاد ملڪ واري خودمختياري واپس ملڻ گهرجي. سنڌ ۾ سڀ کان نمايان مزاحمتي تحريڪ 'حر تحريڪ' جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. شروعات ۾ اها جدوجهد پرامن هئي، پر پوءِ اها پرتشدد ٿي وئي. 1942ع ۾ اُن تحريڪ کي محدود ڪرڻ لاءِ مارشل لا لڳائي وئي، ۽ ذري گهٽ هڪ ننڍڙي جنگ شروع ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۽ سانگهڙ ۾ مکيءَ جي هڪ وڏي علائقي ۾، جتي حرن جا گهر هئا، 'رايل ايئرفورس' طرفان زبردست بمباري ڪئي وئي. سوين ڳوٺ تباهه ٿي ويا ۽ زالن ۽ ٻارن سوڌو هزارين ماڻهو مارجي ويا. ڪيترين ئي

اهڙيون جهڙپون ٿيون، جن ۾ انگريز فوج ۽ پوليس جو بہ ڳرو جاني نقصان ٿيو.

بهرحال، آخرڪار انگريز فوج جي طاقت بغاوت کي چٿڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي، سوين حرن کي ملٽري ڪورٽن جي حڪم تي گوليءَ سان اُڏايو يا بعد ۾ ڦاهيءَ ذريعي ماريو ويو. سانگهڙ جو سمورو علائقو 'لوڙهن' (concentration camps) ذريعي ڏار ڪيو ويو ۽ حرن جي روحاني پيشوا پيرصاحب پاڳاري پهرئين کي ڪورٽ مارشل ڪري ڦاسي ڏني وئي. سندس پٽن (جن ۾ موجوده پيرپاڳارو[1] هو) کي يرغمال بڻائي انگلنڊ ڪٽي ويا. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ هلندڙ آزاديءَ جو داستان پورو ٿيو.

ون يونٽ جي خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ هڪ ڀيرو وري سموريءَ سنڌ ۾ انهيءَ آزاديءَ جي تحريڪ جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ آيا. سوين سياسي ڪارڪن قيد ڪيا ويا. ڏيپلائي صاحب کي بہ سندس لکڻين جي ڪري قيد ڪيو ويو هو. اهوئي موڙ هو جڏهن ڏيپلائي صاحب 'سانگهڙ' جهڙو شاهڪار ناول لکيو. اهو رڳو سنڌي قومپرستيءَ کي ارپيل ڪم ڪونہ هو پر هڪڙو فنپارو پڻ هو. اها سنڌي ماڻهن جي برطانوي نوآباديت خلاف هڪ مثالي جدوجهد جي ڪهاڻي هئي. جيل ۾ قيد جا ڏينهن گهارڻ دوران ڏيپلائيءَ کي اتي حر تحريڪ سان تعلق رکندڙ سزا ڪاٽيندڙن ۽ قيدين سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو ۽ انهن جي انٽرويوئن ۽ سندن روحاني پيشوا پيرصاحب پاڳاري پهرئين جي رهنمائيءَ ۾ هلايل حرن جي جدوجهد جون سورهيائيءَ واريون ڪهاڻيون ٻڌڻ جو موقعو مليو. ڏيپلائيءَ سندن همت، جذبي، قربانيءَ ۽ سادي سودي/ ڳوناٽي جنگ جي هڪ تمام زبردست ڪهاڻي جوڙي آهي. ڪزانزاڪس وانگر پنهنجي سورمن ۽ سورمين جي بهادريءَ جا ناممڪن ڪارناما بيان ڪيا آهن. اها سادن ڳوناٽن ماڻهن جي ڏاڍين سامراجي مالڪ (Master) حاڪم جي خلاف جوٽيل جنگ هئي. روحاني فرمانبرداريءَ جي هن قصي ۾ پيرپاڳارو هڪ زبردست ساڃاهہ وند روحاني توڙي دنياوي ڏاهپ وارو ڪردار ٿي اُڀري ٿو ۽ هن جو برطانوي راڄ خلاف مرڻ گهڙيءَ تائين جدوجهد وارو عزم ظاهر ڪري ٿو. پر ناول جي اصل رڳا نوآبادياتي حڪمرانيءَ جي ناانصافين خلاف عام ماڻهوءَ جو جهيڙو ۽ جدوجهد آهي. ڏيپلائيءَ حقيقت ۽ افساني کي اهڙيءَ تہ ڪاريگريءَ سان ملايو آهي، جو اهو ناول ڪنهن افسانوي تخليق/ فڪشن کان وڌيڪ حر تحريڪ جي تاريخ پيو لڳي. هن ۾ بيشڪ ڪٿي ڪٿي اجايو مبالغو ۽ ڪجهہ غيرحقيقي عڪس بہ آهن، پر پوءِ بہ ڪنهن بدمعاش جي آڏو آڻ نہ مڃڻ جو ڳوناٽو منطق زورائتي نموني ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ اها هڪ ڪاميابي آهي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي سياسي، تاريخي افسانوي ادب (فڪشن) ۾ تمام ٿورا ليکڪ حاصل ڪري سگهيا آهن.

(ترجمو: **ڊاڪٽر فهميده حسين**)

[1] هن وقت پيرصاحب شاهہ مردان شاهہ وفات ڪري چڪو آهي.

# سنڌي ٻوليءَ جي محقق هيري ٺڪر جو ادبي سفر

– ڊاڪٽر مُرليڌر جيٺلي

ادب جي کيتر ۾ پنهنجي ساٿي هيري ٺڪر جي جڏهن ڪا به نئين رچنا ڏسندو آهيان، ته هڪدم منهنجو ڌيان ماضيءَ طرف ڇڪجي ويندو آهي. ساهت جي کيتر ۾ هُن چڱو ڊگهو مفاصلو طئي ڪيو آهي، گهڻين ئي منزلن تي ڪاميابيءَ سان رسيو آهي. هرهڪ منزل تي هوُ وڏيڪ آب ۽ تاب سان چمڪندو رهيو آهي. واقعي جهڙو اٿس نالو هيرو، تهڙا اٿس گڻ. هيءُ هڪ مٽيادار هيرو آهي، جنهن جي چمڪ دمڪ، هند– سنڌ ۽ ٻين مُلڪن ۾ دور دور تائين ڦهلجي چڪي آهي. هُن جي ادبي خدمتن جي قدر شناسي ڪري، هن کي گهڻيئي انعام اڪرام عطا ڪيا ويا آهن.

هيري ٺڪر جو جنم 2 مارچ 1942ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. اڃا چئين پنجين سالن جو هو ته ورهاڱو ٿيو ۽ سندن وچولي طبقي واري ڪٽنب تي مُصيبتن جا پهاڙ ٽُٽي پيا. ورهاڱي بعد گهڻن ئي هنڌن تان دربدر ٿيندا، هي آخر ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي وسيا. سندس پيءُ اُتي به هر روزگار نه ملڻ تي، ٻارن کي ڪئمپ ۾ ڇڏي گهڻو دور، ناگپور ويجهو چاندا ۾ 40 روپيا ماهوار پگهار تي نوڪري ڪرڻ لڳو.

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ هيري کي هڪ سنڌي اسڪول ۾ داخلا ملي. سندس ماتا صاحب لڇمي به گهر جي خرچ جي پورائيءِ لاءِ ڏيڍ رپئي ڊزن جي اگهه تي خميصون سبڻ جو ڪم ڪندي هئي. پينرون به پستا (ڏوڏيون) پيچڻ جهڙا ننڍا ننڍا ڪم ڪنديون هيون ۽ خود هيرو به اسڪول کان پوءِ واري وقت ۾ جواهري گولا يا ڪُلفيون وڪڻڻ جهڙا ڪم ڪري چار ڏوڪڙ ڪمائي ايندو هو. اوچتو سندس ننڍي ڀيڻ ليلان ڪالرا جي بيماريءَ ۾ گذاري وئي. اُن جو هيري کي اهڙو ته ڌڪو رسيو، جو هُو گم سُم رهڻ لڳو.

ڪجهه به مِٺو نه لڳندو هوس. اُن ڪيفيت کي ياد ڪندي هيرو لکي ٿو، ”ليلان سان گڏ منهنجون خوشيون به مري ويون. هن جو موت مون کان منهنجون ساديون ۽ غريباڻيون رانديون“: اٽي ڏڪر، گولين (بلورن) جي راند ۽ ڦيٽو جنهن کي ڦيرائيندي مان ڊوڙندو هوس، سي به کسي ويو. مان ٻي مَنو اسڪول ته پيو ويندو هوس، پر اتي به خالي خالي نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن پيو واجهائيندو هوس ۽ گهر واپس اچڻ تي ڪُنڊ وٺي پيو هوندو هوس. موت جي اُداسي دماغ تي ڇانئجي وئي هئي ۽ هاڻي مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ موت بابت، بيمارين بابت، زندگيءَ ۽ پاڻ بابت ۽ آس پاس جي حالتن بابت پيو سوچيندو هوس. رات جو به ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان ۾، تارن ۾ پنهنجي ڀيڻ ليلان کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هوس. آخرڪار اهڙين پريشان ڪندڙ حالتن کان تنگ ٿي مون ڪتابن پڙهڻ جو سهارو ورتو.“ (انڊلٺ، ”فنا ٿيڻ کان بچائي ورتو ساهتيه“، ص 9)

اُن زماني ۾ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب چڱو ئي ميسر هو. هيرو اِسڪول جي لائبرريءَ مان ڪتاب وٺي هڪ ئي ڏينهن ۾ پورو ڪري ڇڏيندو هو. اڳتي هلي لکي ٿو ته ”ڌيري ڌيري منهنجي اُداسائيءَ ۽ اڪيلائپ کي ڪتابن ڄڻ مات ڪري ڇڏيو. زندگيءَ ۾ نئين سِر منهنجو چاهه جاڳيو. ورهاڱي سبب ڏٺل مصيبتن ۽ ليلان جي مرتيو (موت) سبب پيدا ٿيل درد ۽ پيڙا سبب منهنجو من ڄڻ ته ڪجهه اِظهارڻ، مُک مان ڪجهه ٻولڻ لاءِ ڄڻ ته وياڪل ٿي پيو هو.... پنهنجن ارمانن ۽ اڌمن کي اظهار ڏيڻ لاءِ آتو ٿي پيس. پنهنجن احساسن ۽ اُمنگن کي اِظهار ڏيڻ لاءِ مون ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون لکڻ جو سهارو ورتو. (انڊلٺ، ص 10)

اِن طرح ڏسجي ته پندرهن ڪن سالن جي عمر ۾ ئي هيري سنڌي ساهتيه جو ايترو قدر ته مطالعو ڪيو، جو کيس پختي ٻوليءَ ۽ سهڻي عبارت ۾ لکڻ تي چڱي دسترس حاصل ٿي ويئي. سندس ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون 1958ع کان ممبئيءَ جي ’هندواسي‘ هفتيوار ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. اُن عمر ۾ هيري جي هوشياري ۽ ذهانت جي گواهي، سندس اُستاد نارائڻ ڀارتيءَ به

پنهنجی يادگيرين ۾ ڏنی آهی. ”منهنجو وديارٿی، منهنجو دوست، منهنجو پيارو“ مضمون ۾ پارتي لکي ٿو. ”سال 1958ع ۾ مان درجي ڏهين ۾ سنڌيءَ جو پيريڊ وٺڻ ويس. اُهو ڏينهن اُن اسڪول ۾ نوڪريءَ جو منهنجو پهريون ڏينهن هو. ڪلاس ۾ هڪ وديارٿی ننڍي قد جو سنهڙو سيپڪڙو ڪڻڪ رنگو، خاڪي نِڪر ۽ سفيد قميص پاتل، تنهن هڪ سوال پڇيو. پهرين تہ مان سوال ٻڌي وائڙو ٿي ويس. هيڏڙو پتڪڙو ڇوڪرو ۽ هيڏو وڏو سوال، سو بہ اسڪولی ڪتابی ڪورس کان ٻاهر جو. پر عزت رهجی آئی، جو ننڍي کان ئی وٺی پڙهڻ جی عادت اٿم ۽ جو سوال هُن ڇوڪري پڇيو، سو سنڌي ادب جي تاريخ سان واسطو رکندڙ هو. مون جواب ڏنو ۽ ڇوڪرو بہ چپ ٿي ويو.

بس اُهو ڏينهن، اُهو شينهن اُهو ڇوڪرو منهنجو پيارو وديارٿی بڻجي پيو ۽ اُهو ڇوڪرو هو هيرو ٺڪر. مان هِن ڇوڪري جي ڪري ئي ڪلاس ۾ جيڪو پڙهائڻو هوندو هو، اُن جي اڳواٽ پوري پوري تياري ڪري ويندو هوس تہ متان ڪو وديارٿي هيري جيان، ڪو ٻيو سوال اهڙو نہ ڪري، جنهن جو جواب ڏيڻ ۾ لاچار ٿي پوان.“ (ڪونج، هيرو ٺڪر خاص پرچو سيپٽمبر 2001ع)

هيري ٺڪر 1960ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ساڳئي ئي اسڪول ۾ ماستريءَ جی ڪم ۾ لڳو. ماستريءَ سان گڏ ٻيا بہ ننڍا وڏا ڪم ڪندو هو. پاڻ لکی ٿو: ”اُن دوران مون ڪئين نوڪريون ڏنڌا ڪيا. ماستريءَ سان گڏ سيلس مئن بڻجی شهر شهر ۾ مال بہ وڪيم. زالن جی بريزيئرن (باڊين) جی فئڪٽري بہ لڳايم. هڪ ئي وقت ٿي ٽي ڌنڌا بہ ڪندو هوس. تڏهن بہ ڪتابن پڙهڻ ۽ ڪجهہ لکي وٺڻ سان ناتو جڙيل رهيو. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ بعد، جڏهن رات جو مان ڪجهہ لکی پورو ڪندو هوس، تہ هڪ اَنوکو آنند ۽ ترپتي (سُڪون) محسوس ڪندو هوس. اُن ئي ڏينهن ۾ مون اهڙي ڪيفيت محسوس ڪئي، جنهن کي سِرجڻ جو سُک سڏي سگهجي ٿو. (اِندلٺ، ص 11)

اُنهن ڏينهن ۾ ڪلياڻ ڪئمپ (اُلهاسنگر) ۾ هفتيوار ادبي گڏجاڻيون بہ ٿينديون هيون، جن ۾ هيرو بہ سرگرميءَ سان ڀهرو وٺندو هو. سندس ڪهاڻين جي پيٽ ۾ سندس ڪويتائون وڌيڪ پسند پوڻ لڳيون تہ پوءِ هن فقط شاعريءَ ڏانهن ڌيان ڏنو. هُو لکي ٿو تہ ”پُرسڌ ڪوي ۽ نقاد سرڳواسي سڳن آهوجا منهنجي واقفيت ڏيندي، اڪثر چوندو هو تہ ”هيءُ نئين پيڙهيءَ جي ڪوين ۾ سڀ کان سينيئر ڪوي آهي.“ نہ فقط ايترو پر نارايڻ پارتيءَ جي اخبار ”سنڌي ٽائيمس“ لاءِ بہ هُو خبرون لکندو هو ۽ اِنٽرويو وغيره بہ وٺندو هو.

مان هيري کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، جو پيٽ گذران لاءِ جدا جدا ڌنڌا ڪري، ادبي محفلن ۾ حصو وٺندي پڻ هن پڙهائي جاري رکي ۽ مڌيہ پرديش مان انٽر امتحان پاس ڪري، پونا يونيورسٽيءَ مان بي. اي (آنرس) پاس ڪيائين. هنديءَ جو وڏو امتحان ”ساهتيہ رتن“ هن اڳ ۾ ئي پاس ڪيو هو. اُن ڪري هندي ڪاويہ شاستر (شاعريءَ جي علم) ۽ ڇند شاستر جي اصولن جو ڪيس گيان هو. سنڌيءَ سان گڏ، هندي ۽ انگريزيءَ جي گهڻن ئي شاعرن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪيائين. 1966ع ۾ پونا يونيورسٽيءَ مان هندي آنرس سان بي. اي پاس ڪيائين.

**هيري سان پهرين ملاقات:**

هيري ٺڪر جي ڪويتائن ۽ ٻين رچنائن کان مان 1958ع ۾ ئي ’هندواسي‘ مخزن ذريعي واقف ٿي چڪو هوس، پر هن سان منهنجي پهرين شخصي ملاقات 1962ع ۾ پوني ۾ ٿي. اُن سال چين ڀارت تي حملو ڪيو هو. پنڊت جواهر لعل نهرو ملڪ جو وزيراعظم هو. چين جي حملي نئين سِري سان ديش ڀڳتيءَ جي لهر ڦهلائي ڇڏي هئي. ملڪ جون فوجون سرحد تي لڙي رهيون هيون، تہ شاعرن ۽ ساهتڪارن بہ پنهنجي قلم کي تيز ڪري ڇڏيو. پوني جي نوين هند هاءِ اسڪول ۾ لڙائيءَ لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ لاءِ اکل ڀارت ديش ڀڳتي مشاعرو رکيو ويو هو، جنهن لاءِ گهڻائي شاعر آيل هئا، جن ۾ هيرو بہ شامل هو. اُٺويهن کن سالن جي عمر جو ۽ قد بت ۾ ٻار لڳندڙ هيرو

ٺڪر جڏهن اسٽيج تي اچي، بُلند آواز ۾ پنهنجا قومي گيت پڙهڻ لڳو ته سڀني حاضرينن جي وات مان لڳاتار 'واهه' 'واهه' نڪرندي رهي. پوءِ ته هيري قومي جذبات ۽ ديش ڀڳتيءَ سان ڀرپور ڀيون به ڪوتائون لکيون، جيڪي "گوليون" نالي سان ڪتاب ۾ ڇپايائين. جيتري قدر ڄاڻ آهي، سنڌي ساهت ڪيتر ۾ هيري جو اهو پهريون ڪتاب آهي.

هيري ٺڪر سان ٻي ملاقات ٻن سالن بعد اُلهاس نگر ۾ ٿي، جتي مان آر. ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو هوس. هيرو به اُن ڪاليج ۾ بي. اي. جي آخرين سالن ۾ پڙهي رهيو هو. هيرو روزي روٽيءَ جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ ڏنڊو ڏاڙي به ڪندو هو ته پڙهائي به. اُن سان گڏ سنڌيءَ جي اَدبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ به چستيءَ سان ڀهرو وٺندو هو. اُتان ئي 1966ع ۾ سُٺين مارڪن سان بي. اي. پاس ڪيائين. مان 1966ع جي فيبروري مهيني ۾ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس ۽ اوڏانهن هليو ويس.

قسمت کي شايد منهنجي ۽ هيري جي جُدائي پانءِ نه پيئي. ڏٽيءَ اهڙو چرخو ڦيرايو، جو ڏيڍ کن سال بعد هيرو به آل انڊيا ريڊيو ۾ نوڪريءَ جي سلسلي ۾ دائمي طور دهليءَ اچي رهيو.

**هيري سان ٽين ملاقات ۽ دائمي دوستي:**

ڏهين اپريل 1968ع تي پارت سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي تسليمي ڏني، جنهن جي نتيجي طور آل انڊيا ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ به خبرون نشر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سڄي ڀارت مان ستر کن اميدوار اُن ڪم لاءِ دهليءَ ۾ انٽرويو لاءِ پهتا ۽ آخر چنڊ ڇاڻ بعد ٽن ڄڻن "موتي پرڪاش، هريڪانت ۽ هيري کي سنڌي سماچار لاءِ چونڊيو ويو. جنهن ڪري هيرو اُلهاس نگر جا وڻ ڇڏي، دهليءَ ۾ اچي ويٺو. موتي پرڪاش ته ٽن مهينن بعد ئي دبئيءَ ۾ پرنسپال جو عهدو ملڻ سبب نوڪري ڇڏي هليو ويو. هريڪانت به ڪجهه وقت سنڌي يونٽ ۾ رهڻ بعد جنرل نيوز روم ۾ ايڊيٽر طور وڃي لڳو ۽ سنڌيءَ جو ڪم هيرو ئي سنڀاليندو رهيو ۽ 27 سال اِن يونٽ ۾ ڪم ڪندي، سنڌي يونٽ جي انچارج طور 2003ع ۾ رٽائر ڪيائين. اِن لنبي عرصي دوران هن مون کي به ڇڪي سنڌي يونٽ ۾ ڪيزيوئل آرٽسٽ طور ڪم تي لڳايو. دهليءَ ۾ منهنجي ۽ هيري ٺڪر جي سهٽي ساٿ کي ٽيتاليهه سال ٿي چڪا آهن. اِنهيءَ ڊگهي سفر ۾ اسان ٻنهي، ادبي ۽ تهذيبي ڪيترن ۾ گڏجي ڪم پئي ڪيو آهي. اِن وچ ۾ ڪي ساٿي پرماتما کي پيارا ٿي ويا آهن، ته ڪي وري پنهنجا مطلب بر ثواب نه ٿيڻ تي اسان کان ڪنارو ڪري ويا آهن. مان ڏٽيءَ جو شڪرگذار آهيان، جو منهنجي ۽ هيري جي دوستيءَ کي ڏڄڻن جي بُري نظر اثر نه ڪري سگهي آهي.

دهليءَ ۾ دائمي طور رهائش واري 42 سالن جي عرصي ۾ هيري جي شخصي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي. اِن دوران سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاري چڪا آهن. پاڻ 1973ع ۾ پوڄا سان شادي ڪيائين، جنهن مان کيس هڪ ڌيءَ پوروي آهي، جيڪا به سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي ۽ اُن جو گهوٽ وڪرم هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ آهي. کيس هڪ ڏوهٽو به آهي "يوَراج". سنڌيت جو جذبو جيڪو هيري ۾ ننڍي هوندي کان وٺي سمايل آهي، اُهو سندس ڌيءَ ۽ ڏوهٽي کي به وراثت ۾ مليو آهي. تازو جڏهن هيري جي گهر ويس ته هِن پنهنجي ڏوهٽي يوَراجَ کي عربي سنڌي لکاوٽ پئي سيکاري. اکر جهڙا سهڻا هيري جا آهن، تهڙا ئي اُن ننڍي ٻارڙي جا به ڏٺم. پوڄا جو به پنهنجي ٻولي ۽ ادب سان گهرو ناتو آهي. هوءَ ويهارو سالن کان آڪاشواڻيءَ ۾ ڪيزيوئل اَنائونسر طور ڪم ڪندي آهي. هوءَ مهمان نوازيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌ مان جڏهن به ڪي سنڌي سڄڻ سندن گهر ۾ ايندا آهن ته سندن آڌرڀاءُ ڪرڻ ۾ ٻيئي ڄڻا ڪابه ڪمي رهڻ نه ڏيندا آهن. ننڍو ڪٽنب آهي، پر سُکي ڪٽنب آهي. ڏٽيءَ در دعاگو آهيان ته شال سدائين سُکي رهن ۽ وڌندا ويجهندا رهن.

دهليءَ جي سُرهي ساٿ ۾ هيري جو هڪ نئون روپ به نظر آيو. جڏهن ڪوبه ڪم کيس سونپيو ويندو آهي ته اُنهيءَ کي ڪاميابيءَ سان

پورو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندو آهي. ڪاڏو پيتو به مِنو نه لڳندو اٿس. ڪمرڪشي شروع ڪيل ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ پيو ڳھندو آهي.

دهليءَ ۾ اچڻ بعد هيري جي ادبي پسندگيءَ ۾ به وڏي تبديلي اچي ويئي آهي. هُن جي من جو لاڙو تحقيق ۽ تنقيد طرف وڌيڪ ٿي ويو آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته وقت به وقت ڪويتائون به لکندو رهي ٿو پر اُنهن جي ڀيٽ ۾ سندس تحقيقي ۽ تنقيدي مقالن جو معيار گهڻو مٿي آهي. سنڌي ادب ۾ سندس مکيه حاصلاتون هن ريت آهن:

**1. قاضي قادن جو ڪلام** (**معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان گڏ**)

سن 76-1975ع واري زماني ۾ هرياڻا لوڪ منچ تي پنڊت راجا رام شاستريءَ کي هرياڻوي لوڪ ادب جي تلاش ڪندي، راٽيلا ڳوٺ مان دادوُ پنٿين جي مٺ مان هڪ گرنٿ هٿ لڳو. جنهن جو نالو هو ”سنتون کي واڻي“. ان ۾ ٻين سنتن سان گڏ سنڌ جي مشهور اوائلي صوفي شاعر قاضي قادن جا هڪ سؤ ٻارهن بيت به درج ٿيل هئا. اِهي ديوناگري لِپيءَ ۾ لکيل هئا. سنڌي ادبي جڳت لاءِ اِها کوج نهايت ئي انقلابي ثابت ٿي، ڇاڪاڻ جو اُن کان اڳ، سنڌي ادبي کيتر ۾ اسان کي قاضي قادن جي فقط ستن بيتن جي ڄاڻ هئي، جن کي سنڌي شاعريءَ جا ست املهه موتي ڪري سڏيو ويندو آهي.

پنڊت راجا رام شاستريءَ ان باري ۾ سنڌي عالمن سان رابطو قائم ڪيو ۽ سنڌي بيتن جي معنيٰ سمجهڻ ۽ شرح لکڻ لاءِ سنڌي عالمن کان مدد گهُري. ڪن ڪيس سنئون مُنهن نه ڏنو ته ڪن ٻين وري وقت نه هئڻ جو بهانو پيش ڪيو. نيٺ اُن پراڻي پوٿيءَ تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جو سهرو هيري ٺڪر جي سِر تي سونهيو. هِن پوٿيءَ جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو. بيتن جون پڙهڻيون مقرر ڪيون، پراڻن ديوناگري نقطن کي سليو بيتن جون معنائون ۽ سمجهاڻيون لکيون. قاضي قادن جي حياتيءَ جو سربستو احوال هٿ ڪري لکيو ۽ هُن جي شاعريءَ جو به جائزو ورتو. اِهو نهايت ئي ڏکيو ۽ اڻٿڪ ڪم هو پر هيرو ٺڪر سنڌرو ٻڌي جو اِن کوجنا واري ڪم ۾ گهڙيو هو سو اُن کي اڌ ۾ ڇڏڻ وارو نه هو. رات ڏينهن هڪ ڪري اِن ڪم کي لڳو ۽ آخر آگسٽ 1978ع ۾ ’قاضي قادن جو ڪلام‘ نالي سان اِهو تحقيقي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيائين. ڀارت جي اُن وقت جي صدر شري نيلم سنجيوَ ريڊيءَ اُن جو مهورت ايوان صدر ۾ ڪيو. هن تحقيقي ڪتاب جو هند کان وڌيڪ سنڌ ۾ قدر ٿيو. ’مهراڻ‘ ادبي رسالي ۾ سنڌ جي اڌ ڊزن کن چوٽيءَ جي عالمن اِن کوجنا جي آجيان ڪندي، اُن تي پنهنجا عالماڻا ويچار ظاهر ڪيا.

هيري ٺڪر جي تحقيق جي اِتي پڄاڻي نه ٿي. هوُ پوءِ به گهڻيئي دفعا هرياڻا ۽ راجستان جي دادو پنٿي مٺن ۾ وڃي اتي رکيل پراڻا دستخط جاچيندو رهيو. نتيجي طور کيس قاضي قادن ۽ ٻين اوائلي شاعرن جا ٻيا به سؤ کن بيت هٿ لڳا. هيري ٺڪر کي گهرجي ته اِهو ادبي سرمايو جلد به جلد ڇپائي ظاهر ڪري. هيري ٺڪر جو لکيل ”قاضي قادن جو ڪلام“ سنڌ ۾ ٻه ٻه دفعا ڇپجي چڪو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به بعد ۾ ڪي بيت هٿ ڪري ”قاضي قادن جو رسالو“ جي نالي سان ڇپايا آهن. هِن اوائلي سنڌي شاعر جي ڪلام تي اڃا به وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

**2. پيرومل مهرچند** (**جيوني ۽ رچنائون**):

هيري ٺڪر جو ٻيو تحقيقي ڪتاب آهي ”پيرومل مهرچند“ جيڪو ساهتيه اڪاڊميءَ ”ڀارتي ساهتيه جا اَڏيندڙ“ واري سلسلي هيٺ 1990ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. پيرومل سنڌي نثر جي مکيه ٿنڀن مان هڪ هو. هن جي وفات کي سٺ کن سال مس ٿيا آهن، پر سندس جيون ۽ ادبي رچنائن جي اسان کي پوري معلومات حاصل نه هئي. جس هجي هيري ٺڪر کي جنهن گهڻي جاکوڙ ڪري، پيرومل جي پونيَن سان ملاقاتون ڪري، هن عالم بابت گهڻي ۾ گهڻي معلومات حاصل ڪئي آهي. اِن کان سواءِ هن پيرومل جا لکيل گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب هٿ ڪري، اُنهن جو تنقيدي نگاهه سان جائزو به پيش ڪيو آهي.

**3. تحقيق ۽ تنقيد** (ادبي مضمون 1997ع):

هيري ٺڪر جي هن ڪتاب ۾ يارهن ادبي مضمون ڏنل آهن. جن جو گهڻي قدر واسطو تحقيق ۽ تنقيد سان آهي. انهن ۾ ”سنڌي ڪافي- اڳي ۽ هاڻي“، ”پراڻن دستخطن جي پڙهڻيءَ جا مسئلا“، ”شاهه لطيف جو پيغام“، ”شاهه سائين جون اُلٽ باسيون“، ”ڀارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو اِستان“، ”قاضي قادن: هڪ مهان يوگي“، ”قاضي قادن جي ٻولي“، ”درويش روحل“، ”ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل تحقيقي ڪاريه“ ذڪر لائق مضمون آهن. سنڌ جي بزرگ عالم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي هي ڪتاب پڙهي اِها راءِ ظاهر ڪئي هئي ته ”هيري ٺڪر هي مضمون پنهنجي مغز جي مِک سان لکيا آهن“. لاشڪ، ڪتاب جو هرهڪ مضمون هيري جي ڳُوڙهي اڀياس جي ساک ڏئي ٿو. هِن ڪتاب تي هيري ٺڪر کي ساهتيه اڪاڊميءَ سال 2003ع ۾ اِنعام عطا ڪيو.

**4. انڊلٺ** (مختلف مضمون، 2008ع):

هِن ڪتاب ۾ نوَ (9) مضمون شامل آهن. جن مان گهڻا اڳيئي ڪن مخزنن يا ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. پهريون مضمون ”فنا ٿيڻ کان بچائي ورتو ساهتيه“ آتم ڪٿا واري طرز جو آهي. جنهن ۾ هيري پنهنجي ننڍپڻ ۽ پوءِ ادبي سفر جو دلچسپ نموني بيان ڪيو آهي. هِن مجموعي جو خاص ذڪر جوڳو مضمون آهي. ”برطانوي حڪومت دؤران بندش هيٺ آندل سنڌي ساهتيه“. هيءُ ڪتاب پڻ هيري جي تحقيقي ۽ تنقيدي پرک جي گواهي ڏئي ٿو.

**5. سگن آهوجا** (جيون ۽ رچنائون، هنديءَ ۾، 2010ع):

هي ڪتاب مشهور سنڌي شاعر ۽ نقاد سگن آهوجا تي، هيري هنديءَ ۾ لکيو آهي. جيڪو ساهتيه اڪاڊميءَ ڀارتي ساهتيه جا اڏيندڙ سلسلي هيٺ شايع ڪيو آهي. هِن ۾ هيري ٺڪر وڏي جاکوڙ سان سگن آهوجا جي حياتيءَ جو احوال ڪنو ڪري ڏنو آهي ۽ پڻ هُن جي شاعري، ڪهاڻين، ناول ۽ تنقيدي رچنائن جي ڪٿ ڪئي آهي. ڪتاب جيترو جلد سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو وڃي اوترو بهتر.

**هيري جا سهيڙيل سنڌي ڪتاب:**

گجرات سنڌي اڪادميءَ هيري ٺڪر کي **”بهترين سنڌي مضمون“** چونڊي، ڪتاب تيار ڪرڻ جو ڪم سونپيو هو. جيڪو هن سال 1990ع ۾ مڪمل ڪري ڪين ڏنو. ڪتاب ۾ ٻاويهه بهترين مضمون آهن. جن مان ڪي اڄ جي زماني ۾ اڻلڀ آهن. ان کان سواءِ مضمون نويسيءَ جي فن ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون جي اوسر تي هيري جو عالماڻو مهاڳ به شامل آهي.

هيري ٺڪر کي سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان 1990ع ۾ ”سنڌي اخبار نويسيءَ جا 125 سال“ ملهائڻ جي موقعي تي رکيل سيمينار جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو. جنهن جو مهورت شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ ڪيو هو. اِهو سيمينار نهايت ئي شاندار نموني هيري ٺڪر ڪري ڏيکاريو. سيمينار ۾ پيش ڪيل مقالا پوءِ هيري ٺڪر ايڊٽ ڪري **”سنڌي اخبار نويسيءَ جا 125 سال“** عنوان هيٺ ڇپايو. سنڌي اخبار نويسيءَ جي اِرتقا تي اِهو هڪ سَندي ڪتاب آهي.

سنڌيءَ جي مشهور اخبار نويس هيرانند ڪرمچند جي جنم ورسي 1989ع ۾ ملهائي ويئي. اُن موقعي تي سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان هڪ سيمينار رکيو ويو. اُن جو ڊائريڪٽر به هيرو ٺڪر هو. سيمينار ۾ پڙهيل مقالا پوءِ هن مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ آندا. جيڪو ڪتاب سال 2000ع ۾ ”سنڌي ٽائيمس“ پبلڪيشن طرفان **”قلم جو سپاهي: هيرانند ڪرمچند“** عنوان هيٺ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هيرانند ڪرمچند جي جيون جي معلومات ڏيندڙ هيءُ نهايت ئي لاثاني ڪتاب آهي.

اِنهن ٻن سيمينارن جي موقعي تي اڻلڀ سنڌي اخبارن، مخزنن جي نمائش به ڪئي ويئي هئي ۽ دور درشن وارن اُنهن جا فوٽا ۽ ٽائيٽل پيج به پيش ڪيا. اُن جو اثر اِهو ٿيو جو سانده هفتو ڪن انگريزي، هندي، گجراتي،

مرائي وغيره اخبارن ۾ سنڌي اخبارن ۽ اخبارنويسن جي آزاديءَ جي ڏن ۽ حصي بابت مضمون شايع ٿيندا رهيا.

انهيءَ سلسلي ۾ هيري ٺڪر آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌين جي حصي بابت وڌيڪ کوجنا جي رٿا کي جاري رکيو. هن کي ڄاڻ پيئي تہ نئين دهليءَ جي نئشنل آرڪائيوز ۾ ۽ لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ ۽ انڊيا آفيس لائبررين ۾ بہ اِن قسم جو مواد محفوظ ڪيل آهي. بس پوءِ تہ هو اُنهن جون فوٽو ڪاپيون هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويو. آخر هِن ويهارو کن ضبط ڪيل سنڌي ڪتابن جون فوٽو ڪاپيون لنڊن مان هٿ ڪيون. اُنهن مان چار ڪتاب (قومي گيتن، ڪهاڻين ۽ مضمونن جا) سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان ديوناگري سنڌيءَ ۾ **"ديايل آواز"** عنوان سان فيبروري 2009ع ۾ شايع ڪيا ويا. اِن سلسلي جو ٻيو ذخيرو بہ جلد ڇپائي پڌرو ڪرڻ گهرجي.

سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان فيبروري 2009ع تي قومي سطح تي هڪ سيمينار ڪيو ويو. اُن دؤران سنڌين جي اڳواڻ جئرامداس دؤلترام تي ۽ قومي هلچل ۾ سنڌين جي حصي تي نمائش بہ رکي ويئي. اُن لاءِ جئرامداس جا نهرو، گانڌيءَ ۽ ٻين ڏانهن لکيل خط پٽ، ناياب فوٽا ۽ ٻي سامگري هٿ ڪرڻ جو ڪم هيري ٺڪر کي سونپيو ويو. جيڪو هُن پنهنجي ساٿي مهيش چاٻڙيا سان گڏجي سرانجام ڏنو. اِن جي نتيجي طور هڪ وڏي نمائش گانڌي سمرتي، نئين دهليءَ ۾ رکي ويئي، جنهن جو مهورت دهليءَ جي وڏي وزير وزير محترمہ شيلا ڊکشت ڪيو ۽ نمائش کي ڏاڍو ساراهيائين. اِن مان ظاهر آهي تہ هيري ٺڪر کي جيڪو بہ ڪم سونپيو وڃي ٿو سو سهڻي نموني سِرانجام ڏيڻ لاءِ، هو ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي ٿو.

1986ع ۾ هڪ ورڪشاپ پراڻين پوٿين (پاندو لپين) کي پڙهڻ جو علم سنڌي ماسترن ۽ شاگردن کي سيکارڻ لاءِ CHD طرفان ڪيو ويو هو. ورڪشاپ جو ڊائريڪٽر هيري ٺڪر کي ڪيو ويو هو. هِن اُن وقت اڃا تازو قاضي قادن جي پُراڻي ڪلام کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو ڪم سِرانجام ڏنو هو. هن ورڪشاپ ۾ ساندهہ هفتو پراڻن دستخطن کي پڙهڻ جي علم جي نوجوانن کي ڄاڻ ڏني ۽ دستخطن پڙهڻ ۾ ڪهڙا مسئلا درپيش اچن ٿا ۽ اُنهن کي ڪيئن حل ڪجي، اُن تي سهڻي نموني روشني وڌي.

**7. ترجما** (Translations):

هيرو ٺڪر ترجمي جي فن ۾ بہ گهڻو ماهر آهي. لڳاتار سٺيهہ کن سال آل انڊيا ريڊيو ۾ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ خبرون، تبصرا ترجمو ڪرڻ جو ڪم ڪيو اٿائين. هيري جو ترجمو ڪيل ڪتاب **"ڪرشن چندر جون چونڊ ڪهاڻيون"** ساهتيہ اڪادميءَ 2010ع ۾ شايع ڪيو آهي. اُن ۾ ڪم آندل سياويڪ ۽ محاوريدار سنڌي ٻولي پڙهڻ وٽان آهي. هِن وقت هيرو ٺڪر **'پوسٽ ماڊرنزم'** گوپيچند نارنگ جي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي.

هيري ٺڪر جي ادبي خذمتن جي قدرشناسي ڪري، هن کي گهڻن ئي ادارن انعام اڪرام عطا ڪيا آهن ۽ سندس سنمان ڪيو آهي. قاضي قادن جي ڪلام تي سندس تحقيق جي قدرشناسي ڪندي، 1996ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪلهوڙا انٽرنئشنل ڪانفرنس وقت سندس دستاربندي ڪئي ويئي (پڳ پهرائي ويئي). اُن وقت مان بہ ساڻس گڏ اُتي هوس. ساهتيہ اڪادميءَ 2003ع ۾ کيس ايوارڊ ڏنو ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي سال 2005ع ۾ کيس شاهہ لطيف ايڪسيلنسي ايوارڊ ڏنو. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ هيري ٺڪر ادب ۾ شروعات شاعريءَ سان ڪئي، پر هِن وقت هو کوجنا، تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ هڪ اهميت ڀريو نالو آهي. اُميد تہ هُو پنهنجي قلم جي ذريعي سنڌي ادب کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ مالامال ڪندو رهندو.

# ڀني ـ ڪڇ ۾ شاهه پنائي گهوٽ

ـ ڊاڪٽر چيتنو لالواڻي

شاهه لطيف صرف سنڌ ۽ ڪڇ جو نه، پر عالمي مهان سنت ۽ شاعر طور مشهور آهي. شاهه لطيف تي جيترو حق سنڌ جو آهي، اوتروئي حق ڪڇ ـ گجرات جو به آهي. ڪڇ ۾ اندازي موجب هزار کن ڳوٺ آهن. انهن مان هڪ به اهڙو ڳوٺ نه هوندو، جتي لطيف جون ڪافيون/ وايون نه ڳايون وينديون هجن. ڀني (ڪڇ) ۾ ٽيندڙ مچ ڪچهرين ۽ محفلن جو مور پڻ لطيف سائين ئي پئي رهيو آهي.

ڀني، ڪڇ جي اُتر ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاهه وارو علائقو آهي، اُتر آمريڪا جي پريج، روس جي سوٽيز ۽ ڏکڻ آمريڪا جي پمپاج جهڙن اوچ گاهه وارن ميدانن وانگر ڀنيءَ جي ڳٽپ پڻ اوچ ڪوٽيءَ جي چراگاهن ۾ ڪري سگهجي ٿي. ”ڀنئي“، جنهن جو سڌريل نالو ”ڀني“ آهي، ان جي معنيٰ آهي، ”پشو ڌن جو پرديش“ (چوپائي مال جو علائقو). هن علائقي ۾ 23 قسمن جو گاهه پيدا ٿئي ٿو جيڪو چوپائي مال لاءِ بهترين خوراڪ آهي. هتان جي گاهه مان جاين جوڙڻ جو سامان پڻ ملي ٿو ته وقتي اهو انساني کاڌي طور پڻ ڪم اچي ٿو.

ڀني ڪڇ کي مليل قدرت جي انوکي سوغات آهي. هيءُ علائقو نکتراڻا، ڀڄ، انجار تعلقي جي اُتر ۾ 2144 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي آهي، جنهن ۾ 40 ڳوٺ اچي وڃن ٿا. ڪنهن زماني ۾ سنڌ وندي هتان وهندي هئي. ڀني، سنڌ جي سرحد کان 20–25 ميل پري ڏيپلي ۽ راهمڪي بازار کان 40–50 ميل، سمانگر يا سوميءَ جي ڪنڊرن کان 40–50 ميل پري آهي. ڀنيءَ جي خوشحاليءَ جو ذڪر هڪ شاعر هن ريت ڪيو آهي:

ڪڇ جي رڻ ڪنڌيءَ مٿي، نيلي ڀني نيار،
نيلا نيش نواڻ ني، گاهه نيلا گلزار،
ڳايون، ميبون متاريون، گيهه ني کير اپار،
پروڦتي پريات ۾، چايه ڪري چمڪار.

ڀنيءَ کي اُتر طرف ’ڪريڙ‘ ۽ ’ٻيلو‘، اُتر اولهه طرف ’پچم‘، ’پانور‘ ۽ ’ڪاٽرڙو‘ بيٺ آهن. شاهه صاحب، ڀني ـ ڪڇ ۾ جيڪي ڪيرو جهرو هَبو لوٺو جبل آهن، اُنهن ۽ ٻين علائقن جو ذڪر پنهنجين رچنائن ۾ ڪيو آهي:

اَبڙو اگهامن ۾، سپڙ جيئن ’ٻيلي‘،
سي پٽ ڪنهن نه پوريا، جي ٿو پر پيلي،
سجڻ سانوڻ مينهن جئن، رُجون ٿو ريلي،
اچڻ جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏٿي.

ـ

ڪري آس اپار، پاريءَ جهليو نه رهي،
ٻيلي ۽ گرنار، اُنو گنگا جر جکرو.

ـ

راءُ سين رُنا جي، تن جاڙيجن جاڙ ڪِي،
ڪيئن ماڻيندا سي، چوڏهن چارو ڪچڙو؟

ـ

ڪريڙ پون ڪري، پاڻ پير ڏکويا پهٽين،
ڪڙيائي کيل ڪري، اپوئي آهي،

لاکو ’لوٽي‘ آيو، ’هبي‘ پيئي هاڪ،
’پانور‘، ’ڪنا‘ پچمڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ،
’ڪيرا‘ تون نيروٿئين، تنهنجي ٻني چڙيَ ٻهڪ، (ٻاڪ)
اُنيون ۽ عراق، گڏيا تان گهڻا ٿيا!*
(سر ڏهر)

قديم دؤر ۾ ٻني، سنڌ سان شامل هئي. اُن وقت چاهي جديد دؤر ۾ ٻنيءَ يا آس پاس واري پرڳڻي مان ڪو شخص ڪڇ جي ڏاکڻي يا اولهہ طرف ويندو آهي تہ چوندا آهن ”سنڌ مان فلاڻو ماڻهو آيو آهي“. يا ”چوندا اڙي وانجي هيءُ پڻ سنڌ کان آيو آهي“. يا ”اسان جي سهر (شهر) ۾ اڄ سنڌي آيو آهي.“ ’ٻنيءَ‘ جو ذڪر شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو آهي:

’ٻنيءَ‘ ٻهڻ نہ ڏي، جهري ويئي ’جهوڪ‘،
’لوٽي‘ مٿان لوڪ، لاکي لک لڏائيا.
(سر ڏهر)

پٽ ڌڻي شاهہ عبداللطيف پڻ لس ٻيلي کان ٿيندو ڪڇ پهتو هو. ڪڇ جا جت، پٽ ڌڻيءَ جا سچا شيدائي آهن. شاهہ صاحب لاکي ڦُلاڻي ۽ جکري کي پنهنجي ڪلام ۾ درج ڪيو آهي. گڏوگڏ ’شاهہ جي رسالي‘ ۾ ڪڇ جون تاريخي ڪٿائون (ڪهاڻيون) بہ آهن. تہ وري ڪڇ جي مشهور تيرٿ ڌام ’نارايڻ سروور‘ ۽ ’ڪوٽيشور‘ هنڌن جو ذڪر بہ آهي. شاهہ صاحب کي هندو- مسلمان لاءِ ڪوبہ ڀيدڀاو ڪونہ هو.

* شاهہ جي رسالي، قليچ بيگ ۾ تين سٽ ڏنل نہ آهي.

شاهہ صاحب بہ ڪڇ جي لوڪ ڪهاڻين کي پنهنجي ڪلام ۾ اوتيو آهي. سو بہ ڪڇ جي حب، سڪ ۽ قرب وچان. شاهہ صاحب لاکي جي لکي گهوڙيءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

لاکو لکيءَ تي چڙهيو، ’لکي‘ لاکي هيٺ،
سونهريون سِر ڪيو، پيڙي ٻڌي ٻيٺ،
ڪندو ڏمر ڏيٺ، سيان ساڻ سڀ کهين.
(سر ڏهر)

لاکي جو اوڏن لاءِ ڪافي پيار هو. جنهن جو ذڪر شاهہ صاحب هن ريت ڪري ٿو:

اڏيو جو اوڏن، سو شل ڏِنگر ڊِلو مَ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄام سين.
(سر ڏهر)

ڪڇ ۾ ڏُڪر واريون حالتون رهنديون آهن. هتان جو جيون ڏکين حالتن ۾ بسر ٿيندو آهي. پر وقتي برسات جي مند ۾ ڪي ڪکر اچي ڪڇ تي بہ وسڪارا ڪندا آهن. جن کي شاهہ صاحب ياد ڪندي چوي ٿو:

موٽي ماندڻن جي واري ڪيائين وار،
وِڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار،
ڪنين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير ٻڪار،
ڪنين ڀُڄُ ڀڄائيو ڪنين، ڍٽ مٿي ڪئي ڍار،
ڪن اچي عمر ڪوٽ جا، وسايا ولهار،
سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

’جکرو‘ سنڌ جي راجائي ڪُل مان اُوڍي جو سپوت ۽ هوٿل پدمڻيءَ جي جگر جو ٽڪر هو. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

جکرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي خان،
مِٿي اِن مڪانَ، اصل هئي ايتري.
(سر ڏهر، فصل ٻيو)

–

جکرا جيئين شال، تنهنجو ڳنين مندو مَرسُٽان،
جئن تو اچي ڪال، نالائق نوازيا.
(سر ڏهر، فصل ٻيو)

شاهه صاحب جکري جي ڀيڻ ”سر“ کي ٻه نه وساريو آهي:

سونهن وڃايم سومرا، ’سر‘ ڏڙي سونهن،
دل ۾ دکيم دونهن، منهنجو مُنهن ميرو ٿيو.
(سُر مارئي)

نارايڻ سروور ڪڇ جي اولهه طرف لکپت تعلقي ۾ قديم تيرٿ آستان آهي. هن مندر ۾ لڪشمي نارايڻ، آدي نارايڻ، گووردن ناٿ، دوارڪاناٿ، مهالڪشمي وغيره جون مورتيون رکيل آهن. شاهه صاحب جوڳين سان گڏ ان پوتر جڳهه جي زيارت ڪرڻ آيو هو. هن نارايڻ سروور جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ شاهه صاحب هن ريت ڪيو آهي:

منجهئين بابو ٻِڪيا، منجهئين ’نارائڻ سر‘،
بستي ڏور مَ ٻر، تون خود آهين ٽڪيو.
(سر رامڪلي)

سنڌ جو سيلاني ڀٽائي گهوٽ، ڪوٽيشور جي زيارت لاءِ پڻ ڪهي ويو هو. اُتي جوڳين ۽ ڀيوتين جي حالت اهڙي ته وڻيس، جو چيائين:

اوڏو آهي الله، ڪوٽي سور جي ڪنڌ ۾.
(سر رامڪلي)

شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ شاهه جو خاص خليفو تمر فقير پڻ ڪڇ پهتو ان بعد پيرپاون علي شاهه ’ساقي‘، محمد شاهه جيلانيءَ، منو شاهه سيراڻويءَ، حاجي پيربخش فاروقيءَ، سائين پير علي شاهه جيلانيءَ پڻ ڪڇ تان پيرا ڪيا. شاهه صاحب جي ڪلام کي ڪڇ ۾ لوڪپريه بڻايو. هنن ڪڇ جون يادگيريون پنهنجي ڪلام ۾ قلم بند ڪيون.

شاهه صاحب جا ڪجهه قلمي نسخا هن ريت آهن:

(1) گنج، ڀٽ شاهه وارو (2) ٻُلڙيءَ وارو (3) احمديءَ وارو (4) ابراهيم شاهه وارو (5) پير منڱل شاهه وارو (6) جمعي فقير وارو (7) فقير حسين وارو (8) خيرمحمد وارو (9) سيد دولت علي شاهه وارو (10) رمضان جت وارو (11) شيرمحمد شاهه وارو (12) مير علي احمد ٽالپر وارو (13) غلام تقيءَ وارو (14) ماستر محمد قاسم وارو (15) محمد عمر گهڙي وارو (16) لونگ فقير وارو (17) ٺوڙهي لٺي (ڪڇ) وارو (18) مائي ملئي نعمت وارو (19) مير عبدالحسين سانگيءَ وارو (20) مولوي احمد جت وارو وغيره.

(حوالو ”نئين زندگي“ رسالو جولاءِ 1962ع، صفحو 19)

نکتراڻا تعلقي جي ٻنيءَ جي هڪ ڳوٺ نندي ڀٽاريءَ ۾ صاحب عبدالله طالب ڏٺيءَ پرتي جت وٽ 1915ع هجري سن 1336ع ۾ لکيل شاهه جي رسالي جو دستخط آهي. اُن جي هڪ ڪاپي دائودپوٽي وارا سنڌ کڻي ويا. اُن ۾ شاهه صاحب جا اندازاً 15686 بيت درج ٿيل آهن. اُن رسالي تان ڪجهه وقت اڳ سنڌ مان آيل ٽن فقيرن اٽڪل ٻه

هزار کن نوان بيت، ڪافيون/ وايون اُتاري هڪ ڪتاب شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچيءَ طرفان ڇپايو آهي، جنهن جو نالو آهي، ’املهه اڻ توريا‘.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته،

”لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ رکيل شاهه جو قلمي رسالو ۽ انڊيا آفيس ۾ رکيل ٻيو قلمي نسخو اِهي ٻئي دستخط، ڪڇ جي پاسي جا آهن.“ (حوالو: ”نئين زندگي“، رسالو)

عثمان راهمون، ويڻل ڪوٽڙو، مڙه وارو (تعلقو لکپت) جنهن وٽ اِهو قلمي نسخو هو اُن سان گڏ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، جنهن مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽي جي مرتب ٿيل شاهه جي رسالي جي ترتيب جو ڪم ڪيو اُن مٿي ذڪر ڪيل شاهه جي قلمي نسخن جي ياداشت ڏني آهي.

اِن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته ڪجهه قلمي نسخا ڪڇ پاسي جا آهن. ان ڳالهه تان اِهو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻني، ڪڇ، گجرات، سوُراشٽر، ڪاٺياواڙ شاهه صاحب جي ڪلام کي گهڻو گهڻو ڳايو آهي. ڪڇي لوڪ ادب جي عالم جناب دُليراءِ ڪاراڻيءَ ’شاهه جي رسالي‘ کي گجراتي ٻوليءَ ۾ آڻي شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهه جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾، البت گجراتي لپيءَ ۾ درج آهي، پر ان جي معنيٰ گجراتيءَ ۾ ڏني وئي آهي.

گجراتيءَ ۾ شايع ٿيل شاهه صاحب جي ڪلام کي ڪٺي ڊاڪٽر دشرٿ پائي نڪر، ”شاهه عبداللطيف“ (جيون ۽ رهسيه درشن) عنوان سان هڪ تحقيقي ڪتاب 1992ع ۾ گجراتيءَ ۾ شايع ڪيو آهي ۽ شاهه صاحب سنڌ، ڪڇ، گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ افغانستان جي جن جن علائقن جي زيارت ڪئي هئي، اُن جو نقشو پڻ ڏنو آهي. صوفي عشق کي پيش ڪندڙ شاهه صاحب جون لوڪ ڪٿائون، سهڻي ميهار، سسئي پنهون، مومل راڻو راءِ ڏياچ، گجراتيءَ ۾ سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنيون ويون آهن. ڊاڪٽر نڪر هن تحقيقي ڪتاب جوڙڻ ۾ گجراتيءَ جي 40، سنڌيءَ جي 3، هنديءَ جي 32، سنسڪرت جي 11 ۽ انگريزيءَ جي 215، جملي 301 ڪتابن جي مدد ورتي آهي. جن جو ضميمي ۾ ذڪر ڪيل آهي.

’املهه اڻ توريا‘ ڪتاب ۾ شاهه صاحب جا ڏنل ڪجهه بيت هن ريت آهن:

1. ٽر گجيو بر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واهه تنين جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.
2. ڪو جو وريو واءُ، واس وٿاڻن ڇڏيو،
گهوريو گهوريو ساهه، مٿان ساهڙ جندڙو.
3. ساهڙ ڏاران ساهه، رهي نه رتيءَ جيترو
مون کي محمد مير جو گهٽ منجهارا گهاءُ،
اونهو وڃي اوڙاهه ڪيئن ٻڌنديس ڪڏهين.
4. پانڌي پُڇ پرينءَ کي، قدم پير ڌري،
پنهون پير پري، ڌرج جنازو جبل تي.

(ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“، صفحو 55_54، سال 2002)

ڪڇي ادب ۾ جيڪو گهڻي ڀاڱي گجراتي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل آهي، شاهه صاحب کي ڪڇ جو ’سرتاج شاعر‘ ڪري سڏيو ويو آهي. ”ڪڇ ني جهوني وارتائون“ (1928) ۽ ”ڪڇ ني رس ڌارا“ (1952)، جيورام اجرامل گوا، ”ڪڇ ني رس ڌار“ (1927) جيرامداس نئه گانڌي، **ڪڇ ني رس ڌارا**، چار ڀاڱا (78، 76، 74، 1972) دليراءِ ڪاراڻي، ’ڪڇ

ني لوڪ ڪٿائو' (1929) لالچي موڙجي جوشي، 'ڪڇ لوڪ ني لوڪ وارتائو' (1943) 'ڏونگر شي ڏرمشي سنپت'، 'ڪڇ نون لوڪ ساهتيه' (1965) 'ڪڇ نون ووڌ لڪشي لوڪ ساهتيه' (1979)، 'ڪڇ نا لوڪ ساهتيه مان پريم ڪٿائو' (1984)، دليراءِ ڪاراڻيءَ جي قلم بند ڪيل ڪتابن ۾، شاهه صاحب جون رسالي ۾ درج ڪيل جدا جدا لوڪ ڪٿائون شايع ڪيل آهن. 'دليراءِ ڪاراڻيءَ جا ٽي جوڙيل 'ڪڇ نا سنتو' (1950، 1979، 1976) ۽ 'ڪڇ نا سنتو ۽ ڪوئيو' (1947) ڪتابن ۾ پڻ شاهه صاحب جو ذڪر آهي، اُن جو جيون چريتر ڪلام سان گڏ درج ڪيل آهي. راڻا منگل سنگهه پڻ 'ڪڇ نا سنتو' ڪتاب (1958) شايع ڪيو آهي، اُن ۾ پڻ شاهه صاحب جو ذڪر موجود آهي. ڪرشن داس ماڻيڪ **'سنڌي ني پريم ڪٿائو'** نالي ٻه ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن ۾ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ لوڪ ڪٿائن کي کڻي شاهه جي سورمن ۽ سورمين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. 'دودي چنيسر' جي ڪٿا جي سنڌيءَ ۽ ڪڇيءَ ۾ ساڳي روايت ملي ٿي. سنڌي لوڪ ڪٿا جتي پوري ٿئي ٿي، ڪڇي لوڪ ڪٿا 'ابڙو اينگ' اُتان کان شروع ٿئي ٿي. گجراتي لوڪ ادب جي ودوان جهوير چند ميگهاڻيءَ پڻ ڪن لوڪ ڪٿائن کي پنهنجن ڪتابن ۾ درج ڪيو آهي. شاهه صاحب جي لوڪ ڪٿا 'سسئي پنهون' کي کڻي ڪڇ جي اسماعيل مولويءَ 'سر سسئي' نالي ۽ ڪرشنداس ماڻيڪ 'چارڻ ٻيچل راءِ ڏياچ' کي ننڍي ناول جي روپ ۾ شايع ڪيو آهي. شاهه جي رسالي تي آڌارت هئڻ جي باوجود هنن ڪهاڻين ۾ ڪجهه تفاوت نظر اچي ٿو.

سنڌي ۽ گجراتيءَ جي برک اديب جينت ريلواڻيءَ پڻ شاهه صاحب کي کڻي گجراتيءَ ۾، (1) شاهه لطيف (جيون چريتر)، (2) سنڌو تارا وهتا پاڻي، (3) ڪڇ سنڌ نا سنتو (4) رهسيه وادي صوفي سنتو ۽ (5) ڪڇڙي سنڌو نير- ڪتابن ۾ شاهه صاحب جو ذڪر ڪيو آهي. هن بندي (ڄيني لالواڻيءَ) پڻ گجراتيءَ ۾ پنهنجي لکيل ڪتاب 'سنڌو نو وهيتو نير' (2003) ۾ شاهه صاحب جي لوڪ ڪٿائن جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ منهنجي جنم ڀومي رهي آهي ۽ ٻني منهنجي ڪرم ڀومي. هتان جي زيارت ڪندي مون محسوس ڪيو آهي ته ڪڇ ۾ برسات جي ڏاڍي اهميت آهي. جڏهن برسات وسندي آهي، تڏهن ٻني (ڪڇ) خوشين ۾ جهومڻ لڳندي آهي. ٻنيءَ جي لوٽي ڳوٺ ۾ هڪ ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئاسين، اچانڪ ڪڪر ڪڙڪيا، کنوڻ کِجي، مينهن وسيو. ڀونگي ۾ ويٺل سڀ فقيراڻي جت وٺي ڀڳا پنهنجن گهرن ڏانهن. عجيب تماشو هو. مون هڪ جت کان پڇيو "ڀائي ڳالهه ڇا آهي؟ ڪچهري اڌ ۾ ڇڏي سڀ ڇو ڀڄي ويا؟"

ڇيائين: "ادل مينهن پوڻ شرط گهر پهچڻو پوي ٿو. اگر دير ڪنداسين ته اسان جون زالون ويڳاڻيون ٿيو پون". ٻِئي جت شاهه صاحب جو بيت جهونگاريو:

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيا.
(سُر سارنگ)

سڄي رات برسات وسندي رهي. فضا ۾ ٺڏڪار ڇانيل هئي. صبح سوير جڏهن اسين ڀونگن کان ٻاهر نڪتاسين، تڏهن ٻنيءَ جي

سڪل زمين تي ساوا ساوا سلا ڦٽي نڪتا هئا. ماڪ، موتين جي داڻن جيان چمڪي رهي هئي ازخود هڪ جت جي منهن مان نڪتو.

پيئي جا پرڀات، سا ماڪَ مَ ڀانيو ماڻهئا،
روئي ڇُڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.•
(سُر ڏهر)

شاهه صاحب جو ڪلام ٻني ڪڇ ۾ هر هنڌ، هر موسم ۽ هر خوشيءَ جي موقعي تي جهونگاريو ويندو آهي. اُتي اهڙي ڪابه ڪچهري نه هوندي آهي، جتي شاهه صاحب جي ڪلام جي پلٽ پلٽان نه ٿيندي هجي. ڪچهري جڏهن مچندي آهي، تڏهن سگهڙ هڪ ٻئي کي ڳجهارتون ۽ پروليون ڏيڻ به شروع ڪندا آهن. جن ۾ گهڻيون ڳجهارتون شاهه جي رسالي جي سُرن تي آڌارت هونديون آهن. سر سسئي، سر مارئي، سر سهڻي ميهار، سر مومل راڻو سر ليلا چنيسر، سر سورٺ تي آڌارت انيڪ ڳجهارتون شايع ڪيل ڪتابن "ڳجهارتون" (1990) (سمپادن: ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ لالجي همٿوجي سوٿهڙ) ۽ "ڳجهارتون" (2012) (مرتب: ڪلاڌر متوا) ۾ درج ڪيل آهن.

ٻنيءَ جي سگهڙن لاءِ پڻ شاهه صاحب اتساهيندڙ رهيو آهي، جن شاهه جي انيڪ سُرن کي ڪٺي قصا جوڙيا آهن. ڇڳي جت جو "سسئيءَ جو قصو"، "نوري ڄام تماچيءَ" حاجي ولي محمد پٽ حاجي مطلب جو "شاهه لطيف جو جيون سنديش" حاجي سليمان جت وغيره جون رچنائون ڪوتا ۾ ملن ٿيون.

(حوالو ٻنيءَ جا ٻول، جتن جا قول- سال 1990، سموهيندڙ حاجي سليمان جت).

• نوٽ: هي بيت شاهه جو نه پر مخدوم نوح جو آهي (ادارو)

ٻني (ڪڇ) ۾ داستان مارئي- ٿيهه اکري – ٿيهه راتيون، "مارئي جون ٿيهه تاريخون" (ڳائيندڙ سگهڙ لالجي همٿوجي سوٿهڙ) پڻ ڪچهرين ۾ ڪافي موج مچائيندو آهي.

(حوالو: ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت: 2002).

'ڳيچن' ۾ ڄام چنيسر، سسئي پنهون، عمر مارئيءَ جو ذڪر، سر سسئي پنهون: جوڙيل سانوڻ فقير ڪان سواءِ سر ساموندي (وڻجارو) گيت پڻ ملن ٿا. مارئيءَ جا ڏور بيت پڻ فضا ۾ گونجندا رهن ٿا.

ٻنيءَ جي ڪچهرين ۾ شاهه جا ڪجهه بيت هن ريت پڻ ٻڌڻ لاءِ مليا:

(1) سر نسريا پانڌ، اُتر لڳا، آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ، ڪانڌ، سهين سڪائون ڪيون،
(2) وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي‌ءَ وَلات ۾، ذرو ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هلاءِ، آڳهه جنهن جي اُبهَين.

ٻنيءَ جا جت اڪثر ور ور ڪي پيا گُنگنائيندا آهن:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسُئي تان سور هئا!

ٻني- ڪڇ محبتون ونڊيندڙ علائقو آهي. سنڌ واري مهمان نوازي، خوش خير عافيت، پاڪُر ۽ پڇڻ جو ڍنگ، جيئن جو تيئن قائم آهي. پٽائيءَ جو ڪلام شفاف ۽ نرمل جل جي چشمي مثل آهي. سندس پيغام ۽ فلسفو سيني حدن ۽ سرحدن کان مٿي بنا پاسپورٽ، ويزا جي پرواز ڪري پهچي ٿو. شاهه جو ڪلام حب وطن جو پيغام ڏئي ٿو. چيو ويندو آهي ته جواهر پاڻ به سونهن واري

شيءِ آهي. پر سون ۾ مڙهجڻ سان اهو اڳي کان وڏيڪ سهڻو ٿي پوي ٿو. ساڳي ڳالهہ شاهہ پٽائيءَ سان بہ آهي. سندس شاهي تاب اڳيان سمورا ٽمڪندڙ تارا گم ٿي ويا آهن. ٻني (ڪڇ) ۾ شاهہ جو ڪلام پڙهڻ کان وڏيڪ ڳايو ويندو آهي، اهو ٻنيءَ ۾ جديد اثرن کان بلڪل آجو آهي.•

• هن مضمون ۾ شامل شاهہ جا اڪثر بيت شاهہ جي رسالي، قليچ بيگ ۽ ٻين ۾ موجود آهن، پر ڪي شايد ڪڇي روايت ۾ ملن ٿا، جيڪي فاضل ليکڪ ڏنا آهن. (ادارو)

## بندَرَ مُون ڏُور ٿيا...

_ قاسم علي شاهہ

سنڌ ٽن تهذيبن ڪي پاڻ ۾ سمايو آهي، اُهي درياهي، سامونڊي ۽ جابلو تهذيبون آهن. ان ڪري اوائلي سنڌ کي 'تهذيبن جو مادرِ وطن' سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪيس دنيا ۾ ممتاز حيثيت حاصل آهي. سنڌو ماٿر تي تحقيق ڪندڙ دنيا جِي اعليٰ يونيورسٽين جا مڃيل اسڪالر، سنڌو ماٿر تي سوين تحقيقي مقالا، مضمونَ ۽ ڪتابَ لکي چڪا آهن. بنيادي طور سمجهيو ويو آهي تہ سنڌو تهذيب جا اولين وارثَ زرعي ۽ واپاري سماجن سان لاڳاپو رکندا هئا. سنڌوءَ جو سماج زرعي بہ هو تہ گڏوگڏ واپاري سماج بہ هو. هن سماج ، متمدن شهري زندگيءَ جو آغاز ڪندي، ترقي پسند معاشري جو پايو وڌو هو. سنڌو ماٿر جي تهذيب کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ آڳاٽِي سنڌو لکت جي پاڃ (Code Break) ڪئي وڃي . سنڌوءَ جي زرعي سماج بابت تہ اسان کي اڳواٽ خبر آهي، پر سنڌو ماٿر جِي ڏيساور جي ملڪن سان ٿيل تجارت بابت تاريخي دستاويزي ثبوتَ وچ ايشيا جي ملڪن ۽ روس جي ڪُتب خانن ۾ ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ پڻ موجود آهن. محترم تاج صحرائي ۽ ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي هِن راءِ جا هئا تہ اولين سنڌوماٿر جا واپاري 'پَڻِي لوڪ' هئا، جن کي دنيا فنيقي(Phoenician) جي نالي سان سڃاڻي ٿي ۽ رِگويد واري زماني ۾ 'پڻي لوڪ' غورابن سان مال ڀري، سمنڊ جهاڳي، ڏيساور ڏي ڌن ڪمائڻ ويندا هئا، سي ، يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ وڻجارا هئا. سامونڊي رستن جي کوجنا کان پهرين، هِتان جي وڻجارن زميني رستن کي پنهنجي واپاري هلچل لاءِ ڪتب آندو، هُنن سڀ کان اول مصر ۽ بابل کي پنهنجي واپاري سرگرمين جو مرڪز بنايو ۽ هِتان جو جڳ مشهور اُٽيل ڪپڙو" سِنڌن". هُتان جي بازارن ۾ متعارف ڪرايو. هِتان جي لوڪن تجارتي مُسافريءَ سان گڏ پنهنجي تهذيب، رسم و رواجَ ، سوچُن،

خيالن ۾ مهارتن ڪي بہ هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ پهچايو هوندو . عرب خلافت جي اقتدار دوران، ديبل بندر جي تباهيءَ کان پوءِ، سنڌو درياهہ ۽ سمنڊ جي سنگم تي هڪ نئون بندر وجود ۾ آيو جنهن کي 'لاڙي بندر' جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هِتان جي ماڻهن ۾ سِيني دَر سِيني اڃا بہ اهڙيون روايتون هلن ٿيون، جن مان اهو انومان ڪري سگهجي ٿو تہ لاڙي بندر(ٺٽي) ۾ ملتان جي وچ ۾ سنڌوءَ جي ذريعي، ٻيڙين وسيلي تجارتي سامان جي سوداگري ٿيندي هئي. اُن زماني ۾ ٺٽي ننگر کي مرڪزي اهميت حاصل هئي، لاڙي بندر (ٺٽي) ۾ چين جو ريشم - شاهراهِ ريشم جي ذريعي ملتان کان ٿيندو لاڙي بندر ايندو هو جتان پوءِ اهو ريشم روم طرف روانو ٿيندو هو. سنڌ ۽ ملتان جا آڳاٽا تاريخي لاڳاپا نهايت قديم آهن. ڪجهہ وقت ملتان سنڌ جو حصو بہ رهيو آهي. ملتان جون قديم قومون لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيون هيون ۽ سنڌ جا وڻجارا ۽ واپاري، جڏهن ممبئيءَ ويندا هئا تہ اُتان جا ماڻهو کين 'ملتاني' ڪوٺيندا هئا. مشهور روسي تاجر آفناسي نڪيتن وولگا ندي ۽ ڪئسپين سمنڊ جي سنگم تي واقع آستراخان شهر کان سن 1466ع ۾ برصغير جو سفر ڪيو هو ۽ هو دابول (ديبل؟) کان ٿي، پنهنجي وطن روس روانو ٿيو هو. جنهن جو تفصيلي ذڪر هُن پنهنجي ڪتاب: " ٽي سمنڊ پار" ۾ ڪيو آهي.

سوين ڪتابن جا هزارين ورق ورائي، پنهنجِي محبوب ٻوليءَ جو مشاهدو ڪندي، جڳ سڃاڻ عالم، ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي تہ "لاڙي بندر ۽ سنڌ جي ٻين بندرن تان ايراني نار، بصرَي، ڪانگو( بندر عباس) بحرين ، سورت، لکپت، چين، بنگال ۽ لنڪا ڏي سنڌ جو واپار هلندڙ هو ۽ مال جي مٽاسٽا ٿيندي هئي."

انهيءَ دور جو پختو ۽ اکين ڏٺو ثبوت شاهہ جي ڪلام مان ملي ٿو. لطيف جا هيٺيان بيت مٿينءَ ڳالهہ جو دليل آهن.

سودي ڪارڻ سنبهيون، ويهون وڻجارن،
ويا چين بنگال ڏي، رکي ماڻڪ من.

-

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوهريا،
سٽي سون لنڪا جو سک نہ سامونڊين.

-

هتي جا هندو واپاري ۽ تاجر هرات رستي قنڌار مشهد، قذوين، تبريز ۽ ڪئسپين پار وولگا نديءَ جي ڪناري استراخان ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان شڪارپور کان ملتان رستي، ڪابل، بلخ، سمرقند بخارا ويندا هئا. جن ۾ اسماعيلي خواجن واپارين جو چڱو چوکو تعداد هوندو هو.

"سن 1636ع تائين لاڙي بندر هن خطي جو مکيہ بندر هو جتي 200 کان 300 ٽنن جا بار کڻندڙ جهاز اچي بيهندا هئا. سترهينءَ صديءَ جي وچ واري عرصي ۾ وڏي ٻوڏ ۾ درياهہ جي لٽ جي ڪري، هِيءُ بندر پنهنجِي شهرت وڃائڻ لڳو".لاڙي بندر جي لَٽجڻ سبب سنڌو نديءَ جي ذريعي، ملتان ۽ ٺٽي وچ ۾ ٿيندڙ تجارت بند ٿي ويئي ۽ ملتان جو تجارتي اوج ختم ٿي ويو. نئين تجارتي مرڪز شڪارپور جو پايو پئجي چڪو هو. هن شهر کي دُراني سلطنت جي حمايت حاصل هئي. ملتان جا واپاري پنهنجي مڏي ملتان مان پٽي، اچي شڪارپور ۾ وارد ٿيا. قنڌار کان ايندڙ واپاري قافلا سڀ کان پهرين اچي شڪارپور ۾ ديرو ڄمائيندا هئا . ڊاڪٽر ايس پي ڇپلاڻي، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ هن طرح لکيوآهي تہ " سنڌ، واپار جي رستن جي وچ تي هجڻ ڪري صدين کان" مشرق ۽ مغرب" کي ڳنڍيندڙ ذريعو پئي رهي آهي، هزارين سالن کان سنڌ - تهذيبن جو ورهاست گهر - رهي آهي. سوين اٺن جا قافلا قطار در قطار، مختلف قسمن جي مال سان سٿجي ايندا هئا ۽ جيڪي آڻيندا هئا، سو لاهي ويندا هئا، موٽ ۾ وري سنڌ اندر تيار ٿيندڙ مکيہ شين سان پُرجي ويندا هئا. البيروني لکي ٿو تہ اسين پنهنجي، ملڪ: ترڪستان ۽ سجستان مان لنگهي، سنڌ ۾ پهچندا هئاسين. خراسان، عرب، ايران، ترڪي، ايشيا مائنر، چين، مغربي يورپ سان سنڌ جا گهاٽا تجارتي لاڳاپا هئا. وچ ايشيا سان واپار هڪ شاهي رستي

ذريعي ٿيندو هو، جو بکر کان شروع ٿي، سليمان ـ هالار جبلن جي قطار جي آسان لڪن وچان "بولان دَرَي" مان لنگهي قنڌار، هِرات، مَروِ کان ٿيندو، ترڪستان ۾ اچي ختم ٿيندو هو". ان دور ۾ شاهراهِ ريشم جي مرڪز تي آباد شهرَ سمرقند، تاشقند ۽ بخارا ريشم جي مالَ سان ڀريا پيا هوندا هئا. ريشم جي هاڪ مُلڪان مُلڪ مشهور هئي، انهن ڏينهن ۾، ريشم جو واپار چين جي شهر شِيان کان ترڪيءَ جي شهر استنبول تائين ٿيندو هو. شيان ۽ استنبول درميان ساري رستي کي شاهراهِ ريشم جي نالي سان سڏيندا هئا. ريشم جي تجارت کي هٿ ۾ ڪرڻ لاءِ، هِتان جي سنڌي وڻجارن مشرق کان مغرب جو اٽانگو سفر ڪرڻ لاءِ سوچيو. ڏکيون راهون، اوچا جبلَ، پاڻِيءَ جي اٽاٽ، سفر ۾ راهزنن جا خوفَ بہ، وڻجارن جي همتَ ۽ حوصلن کي خطا ڪري نہ سگهيا. سوين اُٺن جا قافلا ڪاهي، ويران بيابانن ۽ تَپندڙ صحرائن کي پار ڪري، پاڻيءَ جي قدرتي چشمن تي آباد ٿيل شهرن سمرقند، تاشقند ۽ بخارا پهچندا هئا، جتي ڀانت ڀانت جا سوداگرَ ڏسبا هئا ۽ هنن رونق ڀريل شهرن ۾ وِيهارو کن ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون. ڇاٽايل شهرن جي دولت مان خوبصورت محل ماڙيون اڏجڻ لڳيون؛ انهن ۾ آسمانيءَ ۽ گلابي رنگ جي ڪاشِيءَ جو استعمال ٿيڻ لڳو، سنهري اُڀن گول ڪالمن جي اڏاوت عمل ۾ آئي، ارغواني محرابي دروازن ۽ درين تي بلوري شيشي جي چٽسالي ۽ چترڪاريءَ سان جڙاوت جو ڪم ڪيو ويو ۽ اُهي عمارتون عاليشان ڏيک ڏيڻ لڳيون . حافظ شيرازي، سندس شاعريءَ ۾، هن طرح انهن شهرن جو منظر پيش ڪيو آهي.

اگر آن ترڪِ شيرازي بدست آرد دلِ ما را،
بخالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را.

[جيڪڏهن اهو شيرازي ترڪ، منهنجي دل هٿ ڪري وٺي ها
تہ سندس مُکَ جي تِرِ لئہ موتي مثل سمرقند ۽ بخارا قربان ڪري ڇڏيان ها]

انهن شهرن ۾ جي لاجواب چترڪاري، شاعري، موسيقي، راڳ رنگ، فنِ خطاطي، علم ۽ ڄاڻ هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويئي. هتي طب، نجوم ۽ سائنس تي انسائيڪلوپيڊيائون لکجڻ ۾ آيون، ۽ علم عام ٿيو تہ درسگاهون تعمير ٿيڻ لڳيون. بخارا جا امير سنڌي شڪارپوري وڻجارن جي دل کولي حمايت ڪندا هئا، ۽ ڏسندي ڏسندي، هُو وڻجارا واپار تي ڇائنجي ويا. اُتان، اُهي وڻجارا مروِ، مشهد، تبريز کان ٿيندا، آستراخان ايندا هئا. انهن جي آمد جي ثابتي مشهور ايراني شاعر، مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ مان پوي ٿي. سندس هڪ مثنويءَ ۾ هن طرح لکيل آهي:

هنديان را اصطلاح هِند مدح،
سنديان را اصطلاح سِند مدح؛

[سنڌين کي پنهنجي ٻولي سنڌي سونهين ٿي
هِندِين کي پنهنجي ٻولي هندي سونهين ٿي!]

نہ صرف شڪارپوري وڻجارا، پر ننگرپاڪر جا اوسوال ذات جا جَينِي واپاري پڻ وچ ايشيا ۽ قُفقاز جي ساري علائقي تي ڇانيل هئا. جَينين جون پيڍيون بنگال جي شهرن مرشدآباد ۽ ڍاڪا تائين ٻڌڻ ۾ اينديون هيون.

انگريز مورخن ـ اليگزينڊر برنس، ايڇ. ٽِي پوسٽنس، رچرڊ برٽن ۽ ايوانس جي تحريرن مان پڻ ان ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي تہ شڪارپورين جي واپاري پکيڙ، ناڻي جو ڦهلاءُ، هُنڊيءَ جي ذريعي بينڪنگ نظام، وچ ايشيا کان وٺي برصغير جي وڏن شهر ۾ رائج هو. حيدرآباد ۽ شڪارپور جي واپارين جي تنظيم ڪاري، واپاري نفسيات، گهڻ رُخي ناڻي جو ڪارج، هندوستان جي ٻين واپارين سان سندن واپار ۾ چٽا ڀيٽيءَ جي عنصرن کين آرام سان هڪ هنڌ ٽانئيڪو ٿي ويهڻ نہ ڏنو هوندو . انهن اُتي ٿي پهچڻ چاهيو، جتي ٻيو ڪو پهچي نہ سگهيو هو. نتيجي ۾ اسان کي سندن پڙاڏا ماسڪو، سينٽ پيٽرسبرگ، ياروسلاول، ڪازان ۽ آستراخان ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. شڪارپورين کي دُراني حڪمران مانُ ڏيندا هئا. کين، وٽانئن مڪمل

حفاظت جو يقين ڏياريل هو. جڳ مشهور روسي اسڪالر پروفيسر گئنڪوفسڪيءَ لکيو آهي تہ" شڪاپور جا پلاوٽا احمد شاهہ دُرانيءَ کي ناٽي مان سندس فوج لاءِ مدد ڪندا هئا ". روسي تاريخدان. جِي ايل دمتيروف ڄاڻايو آهي تہ" اُهو علائقو جيڪو ملتان جي آس پاس آهي، خاص طور سنڌ ۔اُتي جا ڀاتيا واپاري وچ ايشيا جي روسي ۔ راڄ ۾ گهڻائيءَ ۾ هئا". اهي ڪابل، بخارا ۽ پري ڪئسپين سمنڊ تائين سفر ڪندا هئا. انهن ۾ مسلم خواجا ۽ هندو وچ ايشيائي ملڪن ۾ تجارت ۾ ٽڪڙا هئا . محترم دمتيروف، روسي تاريخي دستاويزن جي روشنيءَ ۾ پڌرو ڪيو آهي تہ" انهن واپارين جو ڪاروبار وچ ايشيا ڪان اتر ۔ اولهہ هندوستان، بشمول ملتان، شڪارپور، پشاور، لاهور، هري پور، لڌيانہ امرتسر ۽ ڪشمير جي شهرن ۽ دهليءَ کان پري وارن شهرن الهہ آباد ۽ ممبئيءَ تائين پکڙيل هو" . هن ڪوجنا ڪئي آهي تہ روسي آرڪائيوَل رڪارڊ ۾ اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ اُهي واپاري بخارا جي هندوستاني 'ڪاروانِ سراءِ' ۾ ڏياري ملهائيندا هئا، جو هنن جو مبارڪ ڏينهن هو جنهن کي (هتي) 'عيدِ چراغان' (Lighting Festival) چئبو هو . روسي سائنسي اڪيڊمي ، سينٽ پيٽرسبرگ يونيورسٽيءَ ۾ اسڪالر ڊاڪٽر اِگور واءِ ڪوتِين ڄاڻايو آهي تہ انهن ڀهريَن برصغير جي تاجرن جا نالا معلوم ٿي نہ سگهيا آهن. جيڪي برصغير جون شيون روس آڻيندا هئا ۽ سنڌ کان آيل گهڻا تاجر ڏاکڻي روسي شهر آستراخان ۾ قيام ڪندا هئا. (روسي سنڌين کي بہ 'هندوستاني' سڏيندا هئا، هُو اها شناخت خطي جي بجاءِ مذهب جي بنياد تي ڪندا هئا) جيڪو وولگا نديءَ جي ڪناري تي آباد آهي. 1917ع ۾ ڪميُونِسٽ پارٽيءَ جي انقلاب کان پهريائين، هن شهر جي هڪ مرڪزي شاهراه جو نالو 'هندوستاني شاهراهہ' هو. شاهراه جي ڪناري تي هڪ پٿر جي بہ منزلا عمارت اڄ تائين محفوظ آهي. جنهن کي هاڻ 'هندوستاني گهر' ڪري چوندا آهن. هيءَ عمارت آستراخان جي آثارن ۾ شمار ڪئي ويندي آهي. تاريخ جا روسي ماهر ٻڌائين ٿا تہ سنڌ جا ڀهريان تاجر جيڪي روس پهتا هئا، سي سن 1615ع ۾ روس آيا هُئا. آڳاٽن روسي دستاويزن مان وڌيڪ معلوم ٿيو آهي تہ آستراخان ۾ 'هندوستاني گهر' جنهن کي سنڌين تعمير ڪرايو هو تنهن جي اڏاوت سن 1625ع ۾ ڪئي وئي هئي. ملڪ جا حاڪم، روس ۾ ايندڙ سنڌي ۽ ٻين مشرقي ملڪن مان آيل تاجرن جي همت افزائيءَ لاءِ ڪوشان هوندا هئا . انهن تاجرن کي گهٽ ۾ گهٽ ساليانو محصول ڏيڻو پوندو هو يعني هڪ دوڪان جي عيوض ٻارهن روبل۔ اهي ٻين لاڳو ٿيل محصولن کان آزاد هوندا هئا. سنڌ جا اُهي تاجر روس ۾ ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو، قالين، قيمتي پٿر، ميوا، سون، چاندي وڪرو ڪندا هئا. سن1722ع ۾ گرمين جي موسم دوران، روس جو بادشاهہ پيٽر اول آستراخان آيو. هن سنڌي تاجرن سان ملاقات ڪئي ۽ ڪانئن خير خيريت معلوم ڪئي ۽ هُن تاجرن کان تجارتي ڪم جي باري ۾ سوال ڪيا ۽ هُن، انهن تاجرن کان هند (سنڌ) ڏي ويندڙ رستن بابت پڇا سوال پڇيا. سنڌ تي برطانوي راڄ قائم ٿيڻ کان پوءِ اُهي سنڌي تاجرَ روس نہ ٿي اچي سگهيا. روسي اِتهاس مطابق سن1947ع تائين برصغير ۾ ٺهندڙ شيون جيڪي روس کي درآمد ٿينديون هيون، سي بند ٿي ويون. ڊاڪٽر اگور واءِ ڪوتين اڀياسي ڪوجنا ڪندي ٻڌايو آهي تہ جن سنڌي واپارين، روسي تاتار عورتن سان شاديون ڪيون هيون، تن جو اولاد پنهنجي وڏڙن کي ياد ڪندي ٻڌائي ٿو تہ سندن ابا ڏاڏا سنڌ جا هئا. روسي اديب، ٽالسٽاءِ جي روحاني پوئلڳ موهنداس ڪرمچند گانڌي سنڌين کي "دنيا جا ماڻهو" ڪري پڪاريندو هو ۽ چوندو هو تہ سنڌي دنيا ۾ ڪٿي بہ هجن، پنهنجي وطن سنڌ کي ٻِنهہ وسارين ئي ڪونہ ٿا. ماضيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ مقرر ٿيل، هندوستان جي پهرين هاءِ ڪمشنر سري پرڪاش پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي تہ 'مهاتما گانڌي سندس موت کان اڳ، آخري ڏينهن ۾ ، مون کي چيو هو تہ ، منهنجون اکيون ڏسي رهيون آهن تہ منهنجي سچي حياتيءَ جي محنت ۽ خدمت مِٽي ۾ ملي وئي آهي. ڪجهہ ثابتيون آهن تہ مهاتما گانڌيءَ جي خاندان جا ماڻهو سنڌ جي پاري ننگر بندر کان 'پور بندر' ڏي لڏي ويا هئا.

پاري ننگر هاڪڙي نديءَ تي آباد بندر هو. جنهن جا ڦٽل نشان ننگر پار کان 14 ميلن جي فاصلي تي اوڀر طرف آهن.

پُران، مانَ پُڄان، بَندَرَ مُون ڏوُر ٿيا،
نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آءُ چَڙِي چَڙهان،

–

سيد ساٿ سندوم، ’پُر بندر‘ پهچايئين!
(شاهہ)

–

# سنڌي وياڪرڻ۔ ’ضمير‘ ۽ ان جي قسمن جو مختصر تنقيدي جائزو

– الطاف حسين جوکيو

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ/ گرامر ۾ اُن لفظن/ اصطلاحن (Terms) مان لفظ ’ضمير‘ بہ هڪ آهي، جيڪو اسم ڪارڻ ڪم آندو ويندو آهي ۽ اسم جو نعم البدل سمجهيو ويندو آهي. هن لفظ / اصطلاح (Term) جي مختصر وصف هيئن بيان ڪئي ويندي آهي تہ: ’ضمير اهو لفظ آهي جيڪو اسم جي بدران ڪم اچي.‘ ضمير کي ماهرن پاران مختلف قسمن ۾ ورهايو ويو آهي، جهڙوڪ: ضمير خالص، ضمير اشارو قريب ۽ بعيد، ضمير مشترَڪ، ضمير اِستفهام، ضمير مبهم، ضمير موصُول، ضمير جواب موصول، ضمير متّصِل، ضمير منفصل.

هن جي قسمن جي ڏيگهہ ۽ انهن جي مفهوم ۾ بنيادي طالب علم ڪافي منڌل نظر ايندا آهن. عربي لفظن/ اصطلاحن جي مروج هجڻ سبب، ضمير جي قسمن ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن جي معنيٰ بہ ڪتابن ۾ ڪا چٽي ڏنل ڪانہ هوندي آهي، جنهن سبب ان جي مفهوم کي (Conditioning theory of learning تحت) ذهن تي رکڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. ان کان علاوه چند عالمن جي معنائن، وضاحتن ۽ مثالن ۾ بہ اختلاف آڏو آيا آهن، ان مان عام طور اهو ئي خيال اڀرندو آهي تہ اهو عالم/ استاد ئي درست آهي ۽ ٻيا سڀ غلط، يا وري اهو خيال ٿيندو آهي تہ ٻيا سڀ درست آهن ان عالم غلط لکيو آهي!

ٻيو ڪن عالمن/ استادن جي ڪم ۾ گهڻي قدر ٻئي جي تقليد ڪيل نظر آئي آهي؛ يعني انداز بيان ساڳيو! ٿيڻ ائين کپي تہ جيڪڏهن ڪو عالم يا استاد ڪن اصطلاحن (Terms) تي ڪم ڪري ٿو تہ جيئن هُن

بزرگ ان اصطلاح (Term) کي سمجهيو آهي يا سمجهڻ لاءِ سهارو ورتو آهي تيئن هو بہ ان اصطلاح (Term) کي سمجهائڻ لاءِ سولو رستو ڳڌائڻ جي ڪوشش ڪري، ائين ڪرڻ سان مختلف انداز سامهون ايندا ۽ پڙهڻ پڙهائڻ واري کي ان جي سمجهڻ جا مختلف زاويہ ذهن نشين ٿيندا. ان تقليد جي باوجود بيان ڪيل وياڪرڻي اصطلاحن ۾ يڪسانيت جي کوٽ رهي ٿي، جنهن سبب بنيادي طالب علم مونجهہ محسوس ڪري ٿو.

حقيقت ۾ هي ڪم ڪنهن مقرر ڪاميٽيءَ جو هجڻ گهرجي، جنهن ذريعي تيار ڪرايل مختصر وياڪرڻ/ گرامر بنيادي طالب علمن لاءِ لازمي قرار ڏنل هجي. ٻي صورت ۾ گرامر جي لفظن تي سيمينار يا ورڪشاپ ڪرايا وڃن ۽ جوڙيل ڪاميٽيءَ ذريعي اهم سفارشون گڏ ڪري انهن تي عمل ڪيو وڃي/ ڪرايو وڃي. اهو سڄو سارو ڪم موجوده حالتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪُٽي ۾ اچي ٿو، جنهن اڳيان هيءَ نماڻي گذارش رکجي ٿي.

هت سادي نموني سان سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڏنل 'ضمير' ۽ ان جي قسمن بابت مختلف عالمن ۽ استادن جون وصفون سامهون رکي تقابلي اڀياس ڪجي ٿو. هن مضمون جي لکڻ جو مقصد عام استادن ۽ شاگردن لاءِ صرف ڪي اختلاف يا مونجهارا جاچڻ ۽ ان کي سولو ڪري سمجهڻ آهي.

جن عالمن/ استادن ضمير لفظ جي لغوي معنيٰ، وصف ۽ قسم ڄاڻايا آهن، تن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

## 1. ضمير ۽ ان جي قسمن بابت عالمن جون ڄاڻايل وصفون ۽ اشارا

1.1. **آنجهاني پيرومل** آڏواڻيءَ استخراجي (Deductive) طريقي سان ضمير جي وصف هن ريت ڪئي آهي: ”گوپال چيو تہ آءٌ ايندس. هتي 'آءٌ' لفظ جيڪڏهن ڪم نہ آڻبو تہ چوڻو پوندو تہ 'گوپال' چيو تہ گوپال ايندو.' هتي 'آءٌ' لفظ ضمير آهي ۽ انهيءَ اسم (گوپال) بدران ڪم آيو آهي جو ٻيو ڀيرو نہ ٿو چئجي پر ضمير يعني دل ۾ رکجي ٿو. حاصل مطلب تہ:

*'ضمير اهو لفظ آهي جو اسم جي بدران ڪم اچي ٿو.'*

اشارو:ـ ضمير ڪم آڻڻ جي مراد هيءَ بہ آهي تہ ساڳيو اسم ورائي چوڻو نہ پوي.“ پيرومل جيڪي ضمير جا ست قسم ڄاڻايا آهن سي هي آهن:

'1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3.ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول 7. ضمير مبهم. (پيرومل، 1985: 61)

1.2. **مرزا قليچ بيگ** ضمير جي وصف هيٺينءَ ريت ڄاڻائي آهي: *'اسم جو عيوضي آهي جنهن جي ڪري انهيءَ شيءِ جو نالو وري وري وٺڻو نہ ٿو پئي*، جيئن تہ: آءٌ، تون، هو، اسين، اوهين وغيره.“ (قليچ، 2006: 176) مرزا قليچ بيگ جيڪي ضمير جا ست قسم ڄاڻايا آهن تن جو وچور هن ريت آهي:

1. ضمير خالص (متڪلم، حاضر ۽ غائب) 2. ضمير اشارو (ويجهو ۽ ڏور) 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول 7. ضمير مبهم. (ص: 30)

1.3. **ڊاڪٽر غلام علي الانا** ضمير جي وصف ۽ ان جا قسم ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: ”ضمير اهو لفظ آهي جيڪو ڪنهن جملي ۾ ڪنهن اسم جي بدران ڪم ايندو آهي، جملن ۾ ضميرن جي ڪم آڻڻ جو مقصد هيءُ هوندو آهي تہ جيئن ڪنهن گفتگوءَ ۾ ساڳيو اسم وري وري ڪم آڻڻو نہ پوي.“ (**الانا**، 2010: 68)

سنڌيءَ ۾ ضميرن جا ڪل ڇهہ قسم آهن. اهي هي آهن: 1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير استفهام 4. ضمير مشترڪ 5. ضمير موصول/ جواب موصول 6. ضمير مبهم. (ص: 69)

ڊاڪٽر الانا موصول ۽ جواب موصول کي هڪ قسم واري ڪڙي ۾ رکيو آهي، جيڪو بنيادي طالب علمن لاءِ ڪنهن حد تي پلو عمل آهي. ائين جيئن ضمير خالص ۾ متڪلم، حاضر ۽ غائب شمار ڪيا ويندا آهن ۽ ضمير اشاري ۾ قريب ۽ بعيد ڳڻيا ويندا آهن.

1.4 **ابڙي عبدالرحيم** ضمير جي وصف ۽ ان جا قسم هن ريت ڄاڻايا آهن: "*اهڙا لفظ، جي اسم جي بدران ڪتب اچن، تن کي ضمير چئجي ٿو.* مثال: غلام محمد **مون** کي ايندو ڏسي، **پاڻ** ڪٽي لڪايو. انهيءَ جملي ۾ 'مون' ۽ 'پاڻ' لفظ ضمير آهن، جي جدا جدا اسمن بدران ڪتب آيا آهن.

ضمير جا مکيه قسم ست (7) آهن: 1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول 7. ضمير مبهم." (ابڙو 1986: 8)

1.5 **حافظ گل محمد 'گلڻ'** فارسي- سنڌي گرامر ۾ ضمير جي وصف ۽ ان جا قسم هن ريت ڏنا آهن: '*اهو لفظ جو اسم جي بدران ڪم اچي*' (گلڻ، 1959: 8) ضمير جا پنج قسم آهن:

'1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير متصل يا منفصل 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول

1.6 **محبوب علي جوکئي** لفظ ضمير جي معنيٰ ڏيندي، وصف ۽ ان جا قسم هن ريت ڏنا آهن: "*ضمير' جي معنيٰ آهي: اندر وارو لڪل، يا دل. ضمير اهو لفظ آهي، جيڪو اسم جي بدران ڪم اچي.* مثال: آءٌ، مان، اسين، اسان، تون، توهان، اوهان، اوهين، تون، توهين، هو، اهي، هن، هنن، انهن، جو جيڪي، جن، سو ڪو ڪير، ڪنهن، تنهن، سي . . . " (محبوب، 1979: 6) محبوب جوکئي ضمير جا ڪل ست قسم ڄاڻايا آهن:

'1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول 7. ضمير مبهم.' (محبوب، 1979: 10_ 14)

- نوٽ: ضمير خالص جا ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن. اهي ضمير جملي ۾ ڇٽا پٽا هوندا آهن ۽ انهن کي تنهنڪري، ضمير مفصل چئبو آهي. پر جيڪڏهن انهن جون نشانيون ڪم آندل هجن، ته پوءِ انهن کي ضمير متصل ڪوٺبو آهي. (ص: 14_ 15)

1.7 **محترم واحد بخش شيخ** ضمير جي وصف ۽ قسمَ هن وچور سان ڏنا آهن: "*جملي يا فقري ۾ ساڳي اسم کي هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ڪرڻ بدران، جو لفظ اسم جي جاءِ تي ڪم آڻجي تنهن کي ضمير چئبو آهي.* يعني ضمير انهيءَ لفظ کي چئجي ٿو جو اسم جي بجاءِ ڪم اچي ۽ ان اسم جو عمل ڪري . . . ضمير جا مختلف اٺ قسم آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:

1. ضمير شخصي 2. ضمير متّصل 3. ضمير اشارو 4. ضمير موصول 5. ضمير جواب موصول 6. ضمير استفهام 7. ضمير مبهم يا ڪنايه 8. ضمير مشترڪ." (شيخ، 1986: 285_ 286)

1.8 **ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي** ضمير جي وصف هن ريت ڏني آهي: "*اهو لفظ جو اسم جي بدران ڪم اچي، ان کي چئجي ضمير.* مثال طور: احمد چيو ته آءٌ ويندس. هتي لفظ آءٌ 'احمد' جي بدران ڪم آيو آهي. يعني ضمير ڪم آڻڻ جو مطلب هي آهي، ته ساڳيو اسم ورائي نه چئجي.

ضمير ستن قسمن جا آهن: 1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير

موصول 6. ضمير جواب موصول، ۽ 7. ضمير مبهم." (ميمڻ، 1987: 2)

1.9. **سيد محسن علي شاه بخاريءَ** ضمير جي وصف ۽ ان جا قسم جيڪي ڏنا آهن سي هن ريت آهن: *"اهو لفظ جيڪو اسم جي بدران ڪم اچي، تنهن کي ضمير چئبو آهي.* مثال: ارشد چيو ته هو ڪاليج ويو هئو. انهيءَ جملي ۾ لفظ 'هو' ضمير آهي، جيڪو ارشد (اسم) جي بدران ڪم آيو آهي. مطلب ته ضمير جو مقصد اهو هوندو آهي ته جيئن ساڳيو اسم بيهر جملي ۾ نه ورائجي." (سيد، 1995: 221) سيد محسن شاه جيڪي ضمير جا اٺ قسم ڄاڻايا، سي هي آهن:

'1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. جواب موصول 7. ضمير مبهم 8.ضمير متصل

1.10. **غلام محمد سومري** ضمير جي وصف ۽ ان جي قسمن بابت لکيو آهي ته: *"ضمير اهو لفظ آهي جو جملي ۾ اسم جي بدران ڪم اچي،* مثال: مون، جو سو اهي، تنهن، تن جو هو اهي وغيره." (سومرو، 1997: 85) سومري ضمير جا ڪل اٺ قسم ڄاڻايا آهن:

1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول 7. ضمير مبهم 8. ضمير متصل." (سومرو 1997: 91_ 92)

1.11. **نور محمد ڪوسي** ضمير جي وصف هيئن ڏني آهي *"ضمير اهو لفظ آهي، جيڪو اسم جي بدران ڪم اچي،* مثال: انور اسڪول ويو ۽ هو جلد واپس آيو. هن جملي جي ٻئي حصي ۾ 'هو' لفظ آهي جيڪو انور اسم جي بدران ڪم آيو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي ها ته انور اسڪول ويو ۽ انور جلد واپس آيو ته ٻئي جملي جي حصي ۾ انور دوباره ڪم آيو آهي، جيڪو بي جوڙ ۽ بي محاوري سان لڳي ٿو.
يا ائين ڪٽي چئجي ته ضمير اسم جي بدران اچي جملي کي بامحاوره ۽ با معنيٰ پڻ بڻائي ٿو.

- ضمير پنهنجي اسم کي ڪڏهن زور به ورائيندو آهي، ان سان بعضي گڏ به هوندو آهي.
- ضمير ڪڏهن پنهنجي اسم کي پوشيده به رکندو آهي. متڪلم، حاضر ۽ غائب جي دلالت پڻ ڪندو آهي.
- ضمير جا مثال: هو هي، اهو اها، اهي، انهن، تون، توهان، اسان، آءٌ، ڪهڙو ڪير، ڪجاڙو وغيره."

ضمير جا نَوَ قسم: 1. ضمير خالص 2. ضمير اشارو 3. ضمير مشترڪ 4. ضمير استفهام 5. ضمير مبهم 6. ضمير موصول 7. ضمير جواب موصول 8. ضمير متصل، ۽ 9. ضمير منفصل." (ڪوسو 2005: 33_ 40)

1.12. **محترم مسڪين راشدي** ضمير جي وصف هيٺين ريت ڏني آهي: "ضمير ۽ صفت ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ آهي ته پنهنجي جو واسطو توڙي واهپو اسم سان هوندو آهي. صفت وانگر ضمير جو تعلق به اسم سان آهي مگر ضمير اچڻ سان اسم جو جملي سان ئي تعلق ڪونه رهندو آهي. سمجهي وڃو ته ضمير اسم جي بدران ايندو آهي، پر اسم وانگر پنهنجي تعريف يا تعارف لاءِ وصف، توصيف يعني صفت جو محتاج ڪونه هوندو آهي. بس اها ئي وصف اٿس ته: *'ضمير اسم جي بدران ڪم ايندو آهي'* يعني ضمير جملي ۾ اسم جي نمائندگي ڪندو آهي يا اسم جو نمائندو ٿيندو آهي." (راشدي 2008: 52)

راشدي ضمير جا ڪل نوَ (9) قسم ڏنا آهن: 1. ضمير خالص 2. ضمير مشترڪ 3. ضمير استفهام 4. ضمير مبهم 5. ضمير موصول 6. ضمير جواب موصول، 7. ضمير اشارو قريب 8. ضمير اشارو بعيد 9. ضمير متصل." (راشدي، 2008: 53_ 59)

موصوف 'ضمير اشارو قريب ۽ بعيد' کي الڳ سان ڳڻپ ۾ آڻي اجائي ڊيگهه ڪئي آهي، ائين ته ضمير خالص جا ٽي الڳ قسم به ڳڻي سگهجن ٿا. بهرحال مڙني عالمن/ استادن ضمير اشاري کي هڪ ڄاڻي ان جا ٻه قسم ٻڌايا آهن. ان ليکي تحت راشديءَ جي نظر ۾ ضمير جا 8 قسم ٿيا.

موصوف 'ضمير منفصل' جو ذڪر ئي نه ڪيو آهي، البته 'ضمير مفصل' لفظ ڪم آڻيندي لکي ٿو ته: "ضمير خالص کي 'ضمير مفصل' به چئبو آهي." (راشدي، 2008: 53)

1.13. آخر ۾ **ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ** جي ترتيب ڏنل 'جامع سنڌي لغات' مان ضمير جي وصف ڏجي ٿي، جيڪا هڪ ڪاميٽيءَ جي ترتيبيل آهي:

"ضميرُ ج ضميرَ: ذ (عربي) دل_ مَنُ_ جيءُ_ قلب_ هِردو، اندر_ ڳجهه_ راز_ ڀيدُ_ خيال_ ڌيان_ مرضي. (ذ. صفت) اندر وارو_ پوشيده_ مخفي. *گرامر ۾ اسم جو جائنشين لفظ_ اسم جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.*

1. ضمير حاضر 2. ضمير غائب 3. ضمير متڪلم 4. ضمير خالص 5. ضمير اشارو ويجهو 6. ضمير اشارو ڏور 7. ضمير مبهم 8. ضمير مشترڪ 9. ضمير استفهام 10. ضمير موصول 11. ضمير جواب موصول 12. ضمير متّصل 13. ضمير منفصل. (بلوچ، 1985: 1814)

جامع لغات سنڌيءَ ۾ ڄاڻايل ضمير جي قسمن جو درست ليکو نوَ (9) آهي، جو ته پهريان ٽي قسم ضمير خالص جو حصو آهن ۽ ضمير اشاري جا ٻه قسم هڪ ئي قسم جا ٻه حصا آهن.

## 2. نچوڙ

مٿين جن عالمن/ استادن جيڪي وصفون ڏنيون آهن، تن جي وضاحتن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي آهي، يعني جيڪي وصفون سامهون آيون آهن تن ۾ ڪي خاص اختلاف يا مونجهارا ڪونهن. چند عالمن/ استادن جون وصفون ڪافي پيرائتيون آهن، خاص ڪري: ڪاڪو ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ واحد بخش شيخ جا نالا وٺي سگهجن ٿا. جن عالمن/ استادن تمام سادي وصف ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن ۾: ابڙي عبدالرحيم، حافظ گل محمد 'گلڙ'، محبوب علي جوکئي، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ، سيد محسن علي شاهه، غلام محمد سومري، نور محمد ڪوسي، مسڪين راشدي جا نالا شامل ڪري سگهجن ٿا. البته، ضمير جي قسمن جي ترتيب يا ڳڻپ ۾ هڪجهڙائي نظر ڪانه ٿي اچي.

### 2.1 چند هڪجهڙايون ۽ اختلاف

- 'جامع سنڌي لغات' سواءِ جن عالمن/ استادن لفظ 'ضمير' جي معنيٰ ڏني آهي: تن ۾ محبوب جوکيو شامل آهي، معنيٰ ڏني اٿس: *"ضمير' جي معنيٰ آهي: اندر وارو لڪل يا دل"*. تنهن ۾ اهو واضح ڪونهي ته ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي_ يعني لفظ جي معنيٰ متاچري ڏنل آهي، باقي ٻيا عالم/ استاد مذڪوره لفظ سان وچڙيا ئي ڪونهن!
- جن عالمن ضمير جا پنج قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾ ڇڙو حافظ گل محمد 'گلڙ' شامل آهي.
- جن عالمن ضمير جا ڇهه قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾ صرف ڊاڪٽر غلام علي الانا شامل آهي.

- جن عالمن ضمير جا ستَ قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾: ڪاڪو ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ، ابڙو عبدالرحيم، محبوب جوکيو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي شامل آهن.
- جن عالمن/ استادن ضمير جا اٺ قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾: واحد بخش شيخ، سيد محسن علي شاهه، غلام محمد سومرو، مسڪين راشدي شامل آهن.
- جن عالمن ضمير جا نوَ قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾ محترم نور احمد ڪوسو شامل آهي. *'جامع لغات سنڌيءَ' ۾ به ڪاميٽيءَ بنيادي طور نوَ(9) قسم ڄاڻايا آهن.*
- *ڄاڻايل قسمن ۾اهم اختلاف صرف 'متّصِل' ۽ 'منفصِل' تي آهي، لفظ 'مفصّل' وري ضمير جي حوالي سان مرحوم جوکئي ۽ راشديءَ ڪم آندو آهي.*
- جن عالمن/ استادن 'ضمير متّصِل' يا 'ضمير منفصِل' ۽ ان کان علاوه 'ضمير مفصّل' ضمير خالص جو حصو سمجهندي مذڪوره قسمن کي الڳ سان نه ڄاڻايو آهي، تن ۾: مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ابڙو عبدالرحيم، محبوب جوکيو ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي شامل آهن.
- ڊاڪٽر غلام علي الانا 'تشريحي گرامر' ۾ ضمير متّصل يا منفصل/ ضميري پڇاڙين جو ذڪر ئي نه ڪيو آهي؛ مبادا سندس خيال ۾ اهي ضمير خالص جا ئي جز هجن.
- جن عالمن 'ضمير متصل يا منفصل' کي الڳ سان ضمير جو هڪ قسم ڄاڻايو آهي، تن ۾: واحد بخش شيخ، سيد محسن علي شاهه، غلام محمد سومرو، نور احمد ڪوسو ۽ مسڪين راشدي شامل آهن.
- ڊاڪٽر الانا اختصار کان ڪم وٺندي، ضمير جي مڙني قسمن کي ڇهن قسمن ۾ سمايو آهي.

### 2.2 اڀياسي سوال

هيٺ ضمير جي قسمن ۽ اختلافي ضميري قسمن تي هيٺين سوالن جي روشنيءَ ۾ ڀيهر ويچار ڪجي ٿو:

- ? لفظ ضمير ۽ ان جي قسمن جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟ ضمير جو دائرو ڪيترو آهي؟
- ? ڇا ضمير جي قسمن ۾ ڪي اختلاف آهن؟
- ? ضمير جي اختلافي قسمن جي حيثيت ڪهڙي آهي؟ اهي الڳ سان قسم آهن يا ڪنهن قسم جو جز آهن؟
- ? ضمير جي اختلافي قسمن مان ڪهڙو قسم رد ٿيڻ جوڳو آهي؟ رد ٿيڻ جا بنياد ڪهڙا هجڻ کپن؟
- ? وياڪرڻي لفظ 'ضمير' کي پڙهائڻ جو ڪهڙو طريقو سولو ۽ بهتر آهي؟

## 3. لفظ ضمير ۽ ان جي قسمن جي لغوي معنيٰ ۽ سندن دائرو

عالمن/ استادن گهڻي قدر اصطلاح (Term) ضمير سان لاڳاپيل لفظن جي اکيڙ ڪانه ڪئي آهي، ان لاءِ ان جي بنيادن ڄاڻڻ لاءِ لاڳاپيل لفظن جا اشتقاق ۽ عالمن/ استادن جي ڄاڻايل وصفن مان دائرا خيال خاطر رکجن ٿا:

3.1 **'ضمير' جو اشتقاق:** [ ضَمِير- بر وزن: فَعِيل- صفت مشبہ (اسم فاعل طور ڪم ايندڙ) {ضَمَرَ = هو ڪمزور ٿيو- اَضمَرَ = لڪائڻ، گم ڪرڻ، ڳجهو رکڻ} راز- ڳجهو خيال- لڪل- اندر وارو، سڪل انگور]

انگريزيءَ ۾ ضمير لاءِ لفظ Pronoun ڪم آندو ٿو وڃي، جيڪو پڻ ٻن جوڙن Pro + Noun مان جڙيل آهي، هن لفظ کي هيٺين ريت رکي سگهجي ٿو:

- Pro (prefix) = for, in favor of, in support of,

- Noun = a word used to name or identify any of a class of things, people, places or ideas, or a particular one of these.
- Pro + Noun = Pronoun: a word used in place of a noun or noun phrase, e.g. he, it, hers, me, them, etc:

- **ضمير جو دائرو:** هر اهو لفظ جيڪو ڪنهن بہ اسم جو عيوضي ٿي ڪم آيو هجي.

3.1.1 **'خالِص' جو اشتقاق:** [ خالِص_ بر وزن: فاعِل_ اسم فاعل (خَلَصَ = هو صاف ٿيو هو نج ٿيو) نج هوندڙ_ صاف دل رکندڙ_ چٽي گفتگو ڪندڙ]

انگريزيءَ ۾ ضمير خالص لاءِ Personal Pronoun جو لفظي جوڙ ڪم آندو ويندو آهي. Personal جي عام طور معنيٰ 'شخصي' ورتي ويندي آهي. محترم واحد بخش شيخ ضمير خالص لاءِ 'ضمير شخصي' ڪم آندو آهي، ساڳئي نموني حافظ گل محمد گلڻ پڻ 'شخصي' لفظ ڪم آندو آهي.

- **Personal Pronouns:** The personal pronoun takes the place of a specific or named person or thing. Personal pronouns come in three different cases: *Subject Pronouns, Object Pronouns,* and *Possessive Pronouns. Examples:* **Subject Pronouns:** I, you, she, he, they, we, it, who **Object Pronouns:** me, you, him, her, them, us, it, whom **Possessive Pronouns:** mine, yours, his, hers, theirs, ours, its, whose

| | Subjective | Objective | Possessive |
|---|---|---|---|

| | Singular | Plural | Singular | Plural | Singular | Plural |
|---|---|---|---|---|---|---|
| First Person | I | we | me | us | my, mine | our, ours |
| Second Person | you | you | you | you | your, yours | your, yours |
| Third Person | he, she, it | it, they | him, her, it | it, them | his, her | its, their |

- **ضمير خالص جو دائرو:** خالص معنيٰ چِندُ، نج. هن ضمير جي قسم ۾ پهريون: ڳالهائيندڙ (متڪلم)، ٻيون: جنهن سان ڳالهائجي (حاضر)، ۽ ٽيون: جنهن جي ڳالهہ ڪجي، توڙي جو اکين اڳيان هجي (غائب) شامل آهن. جهڙوڪ: مان، آءٌ، مون، اسان، تون، توهان، هو هوءَ، اهي ۽ ٻيا.

ضمير خالص بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏاڍي ڀلي وضاحت ڪئي آهي تہ: "اهي ضمير جيڪي ڳالهائڻ وارو، پنهنجيءَ ذات يا ڪنهن حاضر ماڻهوءَ يا ڪنهن غائب ماڻهوءَ لاءِ ڪم آڻيندو آهي." (الانا، 2010: 69)

3.1.1.1 **'مُتَڪَلِم' جو اشتقاق:** [مُتَڪَلِم_ بر وزن: مُتَفَعِّل_ اسم فاعل (ڪَلَمَ = هن ڳالهايو) ڳالهائيندڙ]

انگريزيءَ ۾ ضمير خالص جي هن نموني کي First Person / First Personal Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير مُتڪلِم جو دائرو:** گرامر موجب ضمير خالص جي ٽن قسمن مان هڪ قسم آهي ۽ پهرئين ماڻهوءَ طور سڃاتو ويندو آهي. اهو لفظ جيڪو ڳالهائيندڙُ/ ڳالهائيندڙَ پنهنجي نالي/ نالن بدران ڪم آڻي/آڻين، جيئن: مان/ مون پاڻي پيئان ٿو/ پيتو، آءٌ سبق

پڙهان ٿو. اسان/ اسين سڀ پاڻ ۾ پيائر آهيون. مٿين مثالن ۾ مان، آءُ، مون، اسان، اسين ضمير متڪلِم جا مثال آهن.

3.1.1.2. **’حاضِر‘ جو اشتقاق:** حاضر [حاضر- بر وزن: فاعل- اسم فاعل (حَضَرَ = هو آڏو رهيو، هو گڏ هيو) سامهون هوندڙ، موجود رهندڙ، گڏ هلندڙ]

انگريزيءَ ۾ ضمير خالص جي هن نموني کي Second Person/ Second Personal Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضميرحاضر جو دائرو:** گرامر موجب ضمير خالص جي ٽن قسمن مان هڪ قسم ڄاتو ويندو آهي ۽ ٻئي ماڻهوءَ طور سڃاتو ويندو آهي. اهو لفظ جيڪو سامهون هوندڙ/ هوندڙن لاءِ ڪم آندو ويندو آهي، جيئن: تون منهنجو دوست آهين، توهان منهنجي ڳالهه ٻڌو! هن ضمير جي قسم ۾: تون، توهان، اوهان، اوهين جهڙا لفظ شامل هوندا آهن.

3.1.1.3. **’غائب‘ جو اشتقاق:** غائب [ غائب- بر وزن: فاعل- اسم فاعل (غَابَ = هو لڪل رهيو، هو ڳجهو رهيو) نظر کان لڪل، غير حاضر، غير موجود.

انگريزيءَ ۾ ضمير خالص جي هن نموني کي Third Person/ Third Personal Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير ’غائب‘ جو دائرو:** گرامر موجب ضمير خالص جي ٽن قسمن مان هڪ آهي، اهو لفظ ٽئين ماڻهوءَ طور سڃاتو ويندو آهي. غير موجود يا جنهن ٽئين ماڻهوءَ جو ذڪر ٿوٽي جو هو پر پاسي ۾ موجود نه هجي، جيئن: هو منهنجو ساٿي آهي، هوءَ ماني پچائي ٿي پئي، اهي راند کيڏن ٿا پيا، هن توکي ڪن ۾ ڇا چيو؟ هو، هوءَ، اهي، هن، هنن ۽ ان ڍنگ جا ٻيا هن قسم ۾ شامل ڪبا آهن.

3.1.2. **’اشاره‘ جو اشتقاق:** اشاره [ اِشارة/ اِشارَه- بر وزن: اِفعال- مصدر (شَارَ = هن راءِ ڏني، هن مشورو ڏنو) اهڃ ڏيڻ، رمز ڏيڻ، ڳجهو ڪم ڏيڻ.

انگريزيءَ ۾ ضمير اشاري کي Demonstrative Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير’اشاره‘ جو دائرو:** ضمير اشاره جا ٻه قسم ڄاڻايا ويا آهن: هڪ قريب (ويجهو) ، ٻيون بعيد (پري). اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن اسم ڏانهن اشارو ڪن تن کي ضمير اشارو چيو ويندو آهي. جيئن: هيءُ، هوءَ، هو اهي ۽ ٻيا. جيڪي لفظ ويجهي اسم لاءِ ڪم آندا وڃن تن کي ’ضمير اشارو قريب‘ ۽ جيڪي لفظ پري واري اسم لاءِ ڪم آندا وڃن تن کي ’ضمير اشارو بعيد‘ چئجي ٿو.

3.1.3. **مُشتَرَڪ جو اشتقاق:** [ مُشتَرَڪ- بر وزن: مُفتَعَل- اسم مفعول (شَرَڪَ = هو ڀاڱيوار ٿيو، هو شامل ٿيو) شامل ڪيل]

انگريزيءَ ۾ ضمير مشترڪ کي Reflexive Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير مُشتَرَڪ جو دائرو:** اهو ضمير جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي، جيئن: آءُ خود توسان ملڻ لاءِ ايندس، تون خود اهو ڪم ڪري اچ، اسين پاڻ ڪوشش ڪنداسين، هو پنهنجي سِر لکندو، مان پنهنجي سِر اهو ڪم ڪندس، ۽ ٻيا. مذڪوره جملن ۾ ’خود‘، ’پاڻ‘ ۽ ’پنهنجي سِر‘ ضمير مشترَڪ آهن.

ضمير مشترڪ جي قسم جي مثالن ۾ مرزا قليچ بيگ خود، پنڊ، پاڻ سان گڏ لفظ ’پنهنجي‘ پڻ شامل ڪيو آهي (قليچ، 2006: 188). ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ لفظ ’پنهنجو تنهنجو منهنجو‘ کي ضمير مشترڪ ۾ شامل ڄاتو آهي (الانا، 1977: 156)

لفظ ’مشترڪ‘ جي ’ر‘ تي زبر ڏبي تہ مفعول ٿي ويندو ۽ زير ڏبي تہ فاعل ٿي ويندو. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ مذڪوره لفظ جي ’ر‘ تي زير (مُشتَرِڪ) آهي (بلوچ، 1985: 1814). جنھنجي معنيٰ ٿيندي شريڪ ٿيندڙ. جڏهن هي ضمير مفعولي صورت ۾ ڪم آڻجي ٿو تنھن صورت ۾ ’مُشتَرَڪ‘ ٿيڻ گهرجي، جنھنجي معنيٰ ٿيندي شريڪ ڪيل.

3.1.4. **استفهام جو اشتقاق:** [ استفھام- بر وزن: اِستفعال- مصدر (فَھِمَ = هن سمجهايو هن ذهن نشين ڪرايو) پڇڻ، پڇا ڪرڻ، سوال جو جواب گهرڻ]
انگريزيءَ ۾ ضمير استفھام کي Interrogative Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير استفھام جو دائرو:** گرامر موجب اهو ضمير جيڪو سوال پڇڻ جي ڪم اچي، جيئن: هي <u>ڪير</u> آهي؟ توکي <u>ڪھڙو</u> ڪتاب کپي؟ منھنجو ڪتاب <u>ڪنھن</u> کنيو آهي؟ بازار مان <u>ڇا</u> وٺي اچان؟ ۽ ٻيا. مذڪوره جملن ۾ <u>ڪير، ڪھڙو، ڪنھن</u> ۽ <u>ڇا</u> ضمير استفھام جا مثال آهن.

3.1.5. **موصول جو اشتقاق:** [مَوصُول- بر وزن: مَفعُول- اسم مفعول (وَصَلَ = هن ڳنڍيو هن ملايو) ڳنڍيل، ملايل، لاڳاپيل، جڙيل]
انگريزيءَ ۾ ضمير موصول کي Relative Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير مَوصول جو دائرو:** اهڙا لفظ جيڪي ضمير جي حيثيت ۾ ٻن لاڳاپيل جملن لاءِ ڳنڍيل هجڻ جي صورت ڏيکارين تن کي ’ضمير موصول‘ چئجي ٿو. جيئن: <u>جيڪا</u> پيرن مون توکي ڏني هئي سا کٽي اچ! جيڪا، جيڪو جنھن ۽ اهڙا ٻيا ضمير موصول جا مثال آهن.

- **’جواب موصول‘ جو اشتقاق:** [جواب- (جَابَ = هن ڪٽيو هن تراشيو هن طئہ ڪيو) موٽ، ورندي، عيوض + مَوصُول- مَفعُول- اسم مفعول (وَصَلَ = هن ڳنڍيو هن ملايو) ڳنڍيل، ملايل، لاڳاپيل، جڙيل]
انگريزيءَ ۾ ضمير جواب موصول کي Correlative Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير جواب موصول جو دائرو:** اهڙا لفظ جيڪي ضمير جي حيثيت ۾ ضمير موصول جي موٽ ۾ ڪم اچن تن کي ضمير جواب موصول چئجي ٿو. جيئن: (1) *جيڪي پوکبو <u>سو</u> لڻبو!* (2) *جنھن وڏن جو ادب ڪيو تنھن ڪمايو.* هنن جملن ۾ ’سو‘ ۽ ’تنھن‘ ضمير جواب موصول آهن. سا، سي، تنھن، تن ۽ اهڙا ٻيا ضمير جواب موصول جا مثال آهن.
ڊاڪٽر غلام علي الانا موصول ۽ جواب موصول کي هڪ قسم جي ڪڙي ۾ رکيو آهي.

3.1.6. **مبھم جو اشتقاق:** [مُبھم- بر وزن: مُفعَل- اسم مفعول (بَھَمَ = هن جانور جي ٻچي کي الڳ ڪري چاريو- اَبھَمَ = لڪائڻ) لڪل، اڻ- ڄاتل، غير واضح]
انگريزيءَ ۾ ضمير مبھم کي Indefinite Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير مبھم جو دائرو:** اهو ضمير جنھن لاءِ اهو پتو نہ پوي تہ ڪھڙي اسم بدران ڪم آيو آهي. جيئن: منھنجو ڪتاب <u>ڪنھن</u> تہ کنيو هوندو! هن جملي ۾ ’ڪنھن‘ اڻ ڄاتل ماڻھوءَ

(اسم) لاءِ ڪم آيو آهي؛ وڏيڪ: ڪو ڪي، ڪجهہ ۽ اهڙا ٻيا ضمير مبهم جا مثال آهن. هن ضمير ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لفظ ’فلاڻو/ فلاڻا‘ پڻ شامل ڪيو آهي، (الانا، 2010: 82) جيڪو واقعي بہ ضمير مبهم طور ڪم آندو ويندو آهي.

3.1.7. **مُتّصِل جو اشتقاق:** [مُوتَصِل > مُتَّصِل- بر وزن: مُفتَعِل- اسم فاعل (وَصَلَ = هن ڳنڍيو) ڳنڍجندڙ ملندڙ قريب ٿيندڙ گڏجندڙ] هي لفظ ’متّصِل‘ اڪثر فاعل جي صيغي ۾ ڪم اچي ٿو ’مُتَّصَل‘ واري مفعولي صيغي ۾ بہ ڪم آڻي سگهجي ٿو. پر عام استعمال ڪي اهميت هجڻ سبب ’مُتّصِل‘ ڳنڍجندڙ جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. انگريزيءَ ۾ ضمير متصل کي Conjunctive Pronoun جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

- **ضمير مُتّصِل جو دائرو:** اهو ضمير جيڪو ڪنهن لفظ (اسم، فعل، حرف جر) سان ڳنڍجي. ڳنڍجندڙ جي نسبت هن کي ’ضميري پڇاڙي‘ چئجي ٿو. جيئن: پٽم، پٽهِن، پٽهنس، هيم، هيس، وٺم، وٺس. هن ۾ ڪنهن اسم، فعل يا حرف جر جي پڇاڙيءَ ۾ ’م‘ ، ’س‘ ۽ اهڙين ٻين جي پڇاڙي لڳائي وڃي ٿي. ڪن عالمن ضمير جي هن قسم کي الڳ سان ڄاڻايو آهي ۽ ڪن عالمن هن کي ضمير خالص ۾ شمار ڪيو آهي.

3.1.7.1. **مُنفَصِل جو اشتقاق:** [مُنفَصِل- بر وزن: مُنفَعِل- اسم فاعل (فَصَلَ = هن جدا ڪيو) الڳ ٿيڻ وارو، ڪٽيندڙ] جدا ٿيندڙ الڳ ڪندڙ.

- ضمير مُنفَصِل جو دائرو: اهو ضمير جيڪو الڳ ٿلڳ سان ڪم اچي. هن ضمير جي قسم جي وضاحت مختلف عالمن/ استادن مختلف نموني ۾ ڪئي آهي. مرزا قليچ بيگ جو خيال آهي تہ: ’جڏهن ضمير خالص ڏار ڪم ايندو آهي تہ ان کي ضمير منفصل چئبو آهي ۽ جڏهن ضميري پڇاڙين سان استعمال ڪبو آهي تہ ضمير متّصل چئبو آهي‘ (قليچ، 2006: 187)؛ واحد بخش شيخ جو خيال آهي تہ: ’ضميري پڇاڙيون اسم سان لڳائبيون آهن، تہ اهي ضمير متّصل سڏبيون آهن؛ پر فعل يا حرف جر سان لڳڻ جي حالت ۾ ضمير منفصل سڏرائبيون آهن.‘ (شيخ، 1986: 292)

3.1.7.2. **مُفَصّل جو اشتقاق:** [مُفَصَّل- بر وزن: مُفَعَّل- اسم مفعول (فَصَلَ = هن جدا ڪيو) الڳ ڪيل، ڪٽيل، تير پٽير ڪيل، وِرڇيل ]

- **ضمير مُفَصّل جو دائرو:** اهو ضمير جيڪو ضمير خالص ۾ ورڇبنديءَ سان ترتيب ڏنو ويو هجي، ۽ اهي جملي ۾ ڇڙا پڙا ڄاڻايل هجن؛ جيئن: مان، اسين، تون، توهان، هو هوءَ، اهي ۽ اهڙا ٻيا. هي لفظ محبوب علي جوکئي مرحوم ۽ مسڪين راشديءَ ضمير خالص جي ٽنهي قسمن جي مجموعي لاءِ ڪم آندا آهن. (محبوب، 1979: 14)

## 4. لفظن جي لغوي معنيٰ ۽ اختلافن تي هڪ نظر

ضمير جي قسمن جا مڙئي لفظ عربي ٻوليءَ جا آهن، گرامر جي ڪتابن موجب: لفظ ضمير جي مٿاڇري معنيٰ صرف محبوب علي جوکئي مرحوم پنهنجي ڪتاب ’مهراڻ سنڌي گرامر‘ ۾ ڏني آهي؛ ٻئي ڪنهن بہ عالم هن لفظ جي معنيٰ ڪانہ ڄاڻائي آهي. جن عالمن ٻين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن تن بہ اکرن جي زير، زبر يا شد وغيره جو خيال نہ رکيو آهي. عربي لفظن ۾ فاعل يا مفعول جي وزنن کان علاوه ٻين فاعل يا مفعول صيغن ۾ اڳئين ’م‘ تي ’پيش‘ هوندو آهي ۽ آخري اکر کان اڳئين اکر (Second last) تي زير ڏيڻ سان لفظ فاعل ٿي ويندو آهي ۽ ساڳئي اکر تي زبر ڏيڻ سان مفعول ٿي ويندو آهي. جيئن: مُشتَرَڪ (ر تي زبر سان) معنيٰ ٿيندي: شريڪ ڪيل، شامل ڪيل؛ جڏهن تہ مُشتَرِڪ (ر تي زير ڏيڻ سان) معنيٰ ٿيندي

شريڪ ڪندڙ/ ٿيندڙ شامل ڪندڙ/ ٿيندڙ. ان لاءِ ڪوشش اها ڪرڻ گهرجي ته عربيءَ جي اهڙن لفظن تي اَعراب (زير، زبر ۽ پيش) جو استعمال لازم سمجهيو وڃي.

’جامع لغات سنڌي‘ جي جلد نمبر: 4، صفحي نمبر: 1814 تي ۽ نئين ’جامع سنڌي لغات‘ جي جلد نمبر: 2، صفحي نمبر: 1275تي لفظ ’مشترڪ‘، ’ر‘ تي ’زير‘ سان ڏنل آهي. دراصل، لفظ ’مشترِڪ‘ (زير سان) جي صورت فاعلي ٿيندي، جڏهن ته لفظ ’مشترَڪ‘، ’ر‘ تي ’زبر‘ سان مفعولي صورت ۾ هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هي لفظ يا هن جا مثال مفعولي صورت ۾ هوندا آهن.

## 4.1 ضمير جي قسمن جي دائرن ۾ اختلاف

ضميري قسمن جي لغوي معنائن بعد، دائرن جي جائزي سان جيڪي مونجهارا آڏو اچن ٿا سي هن ريت آهن:

- ضمير مشترَڪ جي مثالن ۾ خود، پنڊ، پاڻ يا پنهنجي سر جا مثال شامل ڪيا ويندا آهن ۽ عام طور تي اهي پڙهايا ويندا آهن. جڏهن ته مرزا قليچ بيگ صرف لفظ ’پنهنجي‘ کي به مثال آڏار ضمير مشترڪ ۾ شامل ڪيو آهي؛ ان بنياد تي ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ٿيسز ۾ ’پنهنجو‘، ’منهنجو‘ ۽ ’تنهنجو‘ جا لفظ پڻ ضمير مشترڪ ۾ شامل ڄاتا آهن. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهي لفظ واقعي ضمير مشترڪ ۾ شامل آهن يا مرزا ۽ ڊاڪٽر الانا جو ذاتي خيال آهي؟
- ضمير خالص جي قسمن ۾ ضمير متّصل، ضمير منفصل ۽ ضمير مفصل جو به ذڪر آيو آهي ليڪن انهن جي حيثيت ۾ عالمن جا اختلاف نظر اچن ٿا. ڪن انهن کي ضمير خالص جو حصو ڪوٺيو آهي ته ڪن وري الڳ سان ضمير جا قسم ڪري ڄاڻايو آهي. جن عالمن مذڪوره قسمن کي ضمير خالص جو حصو ڪوٺيو آهي تن ۾ به اختلاف آهن؛ ان کان علاوه ’ضمير مفصل‘ هڪ نرالو لفظ ڪم آندو ويو آهي.

### 4.1.1 ضمير مشترَڪ جي اختلافن تي هڪ نظر

عالمن/ استادن جي ڏنل راءِ موجب: اهو ضمير جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص (متڪلِم، حاضر ۽ غائب) کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي؛ جيئن: پاڻ، خود، پنڊ، پنهنجي سِر. اهڙي وصف جو بنياد گهڻي قدر ’جامع لغات سنڌي‘ مان آهي، جيئن:

> ”ضمير مُشترِڪ: جملي ۾ فاعل جي بدران مفعول ٿي ڪم ايندڙ يا ضمير خالص کي زور پرائڻ وارو ضمير جو لفظ“ (بلوچ، 1985: 1814)

ضمير مشترَڪ جو مفعولي صورت ۾ هجڻ واري ڳالهه، ڪنهن حد تي، محترم نور محمد ڪوسي (2005: 36) جي هڪ نوٽ مان پڻ ملي ٿي ته: *”نوٽ: ضمير مشترڪ بذات خود فاعل نه ٿيندو پر اصل فاعل سان گڏجي ان جي اهميت کي زور وٺرائيندو.“*

انگريزيءَ ۾ ضمير مشترَڪ کي Reflexive Pronoun ڪوٺيو ويندو آهي، جنهن جي مثالن ۾ صرف ’My, Your, Our‘ ڪم ڪونه ايندا آهن، بلڪ ’Self‘ يا جمع جي صورت ۾ ’Selves‘ جوڙ (Suffix) طور لڳندو آهي؛ ان صورت ۾ ئي ان کي Reflexive Pronoun چئبو آهي. هيٺ انگريزيءَ جي وصف مان اندازو ڪري سگهجي ٿو.

- **Reflexive Pronoun**: The reflexive pronoun adds information by pointing back to a noun or another pronoun. *Examples:* myself, yourself, himself, herself, itself, ourselves, themselves.

ضمير مشترڪ جي حيثيت بابت مرزا قليچ بيگ (2006: 188)جو چوَڻ آهي ته: ”ضمير مشترڪ اهو ضمير آهي، جو جملي ۾ فاعل جي بدران ڪم اچي

ٿو.“ مرزا جي چوڻ مان مراد تہ اها ٿي نڪري تہ: ’فاعل ڪم ڪونہ ٿو اچي، بلڪ ان جي جاءِ تي ضمير مشترڪ ڪم ٿو اچي.‘ ڳالهہ پيرائتي ناهي ۽ نہ وري ڪو وزن رکي ٿي.

البتہ ’بدران واري خيال‘ کان محترم عبدالرّحيم ابڙي جي وصف ۾ ڪي قدر وزن آهي، هو لکي ٿو تہ:

”مشترڪ معنيٰ شريڪ يا ڀائيوار ٿيل. اهڙا ضمير، جي ٻئي ڪنهن ضمير يا اسم جي بدران ۽ ان سان گڏجي ڪتب اچن ۽ جملي کي زور وارو بنائين تہ انهن کي ضمير مشترڪ چئجي. مثال: پنهنجو، پاڻ، پنڊ ۽ خود.

(ارشد، 1986: 10)

ابڙي عبدالرحيم ارشد جي وصف مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ ضمير مشترڪ ’فاعل‘ جي بدران نہ پر ٻئي ڪنهن ضمير يا اسم جي بدران ڪم ايندو آهي. ان کان علاوه مثالن ۾ لفظ ’پنهنجو‘ بہ ڪم آندو آهي جيڪو وياڪرڻ جي اصولن موجب بلڪل درست آهي، ليڪن ٻوليءَ جي نسبت پروس آهي ۽ اڪيلي صورت ۾ ڪم ڪونہ ٿو اچي. ايترو ضرور چئبو تہ محترم ارشد معاملي کي ڏاڍو باريڪ بينيءَ سان ڏٺو آهي.

مٿئين اڀياس مان ظاهر ٿيو آهي تہ ’ضمير مشترڪ‘ بذات خود فاعل نہ ٿيندو بلڪ مفعولي صورت ۾ ڪم آندو ويندو آهي. ميڊم فهميده حسين ضمير مشترڪ جي مفعولي صورت ۾ هجڻ کي تسليم نہ ٿي ڪري، ۽ نہ وري ان بابت هن جي ڪا واضح راءِ سامهون اچي ٿي، راقم جي هڪ مقالي ۾ ضمير مشترَڪ بابت ڏنل وصف تي هڪ ٻيجا تنقيص ڪندي لکي ٿي تہ:

”جوڪيي جو اهو چوڻ تہ <u>’ضمير مشترڪ اهو ضمير، جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي،</u> جيئن: ’آءُ خود توسان ملڻ لاءِ ايندس‘، ’تون خود اهو ڪم ڪري اچ‘. مثالن مان ئي غلط ثابت ٿئي ٿو ڇو تہ هنن جملن ۾ ’ آءُ ‘ ضمير خالص مفعولي نہ پر فاعلي حالت ۾ آهي، ساڳي صورت ’خود‘ بدران ’پاڻ‘ لڳائڻ سان ٿيندي.“ (فهميده، 2012: 106)

پهرين ڳالهہ اها تہ: منهنجي ڄاڻايل وصف ۾ اهڙي ڪنهن بہ اشاري جو امڪان واضح ڪونہ ٿو ٿئي تہ ’ضمير خالص، مفعولي صورت ۾ ڪم ايندو آهي‘، بلڪ ضمير مشترڪ، مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

✓ ٻيو تہ ميڊم ڄاڻائي ٿي تہ: ”ساڳي صورت ’خود‘ بدران ’پاڻ‘ لڳائڻ سان ٿيندي.“ خبر نہ ٿي پوي تہ ميڊم ڇا ٿي ثابت ڪرڻ چاهيو؟ ڇا ’خود‘ ۽ ’پاڻ‘ ۾ بہ ڪو وياڪرڻي فرق آهي؟ منهنجي ناقص سوچ مطابق ان کي تنقيد يا Justification جي زمري ۾ ٻنهي نہ ٿو آڻي سگهجي.♣

---

♣ علمي تنقيد کي تنقيص ڪوٺڻ تي مون کي حيرت آهي. لفظ ’خود‘ ۽ ’پاڻ‘ ۾ فرق آهي، ”خود“ اڻ ڦرندڙ لفظ آهي، جڏهن تہ ”پاڻ“ ڦيرو کائيندڙ لفظ آهي، جيڪو عدد ۽ حالت موجب ڦيرو کائي ٿو. جامع سنڌي لغات (جلد پهريون 2004، ڇاپو، ص 556) ۾ ”پاڻُ“ جمع ”پاڻَ“ لکيل آهي ۽ معنيٰ ۾ ’پاڻهين‘، ’پاڻان‘ ۽ ’پاڻ مرادو‘ ڄاڻايل آهي. ان ڪري ”خود“ جي جاءِ تي ”پاڻ“ استعمال ڪرڻ سان ڳالهہ چٽي ٿي بيهي ٿي. هي جملا ڏسو:

آءُ پاڻُ ذميوار آهيان (مذڪر لاءِ)

آءُ پاڻَ وئي هئس (مؤنث لاءِ)

اسين پاڻَ ويا هئاسين (جمع لاءِ)

ايئن چوڻ تہ ”ضمير مشترڪ هميشہ ئي مفعولي صورت ۾ ڪم ايندو آهي. پڻ درست ڪونهي.

هتي ڏنل جملن ۾ فاعل (ضمير خالص) کي زور وٺائڻ لاءِ موجود ضمير مشترڪ بہ فاعلي حالت ۾ آهي. اهو ساڳيو ضمير مشترڪ حالت جي تبديلي بہ قبول ڪري ٿو جيئن:

مون پاڻُ اهو ڪم ڪيو هو (حالت فاعلي)

آءُ پاڻَ کي ذميوار سمجهان ٿو (حالت جري)

مون پاڻَ ماري سندس ڳالهہ رکي (مفعولي حالت ۾)

حقيقت اها آهي تہ ’مفعولي صورت ۾ هجڻ‘ واري ڳالهہ مون پاڻ ڪونہ جوڙي آهي، بلڪ ’جامع سنڌي لغات ‘ ۾ عالمن جي ڪاميٽيءَ جي جوڙيل آهي، جنهن کي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ماهر رد نہ ڪيو آهي ۽ مان (راقم) بہ رد نہ ٿو ڪريان. ’خود‘ وارو مثال بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم آندو ويجي ٿو ۽ مرزا توڙي ٻين عالمن ڪم آندو آهي.

نور محمد ڪوسي بہ لفظ ’پنهنجو‘ ڪم آندو آهي، ليڪن ان جي استعمال جو ڍنگ ڪجهہ الڳ آهي. هو لکي ٿو تہ: ”اهو لفظ جيڪو فاعل يا مفعول سان گڏ اچي انهن جي ان جملي ۾ اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏئي تہ ان لفظ کي ضمير مشترڪ چئجي. مثال:

1. خود احمد چيو هو تہ تون پاڻ اچجانءِ.
2. پاڳئي خود چور کي پڪڙيو.
3. آءٌ پاڻ اسلم ڏانهن هلي ويس پر نہ مجيائين.

هنن جملن ۾ ’خود ۽ پاڻ‘ لفظ جملي ۾ فاعل، فعل ۽ مفعول جي اهميت کي وڌائين ٿا. ضمير مشترڪ سدائين ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب سان گڏ اچي انهن جي اهميت کي وڌائين ٿا يا تاڪيد ڪن ٿا.

گردان•

| حالت | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | پاڻ | پاڻ |
| حالت مفعولي | پاڻ کي | پاڻ کي |

ان کان سواءِ اهو سمجهڻ تہ ضمير مشترڪ صرف خالص ضميرن (متڪلم، حاضر، غائب) سان استعمال ٿيندا آهن، درست ڪونهي. ضمير مشترڪ اسمن کي زور وٺائڻ مهل بہ ساڳيو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. مثال:
ارشد پاڻ مون وٽ آيو هو.
ٻلو پاڻ پنهنجا ٻچائي ڪائي ويو. (ف. ح)

• مٿي ڏنل جدول ۾ لفظ ”پاڻ“ بنا اعرابن جي نہ ڏيڻ گهرجي ها. (ف. ح)

| حالت جري | پاڻ لاءِ | پاڻ لاءِ |
|---|---|---|
| حالت اضافت | پنهنجو/ پنهنجي | پنهنجا/ پنهنجن/ پنهنجيون |

نوٽ: ضمير مشترڪ بذات خود فاعل نہ ٿيندو پر اصل فاعل سان گڏجي ان جي اهميت کي زور وٺرائيندو.“ (ڪوسو 2005: 35_ 36)

نور محمد ڪوسي لفظ پنهنجو/ پنهنجي‘ شامل ضرور ڪيو آهي، ليڪن انهن کي ضمير جي حالتن ۾ ڄاڻايو آهي. سڌي سنئين ڳالهہ آهي تہ اسين حالتن کي الڳ سان سمجهندا/ سمجهائيندا آهيون. مشترڪ ۾ صرف ۽ صرف اهي لفظ شامل ڪندا آهيون جنهن جي مراد يا معنيٰ ’پاڻ‘ واري نڪري يعني: خود، پنڊ، پنهنجي سِر.

البتہ جناب ڪوسي جي وصف ۾ هڪ نئون معاملو سامهون آيو آهي تہ: ”اهو لفظ جيڪو فاعل يا مفعول سان گڏ اچي انهن جي ان جملي ۾ اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏئي“ يعني ڪوسي صاحب جو خيال آهي تہ ’ضمير مشترڪ نہ رڳو فاعل سان گڏ ايندو آهي، ليڪن مفعول سان پڻ گڏ اچي سگهي ٿو.‘ حقيقت ۾ مفعول جو دائرو تہ وڏو آهي، پر ڪوسي اهڙو هڪ مثال پڻ ڏنو آهي:

***”اسلم پاڻ کي ڏوهي ٺهرايو.*** هن جملي ۾ ’اسلم‘ فاعل آهي، پر ساڳئي وقت ’پاڻ کي‘ مفعول بہ بڻايو اٿس.“ (ڪوسو 2005: 37)

اهڙو اشارو هڪ پراڻي گرامر (ٻاگو ٻيو) مان بہ ملي ٿو. ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ: ***”هن ڪالهہ خود پاڻ کي ماريو.*** خود ضمير شريڪ ٿيو آهي (پاڻ) مفعول سان، انهيءَ ڪان پوءِ شاگردن کي ٻڌايو تہ ’اهڙا ضمير جي جملي ۾ فاعل يا مفعول سان شريڪ ٿين ۽ جملي کي مؤثر (زور وارو) بڻائن، تن کي ضمير مشترڪ چوندا آهن: جهڙوڪ: پاڻ، خود ۽ پنڊ (لاڙ ۾ ڳالهائبو آهي). مشترڪ جي معنيٰ آهي شريڪ ٿيندڙ.“ (آغا، 1951: 29)

مرزا قليچ بيگ لفظ ’پنهنجي‘ کي ضمير مشترَڪ ۾ شامل ڪيو آهي. ڏنو وڃي تہ مذڪوره لفظ هن دائري ۾ ڪونہ ٿو اچي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ عالم/ استاد ان لفظ کي شامل ڪونہ ڪيو آهي. البت، مذڪوره لفظ اسم/ ضمير جي حالت اضافت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. اهڙو مثال ڪوسي صاحب جي ڏنل مثالن مان نوٽ ڪري سگهجي ٿو. ٻئي رخ کان، ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ پنهنجي جڳ مشهور ٿيسز ۾ ’پنهنجي‘ لفظ سان گڏ ٻيا لفظ ’منهنجو‘ ۽ ’تنهنجو‘ بہ ضمير مشترَڪ ۾ شامل ڪيا آهن. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ موصوف پنهنجي ٿيسز پوري ٿيڻ تائين ان نازڪ نڪتي کان چڱيان واقف ڪونہ هو. حقيقت ۾، ڊاڪٽر الانا اها ڀل جيڪا ڀليو، تنهن جو سبب مرزا قليچ بيگ جو لفظ ’پنهنجي‘ کي ضمير مشترڪ ۾ شامل ڪرڻ آهي.

مرزا قليچ بيگ ’سنڌي وياڪرڻ‘ ۾ ’ضمير مشترڪ‘ بابت ڄاڻائي ٿو تہ: ”آءٌ پاڻ يا خود ايندس. هن جي معنيٰ تہ ٻيو ڪونہ ايندو. پر آءٌ (پنهنجي سِر) ايندس. ائين ڳالهہ کي زور پيدائڻ لاءِ بہ ’پاڻ‘ يا ’خود‘ لفظ ڪم آڻبو آهي. پاڻ، خود، پنڊ ۽ پنهنجو لفظ ضمير مشترڪ آهن.“ (قليچ، 2006: 26)

ساڳي انداز سان مرحوم قليچ ٻئي هنڌ ڄاڻائي ٿو تہ: ”ضمير مشترڪ اهو ضمير آهي، جو جملي ۾ فاعل جي بدران ڪم اچي ٿو ۽ انهيءَ جي جند جي نسبت ۾ ڪري ڏيکاري ٿو ۽ انهيءَ سان شريڪ رهي ٿو. جيئن تہ: مون پنهنجي پٽ کي ولايت موڪليو آهي. هتي ’پنهنجي‘ ضمير مشترڪ آهي ۽ مون سان شريڪ آهي ۽ انهيءَ جي بدران ٿو اچي. تنهن ڪري پاڻ يا خود ضمير مشترڪ جا لفظي نشان آهن. خود فارسي لفظ آهي، سو ٿورندو ڪين مگر پاڻ مذڪر مؤنث ۾ هڪجهڙو آهي ۽ واحد جمع ۾ بہ هڪ جهڙو آهي. مگر حالت اضافت ۾ پنهنجو ۽ پنهنجن ٿو ٿئي. ڪي پاڻ جي بدران پنڊ بہ چوندا آهن، خصوصاً لاڙ ۽ ڪڇ ۾. لفظ پاڻ سنسڪرت جي آتما جهڙي آهي، يعني روح يا جيئن فارسيءَ ۾ چوندا آهن تہ بذات خود. پنڊ لفظ جي معنيٰ آهي جسم يا بدن ۽ اضافت ۾ اهو ’پنڊ جو‘ ٿو ٿئي“ (قليچ، 2006: 188)

مرزا لفظن ’پنهنجو‘، ’پنهنجن‘ يا ’پنهنجي‘ جو جيڪو ذڪر مختلف زاوين سان ڪيو آهي سو هن ريت اڳيان اچي ٿو:

- پهرئين وصف جي حصي ۾ لفظ ’پنهنجو‘ کي ضمير مشترڪ جي مثالن ۾ شامل ڪيو اٿس.
- ٻئي حصي ۾ ’پنهنجي‘ کي ضمير مشترڪ ۾ بہ شامل ڪيو اٿس.
- وصف جي ٻئي حصي ۾ لکيو اٿس: ’مگر حالت اضافت ۾ پنهنجو ۽ پنهنجن ٿو ٿئي.‘
- اهو بہ لکيو اٿس: ’پنڊ لفظ جي معنيٰ آهي جسم يا بدن ۽ اضافت ۾ اهو ’پنڊ جو‘ ٿو ٿئي‘

گرامر جي خيال کان ’پنهنجو‘، ’پنهنجن‘ يا ’پنهنجي‘ وارا لفظ حالت اضافت جا مثال آهن، توڙي جو اهي جملي جي نوعيت يا ڪنهن گردان موجب ڦيرو کائين! مرزا جي اڳيان شايد ضمير مشترڪ جو مثال ’پنهنجي سِر‘ هو، جنهن مان ’پنهنجو‘ لفظ کي مذڪوره قسم ۾ شامل ڪرڻ واري ڀل ڀليو هجي! اصل ۾ ’پنهنجي سِر‘ لفظ جي مراد بلڪل ساڳي آهي جيڪا ’پاڻ‘ يا ’خود‘ جي آهي؛ جڏهن تہ ’پنهنجو‘، ’پنهنجن‘ يا ’پنهنجي‘ وارا لفظ ’حالت اضافت‘ جا مثال آهن؛ جنهن جي ڳالهہ مرزا ’پنڊ جو‘ واري لفظ ۾ ورجائي چڪو آهي.

لفظ ’پنهنجو‘ ضمير مشترڪ جو نہ پر ان جي ’حالت اضافت‘ جو مثال آهي؛ ان لفظ تي ان ڪارڻ بہ علمي تنقيد ڪجي ٿي جو اهو پوءِ هڪ اڻ-ڪٽ سلسلو جوڙي ٿو. اهڙي ساڳي ڀل جو دهراءُ محترم مسڪين راشديءَ بہ ڪيو آهي، هو لکي ٿو تہ: ”اهڙو ضمير جيڪو ڪنهن اسم يا ٻئي ضمير سان شرڪت ڪري، يعني گڏجي استعمال ٿئي، ان کي ضمير مشترڪ چئبو آهي. انگريزيءَ ۾ هيءُ ضمير Passive Case سان Self ۽

Selves ملائڻ سان ٺهندو آهي. پر سنڌي ۾ هن لاءِ پاڻ، پنهنجو پنهنجا، پنهنجي، پنهنجيون، خود ۽ پنڊ لفظ ڪتب ايندا آهن." (راشدي، 2008: 55)

ساڳئي تسلسل وارو ورجاءُ تازو دادا سنڌيءَ پڻ ڪيو آهي، "مشترڪ جي معنيٰ آهي گڏيل. اهي لفظ جيڪي جملي ۾ اسم جي بدران ڳالهايل هجن ۽ ٻئي ضمير سان گڏيل هجن. مثال: مان خود ڪيس ڏٺو. تون پنهنجي پيٽ وٺ. هي باغ اسان پاڻ پوکيو آهي. هنن جملن ۾ 'خود'، 'پنهنجي' ۽ 'پاڻ' ضمير مشترڪ جا لفظ آهن." (دادا، 2010: 44)

جيڪڏهن 'پنهنجو يا پنهنجي' کي به ضمير مشترڪ جي مثالن ۾ شامل ڪبو ته پوءِ 'تنهنجو'، 'منهنجو' کي به ضمير مشترڪ جي مثالن ۾ شامل ڪرڻو پوندو! ۽ واقعي اهڙي ڀُل سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾ ٿي به چڪي!♣

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ٿيسز 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ۾ اهڙي ڀل کي نه صرف دهرايو آهي پر ان نوعيت/ وزن جي ٻين لفظن کي به ان ۾ شامل ڪيو آهي. موصوف پنهنجي ٿيسز جي چوٿين باب 'سنڌي ٻولي ۽ ان جي لاڙي لهجي' جي وياڪرڻي جائزي ۾ ضمير مشترڪ جا مثال هينئين ريت ڏنا آهن:

" لاڙي لهجي ۾ضمير مشترڪ هي آهن:

| **معياري (لهجو)** | **لاڙي (لهجو)** |
| --- | --- |
| پنهنجو | پان جو |
| منهنجو | مون جو |
| تنهن جو | توجو، تونجو |

♣ "تنهنجو" ۽ "منهنجو" ضمير حاضر ۽ متڪلم جي حالت اضافت آهي. جڏهن ته "پنهنجو" ٻن معنائن سان استعمال ٿيندو آهي. هڪ "اسان جو" ۽ "ٻي "پاڻ+ جو" (پنهنجو گهر (منهنجو ۽ تنهنجو گڏيل) يا منهنجو پنهنجو گهر)... ان ٻي معنيٰ ۾ اهو ضمير مشترڪ جي حالت اضافت چئبو(ف. ح)

(الانا، 1977: 159)

ضمير مشترڪ جي حوالي سان اها ڀل پهرئين مرزا قليچ ڪان ٿي، جنهن کي پوءِ ڊاڪٽر الانا جاري رکيو. مرزا مرحوم جي ڀل جو امڪاني جواز لفظ 'پنهنجي سِر' هو. ٻيو ته مرزا 'پاڻ'، 'خود' يا 'پنڊ' جا لفظ به ڪم آندا آهن. ليڪن الانا - 'پاڻ'، 'خود' يا 'پنڊ' جا لفظ ته نهـيو ـ ان هڪڙي غلطيءَ کي نه صرف دهرايو بلڪ 'پنهنجو' جي آڌار تي 'منهنجو'، 'تنهنجو' وارا لفظ به ضمير مشترڪ ۾ شامل ڪري ڇڏيا. منهنجي خيال ۾ سائينءَ کي اهڙن نڪتن تي ٻيهر نظر ڌرڻ گهرجي، ته جيئن اهڙين چُڪن جو اڳتي ڪو ورجاءُ نه ٿئي!

مون هڪ مقالي ۾ اهڙي لفظ جي استعمال تي علمي اعتراض واريندي لکيو ته: " 'مُنهن' لفظ اصل ۾ پروس جزي طور، ضمير آهي، چاڪاڻ ته اڪيلي صورت ۾ ڪڏهن به ڪم نه آندو ويندو آهي. 'مُنهن' لفظ حرف اضافت 'جو' سان ئي ٻيهندو آهي. مٿي ڄاڻايل جملي ۾ 'منهنجو' لفظ 'گهر' سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو تنهن ڪري هن لفظ ۾ 'اضافتي صفت واري خاصيت' آهي ۽ جيئن ته 'مُنهن' لفظ اصل ضمير آهي، تنهن صورت ۾ ان کي 'ضميري صفت' چئبو. لفظ 'منهنجو' کي ڊاڪٽر غلام علي الانا 'ضمير مشترڪ' ۾ ڄاتو آهي (الانا، 1977: 156)، جيڪو وياڪرڻي مزاج مطابق درست ڪونهي." (الطاف، 2011: 48_ 88)

اڳتي ڄاڻايو اٿم ته: "ضمير مشترڪ جي قسم جي مثالن ۾ مرزا قليچ بيگ خود، پنڊ، پاڻ سان گڏ لفظ 'پنهنجي' پڻ شامل ڪيو آهي (قليچ، 2006: 188). ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ لفظ 'پنهنجو، تنهنجو، منهنجو' کي ضمير مشترڪ ۾ شامل ڄاتو آهي (الانا، 1977: 156) هي لفظ اڪيلي صورت ۾ نه بلڪ حرف اضافت سان ڪم ايندو آهي ۽ ان سبب لفظ 'پاڻ' جي شڪل ڦيرائيندو آهي، جيئن: 'پنهن + جو' = پَنهنجو. مٿي ڄاڻايل جملي ۾

لفظ ’پنهنجو‘، ضمير مشترڪ جي حالت اضافت جي صورت ۾ ڪم آيو آهي.“ (الطاف، 2011: 48_ 88)

ان جي رد ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي ته: ”مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر الانا، ان کي ضمير مشترڪ (”پاڻ“ جي حالت اضافت واري صورت طور) سڏيو آهي، جنهن تي جوکيو تنقيد ڪري ٿو ۽ اهو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ته ڪو اهو مشترڪ ضمير آهي.“ (فهميده، 2012: 106)

مون به پنهنجي مقالي ۾ اها ئي ڳالهه ڪئي ته: ” هي لفظ اڪيلي صورت ۾ نه بلڪ حرف اضافت سان ڪم ايندو آهي ۽ ان سبب لفظ ’پاڻ‘ جي شڪل ڦيرائيندو آهي، ... لفظ ’پنهنجو‘، ضمير مشترڪ جي حالت اضافت جي صورت ۾ ڪم آيو آهي. لفظ ’پنهن‘ اصل ۾ ’پاڻ‘ جي ٻي صورت آهي يا ٻوليءَ جي نسبت بدل لفظ آهي؛ جيڪو ’حرف اضافت‘ سبب پنهنجي صورت ڦيرائي ٿو.“ (الطاف، 2011: 48_ 88)

جڏهن مون به اها ئي ڳالهه ڪئي آهي ته لفظ ’پنهنجو‘ ضمير مشترڪ جي حالت اضافت جي صورت آهي، يعني سڌو سنئون ’ضمير مشترڪ‘ ناهي، ته پوءِ ميڊم فهميده حسين جا اهي لفظ ته ”مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر الانا، ان کي ضمير مشترڪ (”پاڻ“ جي حالت اضافت واري صورت طور) سڏيو آهي، جنهن تي جوکيو تنقيد ڪري ٿو“ مان خبر نه ٿي پوي ته ڪهڙي وضاحت ملي ٿي؟!! اهڙي قسم جا رويا علمي ميدان ۾ يقيناً رڪاوٽ جو سبب بڻجن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ويجهڙ ۾ لکيل ’سنڌي ٻوليءَ جي تشريحي گرامر‘ ۾ لفظ ’پنهنجي‘ جي استعمال جي درستگي ڪئي آهي ۽ ان کي حالت جي مثالن ۾ ڄاڻايو آهي؛ موصوف ضمير مشترڪ کي استخراجي طريقي سان بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ضمير مشترڪ کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

1. مان پاڻ هت آيو آهيان. 2. اسين خود هت آيا آهيون. 3. هو پاڻ هت اچڻو آهي. 4. هو خود هت اچڻو آهي. 5. پاڻ کي وڃڻو آهي.

انهن جملن ۾ ’پاڻ‘ ۽ ’خود‘ ضمير آهن. اهي ضمير، ڪن شريڪ اسمن جي بدران ڪم آيا آهن. تنهنڪري اهي ضمير جيڪي ڪن شريڪ اسمن جي بدران ڪم اچن ته اهڙن ضميرن کي ’ضمير مشترڪ‘ چئبو آهي.“

ڊاڪٽرصاحب اڳتي لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ ضمير مشترڪ به جنس، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن ...“ (الانا، 2010: 79)

### 1.3.3.1. ضمير خالص، ضمير متّصِل، ضمير منفصِل، ضمير مفصّل جي اختلافن تي هڪ نظر

ضمير خالص کي حافظ گل محمد گلڻ ۽ محترم واحد بخش شيخ ’ضمير شخصي‘ ڪوٺيو آهي. ڪن عالمن ’ضمير متّصل، ضمير منفصل ۽ ضمير مفصّل‘ جي قسمن کي ضمير خالص جو حصو ڀانئي آخر ۾ انهن بابت وضاحتي نوٽ ڄاڻايا آهن؛ ضمير مفصّل صرف ٻن ليکڪن محبوب علي جوکئي ۽ مسڪين راشديءَ ڪم آندو آهي. جوکئي مرحوم جي گرامر مختصر ۽ بنيادي شاگردن لاءِ هجڻ سبب ان جي نرالي نالي رکڻ يا مستعمل نالي کي رد ڪرڻ جي ڪا وضاحت ڏنل ڪانهي. لفظ ’مفصل‘ ۾ پروف ريڊنگ جي نظر چڪ واري امڪان کي به رد نه ٿو ڪري سگهجي.

#### 1.3.3.1.1. ضمير متّصِل، منفصِل يا مفصّل بابت عالمن جا رايا

**ڪاڪو ڀيرومل:** ”ياٿم — يائم = منهنجو ياءُ، ياٿهي- ياءِ = تنهنجو ياءُ، ياٿس- يائس = هن جو ياءُ.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اسمن جي پنيان ڪي پڇاڙيون گڏجن ٿيون ته اهي ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون. وٽم يعني مون وٽ ۽ ڪاڏم يعني مون ڪاڏو. هن مان ڏسڻ ايندو ته اهي پڇاڙيون حرف جر ۽ فعلن پنيان

گڏجن ٿيون تہ اتي بہ ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون. حاصل مطلب تہ ضمير خالص ٻن قسمن جا آهن:

1. بنا پڇاڙين، جي پنھنجي روءِ سوءِ ڪم اچن ٿيون. جيئن: آءُ- تون- هُو.
2. پڇاڙين سان، جن کي متصل يا گڏيل ضمير چئبو آهي.

’متصل يا گڏيل ضمير اهي آهن جي پڇاڙين يا نشانين وانگر ڪم اچن ٿا.‘

اشارو: هنن پڇاڙين کي ضميري پڇاڙيون بہ سڏبو آهي.“ (پيرومل، 1985: 72_ 73)

ڪاڪي پيرومل جي راءِ موجب ’متّصل‘ ڪو ڌار قسم ڪونهي بلڪ ضمير خالص جي قسمن جو انداز آهي؛ ان لاءِ هن الڳ سان ڪي قسم بيان ڪونہ ڪيا آهن.

**مرزا قليچ بيگ:** ”جڏهن ضمير ڌار ڪم ايندا آهن، تڏهن انهن کي ’ضمير منفصل‘ چوندا آهن، پر اهي ساڳيا ضمير ٻين اسمن، فعلن يا حرفن سان گڏ بہ ايندا آهن ... اصل بنياد جي نظر تي ضمير متصل جي نشانين مان متڪلم وارو ’مِ‘ پراڪرت جي ’مي‘ جهڙو آهي ۽ فارسيءَ ۾ بہ ’م‘ آهي ...“ (قليچ، 2006: 187) مرزا قليچ بيگ جي راءِ جي پير موجب متّصل يا منفصل ’ضمير خالص‘ جا نمونا آهن- الڳ سان ڪي قسم ناهن.

**ابڙو عبدالرحيم:** ”ضمير خالص جون ڪي نشانيون آهن، جي اسم، فعل يا حرف جر جي پويان ڇهتيل هونديون آهن ۽ باقاعده ضمير خالص جو ڪم ڏينديون آهن. انهن نشانين کي ضمير متصل يا ’ڇهتيل ضمير‘ بہ ڪري سڏبو آهي. مثال: ’م‘، ’ءِ‘، ’س‘ وغيره جيئن تہ: اسم سان ’پٽم‘، فعل سان ’ڪاڻءِ‘، صفت سان ’سندس‘.“ (ابڙو 1986: 11) ابڙي عبدالرحيم جي راءِ موجب ضمير متّصل ڪو الڳ سان قسم ناهي بلڪ ضمير خالص جو هڪ نمونو ڪري سڏبو آهي.

**محبوب علي جوکيو:** ”نوٽ: ضمير خالص جا ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن. اهي ضمير جملي ۾ ڇٽا پٽا هوندا آهن ۽ انهن کي تنهنڪري، ضمير مفصل چئبو آهي، پر جيڪڏهن انهن جون نشانيون ڪم آنديل هجن، تہ پوءِ انهن کي ضمير متصل ڪوٺبو آهي. اهي ضميري نشانيون ڪوٺبيون آهن، جيڪي اسمن ۽ فعلن سان استعمال ٿينديون آهن. مثال:

- (اسم): پٽم معنيٰ منهنجو پٽ. ’م‘ نشاني ضمير ’منهنجو‘ کي ظاهر ڪري ٿي.
- (اسم): پٽس معنيٰ هن جو پٽ، ’س‘ نشاني ’هن جو‘ ضمير کي ظاهر ڪري ٿي.
- (اسم) پٽهين معنيٰ تنهنجو پٽ، ’هِن‘ نشاني ضمير ’تنهنجو‘ کي ظاهر ڪري ٿي.
- (فعل) هُيم معنيٰ آءُ هيس، ’م‘ ضمير آءُ کي ظاهر ڪري ٿي
- (فعل) هئاسون معنيٰ اسين هئاسون، ’سون‘ نشاني ضمير ’اسان‘ کي ظاهر ڪري ٿي.
- (فعل) هيس معنيٰ آءُ هوس، ’س‘ نشاني ’آءُ‘ ضمير کي ظاهر ڪري ٿي.
- (حرف جر) وٽم معنيٰ مون وٽ، وٽس معنيٰ هن وٽ وغيره.“ (محبوب، 1979: 14_ 15)

محبوب جوکئي مرحوم جي راءِ موجب ضمير متّصل (گڏيل ضمير) ڪو ڌار قسم نہ بلڪ ضمير خالص جو نمونو آهي. جوکئي صاحب جي ڪتاب ۾ ڪم آندل ’منفصل‘ جي بدران لفظ ’ضمير مفصّل‘ (جدا ڪيل، بيان ڪيل) هڪ نئون لفظ ڪم آندو آهي. واضح ناهي تہ اها پروف ريڊنگ جي نظر چڪ آهي يا جوکئي مرحوم پنهنجو ڪو خيال جوڙي هڪ نرالو لفظ ڪم آندو آهي. اهو ان لاءِ ٿو سوچجي جو لفظ ’مفصّل‘ بہ ان اهڙي نموني لاءِ مناسب لفظ ٿي سگهي ٿو. اصل ۾ ’منفصل‘ ۽ ’مفصّل‘ جو

بنياد (فَصَلَ) ساڳيو آهي، صرف صيغي جي ڦيري سبب انهن لفظن جي وضاحتن ۾ ٿورو فرق ٿئي ٿو.

لفظ 'مُنفَصِل'، مصدر 'اِنفِصال' بروزن 'اِنفِعال' مان ورتل آهي، مصدر جي معنيٰ آهي: 'جدا ٿيڻ'. لفظ 'مُنفصِل' ان جو اسم فاعل آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'جدا ٿيندڙ- ڪٽي الڳ ٿيندڙ'؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ مفعولي صيغي سان 'مُنفصَل' گهڻي قدر ڪم ڪونه ايندو آهي.

جڏهن ته لفظ 'مُفصّل'، مصدر 'تَفصِيل' بروزن 'تَفعِيل' مان ورتل آهي، مصدر جي معنيٰ آهي: 'جدا ڪرڻ- بيان ڪرڻ.' لفظ 'مفصّل' اسم مفعول آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'ورڇيَل، جدا ڪيل، بيان ڪيل'؛ 'مُفصِّل' (ص تي زير سان) اسم فاعل آهي جنهن جي معنيٰ ٿيندي 'ورڇبنديءَ سان بيان ڪندڙ- تير پتير بيان ڪندڙ'.

جيڪي لفظ ٺهڪاءَ ۾ اچن ٿا تن ۾ 'مُنفَصِل' اسم فاعل جي صورت ۾، 'مُفصّل' اسم مفعول جي صورت ۾ آهن. ٻئي لفظ اهڙن ضمير خالص جي نمونن سان لاڳو ڪري سگهجن ٿا. پر جيئن ته عام استعمال کي اهميت آهي ان صورت ۾ 'منفصل' کي ئي تز يانئجي ٿو.

**واحد بخش شيخ:** شيخ ضمير جي قسمن ڄاڻائڻ ۾ 'ضمير متّصل' کي ڳٽپ ۾ شمار ڪيو آهي، ليڪن ان جي وضاحت ۾ جيڪو لکيو آهي ته "جملي ۾ لفظن کي ترتيب ڏيڻ ۽ ان کي ڊيگهه کان بچائڻ خاطر ضمير شخصيءَ (ضمير خالص) کي ٻين لفظن سان ضميري نشانين يا پڇاڙين جي صورت ۾ لڳائبو آهي"، مان اهو ٿي ثابت آهي ته 'ضمير متّصل' کي ضمير خالص جو نمونو ڀانئي ٿو. ضمير متّصل ۽ منفصل بابت سندس راءِ مڙني کان مختلف آهي. "ضمير متصل جڏهن ڪنهن اسم سان لاڳو ٿيندو آهي ته گهڻو ڪري اسم جي اضافت بيان ڪندو آهي. مثلاً: 'پٽم' جنهن جي معنيٰ آهي 'منهنجو پٽ'؛ پر فعل يا حرف جر سان لڳڻ جي حالت ۾ ضمير منفصل جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي مثلاً: 'چوندس' يا 'چوندم' يعني 'مان چوندس'، 'وٽم' يعني 'مون وٽ' وغيره." (شيخ، 1986: 292)

محترم واحد بخش شيخ جِي 'ضمير متّصِل ۽ منفصِل' بابت وضاحت وري هڪ نئون مسئلو کڙو ڪيو آهي؛ اهڙي وضاحت ڪنهن به عالم/ استاد ڪانه ڪئي آهي. موصوف جو خيال آهي ته 'ضميري پڇاڙيون اسم کان سواءِ جن به وياڪرڻي لفظن سان لڳن ان صورت ۾ ان کي 'ضمير منفصل' ۾ شمار ڪيو وڃي!' جڏهن ته عام طور تي لفظ 'منفصِل' جدا ٿيندڙ جي لغوي توڙي اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪم آندو ويندو آهي؛ موصوف فعل يا حرف جر سان لڳندڙ جيڪو ضميري پڇاڙيءَ لاءِ لفظ 'منفصل' ڪم آندو آهي، سو لغوي توڙي اصطلاحي معنيٰ موجب اڻ- ٺهڪندڙ آهي. امڪان آهي ته موصوف اهڙو خيال هينئين زاوين کان جوڙيو هجي!

- پهريون امڪان اهو ته: موصوف جو خيال هجي ته فعل يا حرف جر جا لفظ جن جا آخري اکر 'غير متّصل' (اڻ ڳنڍيجندڙ) هجن (يعني 'د' سان ڪوبه اکر ملائي نه ٿو سگهجي، جيئن: چوندس، چوندم) ان صورت ۾ اهڙن لفظن سان ضميري پڇاڙيون ڳنڍيجن ته ان کي 'ضمير منفصل' ۾ شمار ڪيو وڃي! پر سندس ڏنل مثال 'وٽم' اهڙي امڪان کي به رد ڪري ٿو. ان صورت ۾ سندس 'ضمير منفصل' واري مٿين راءِ اڻ- ٺهڪندڙ آهي.
- ٻيون امڪان اهو ته: مبادا موصوف جو اهو خيال هجي ته اسم جي 'اضافت' (پٽم = منهنجو پٽ) مراد ۾ اسم سان ڳنڍيجندڙ هوندي آهي ان لاءِ ان کي متّصِل چيو وڃي؛ جڏهن ته فعل يا حرف جر سان لڳجندڙ ضميري پڇاڙيون مراد ۾ هڪبئي کان الڳ لفظ (وٽم = مون وٽ) تي بيهن ٿا ان صورت ۾ ان کي منفصِل ڪوٺيو وڃي. اهڙي حدبندي ڪنهن به عالم نه ڪئي آهي ۽ نه وري ڪو علمي جواز جڙي ٿو، ان صورت ۾ اهڙي خيال کي به ڪا پذيرائي نه ٿي ملي سگهي.

سندس امڪاني خيالن کي بيھارڻ سان ٻيون خيال ڪنھن حد تي چڱو ضرور ٻيھي ٿو ليڪن سندس امڪاني خيالن سان ڪي علمي جواز نہ ٿا جڙن. ان صورت ۾ سندس مٿي ڄاڻايل 'ضمير متّصِل' يا 'ضمير منفصِل' جا وضاحتي دائرا رد ٿيڻ جوڳا آهن.

**ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي:** ڊاڪٽر ميمڻ هن ڦڏي ۾ هٿ ئي ڪونہ ڳنڍيو آهي. مبادا سندس خيال ۾ اهي قسم الڳ سان ڪابہ حيثيت نہ رکندا هجن بلڪ ضمير خالص جو نمونو هجن; يا ٻي صورت ۾ انھن جو شمار ئي فضول سمجھندو هجي؟ بھرحال، ان بابت ڪو رايو نہ ٿو ڏئي سگھجي!

**سيد محسن علي شاھ:** "متصل معنيٰ ڳنڍيل يا پر وارو. اھڙا اکر يا لفظ جيڪي اسم يا ضمير سان بلڪل ڳنڍيل هجن. تن کي ضمير متصل چئبو آهي. مثال: پٽم = پٽ + مِ = منھنجو پٽ; پاڻس = پاءُ + س = هن جو پاءُ وغيره."
شاھ صاحب جو متصل بابت ڪو واضح رايو ڪونھي تہ اھو ضمير خالص جو حصو يا نمونو آهي يا نہ! اندازو ڪري سگھجي ٿو تہ شاھ جو خيال بہ ساڳيو هوندو تہ 'ضمير خالص جو نمونو آهي.'

**غلام محمد سومرو:** "اھي ضميري نشانيون يا پڇاڙيون جيڪي ڪن ڳالھائڻ جي لفظن جھڙوڪ: فعل، اسم يا حرف جر جي پنيان اچي ضمير خالص جو ڪم ڏين تن کي ضمير متصل ٿو چئجي. مثال طور: پيتم = مون پيتو ماڻس = هن جي ماءُ، وٽم = مون وٽ، ڪنڌس = هن ڪان، ڪاڏم = مون ڪاڏو وغيره. اھي پڇاڙيون جيڪي ضمير خالص جي ناھڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون، جيئن تہ:

| ضمير خالص | واحد | جمع |
|---|---|---|
| (الف) ضمير متڪلم | م | سون/ سين |
| (ب) ضمير حاضر | ءِ/ هين | وَ |
| (ث) ضمير غائب | س | اڻ/ ن وغيره." |

(سومرو، 1997: 92)

سومري ضمير متّصل کي الڳ سان قسمن ۾ شمار ڪيو آهي، ليڪن سندس وضاحتن ۽ مثالن مان اھو ئي پتو پوي ٿو تہ: ان قسم کي ضمير خالص جو ئي حصو/ نمونو سمجھي ٿو. جڏهن تہ منفصل جو ذڪر ئي نہ ڪيو آهي.

**نور محمد ڪوسو:** "ضمير متّصل (متصل = گڏيل، مليل. صل = ملائڻ). ضمير متصل ۽ منفصل حقيقت ۾ ضمير خالص آهن. ضميري نشانيون جيڪي ضمير متڪلم، حاضر ۽ غائب ۾ فعل، اسم ۽ حرف جر سان شامل هونديون آهن. ... نوٽ: مِ، ئون، ءِ، وَ، س، سين، يئن، نِ ضمير متصل جون نشانيون آهن.

ضمير منفصل (منفصل = ڪليل، ظاهر): ضمير منفصل حقيقت ۾ ضمير متّصل جو ظاهر مطلب آهي; مثال:

- پٽم ضمير متّصل آهي، ان جو منفصل ٿيندو منھنجو پٽ.
- لکيم ضمير متّصل آهي ان جو منفصل ٿيندو مون لکيو.
- سندم ضمير متّصل آهي ان جو منفصل ٿيندو مون سندو، منھن جو.
- وٽم ضمير متّصل آهي ان جو منفصل ٿيندو مون وٽ.
- ڏنوسين ضمير متّصل آهي ان جو منفصل ٿيندو اسان ڏنو وغيره." (ڪوسو 2005: 40)

(لفظ جي معنيٰ ۽ بنياد ۾ غلطيون آهن ۽ مثالن ۾ هڪ جڳھ تي پروف جي غلطيءَ سبب لفظ 'متّصل' بدران 'منفصل' لکيل آهي; جنھن کي درست ڪري متّصل لکيو ويو آهي.)

محترم ڪوسي ضمير متّصل جي مثالن جي وضاحت ڪي ضمير منفصل ٿو ڪوٺي. ساڳي ڳالھ مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ ڪئي آهي. اصل ۾ جيڪڏهن اھڙي ڳالھ ڪرٽي آهي تہ منھنجي خيال مطابق منفصِل لفظ جي ڪا ضرورت ئي ڪانھي. هڪ واري اھو بہ خيال/ سوال اڀري ٿو تہ:

جاٽايل مثال مڪمل طور تي ضمير جي پيٽ ۾ ڪونہ ماپندا، جن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي تہ اهي ضمير منفصل جي خانہ پوري ڪري سگهن ٿا! مثال طور: ’مون لکيو‘ ۾ ’مون‘ ضمير خالص آهي ۽ ’لکيو‘ فعل ماضي آهي. ان لفظن جي جوڙ ڪي ڪيئن ضمير منفصل ۾ شامل ڪجي؟

**مسڪين راشدي:** ”اهڙو ضمير جيڪو اسم عام، فعل يا حرف جر سان ڪي ضميري پڇاڙيون ملائڻ سان ٺهي، ان کي ضمير متصل چئبو آهي. نوٽ: هي ضمير، ضمير خالص جي معنيٰ ۾ هلندو آهي. (راشدي، 2008: 59_ 60)

دادا سنڌي: ”ضميري نشانيون بہ آهن:

1. **ضمير منفصل:** اهي ضميري نشانيون، جيڪي اسم سان ڇهڻ بدران، ان کان پري بيٺل هجن، مثال: مٿو سور ٿو ڪريمَ. جيئنس ڏٽي، مرنس چور. هنن جملن ۾ مَ- سَ ضمير منفصل جون نشانيون آهن
2. **ضمير متصل:** متصل جي معنيٰ ڇهتيل. اهي ضميري نشانيون، جيڪي اسم سان ڇهتيل هجن، مثال: پٽم = منهنجو پٽ. پٽئي = تنهنجو پٽ. پٽهين = تنهنجو پٽ. پٽوَ = اوهان جا پٽ. پٽس = هن جو پٽ. پٽن = هنن جا پٽ. هنن جملن ۾ مَ- ئي- هين- ئو- س- نَ، ضمير متصل جون نشانيون آهن. “(دادا، 2010: 46)

محترم دادا سنڌي جيڪا ضمير منفصل ۽ متصل جون وصفون جاٽايون آهن، تن ۾ ظاهري تہ ڪو فرق نظر نہ ٿو اچي. منهنجي راءِ مطابق دادا سنڌي جيڪي مثال ڏنا آهن، تن ۾ متصلّ جا مثال تہ سمجھ ۾ اچن ٿا باقي منفصل جي وصف ۽ مثالَ غير مناسب آهن.

بهرحال، جن عالمن/ استادن ’ضمير متّصل‘ جو ذڪر ڪيو تنهن ۾ ڪو خاص اختلاف ڪونهي، سواءِ محترم واحد بخش شيخ جي، سو بہ ضمير متّصل جي اڌ حصي کي تسليم ڪري ٿو ۽ ٿلهي ليکي اڌ حصي کي ٻيو رخ ونرائي ٿو. يعني ’اسم سان ضميري پڇاڙي لڳي تہ ضمير متّصل سڏبو ۽ جيڪڏهن فعل يا حرف جر سان جيڪا ضميري پڇاڙي لڳي تہ اها ضمير منفصل سمجهڻ گهرجي.‘ سندس اهو خيال مٿي ڪيل بحث موجب رد ٿيڻ جوڳو آهي.

*مٿين عالمن/ استادن جي راين ۾ خيالن مان اهو واضح ٿيو تہ ضمير متّصل ۽ ضمير منفصل ’ضمير خالص جو هڪ نمونو آهن. ’ضمير متّصل‘ جي نموني تي مڙني عالمن جو اتفاق آهي. البتہ ’ضمير منفصل‘ اجائي ديگهہ سبب اختلافي آهي. جنهن صورت ۾ ضمير متّصل الڳ سان ڪو قسم ناهي، ان صورت ۾ ضمير متّصل کي ضمير خالص ۾ ئي پڙهائڻ گهرجي.*

### 1.3.3.1.2 ضمير منفصل بابت عالمن جو خيال

**مرزا قليچ بيگ:** مرزا مرحوم ’ضمير منفصل‘ بابت اها ئي راءِ رکي ٿو تہ ضمير خالص ۾ جيڪي لفظ ’آءٌ، مان، اسين، تون، هو اهي وغيره‘ ڪم اچن ٿا تن کي ’ضمير منفصل‘ چئي سگهجي ٿو.

**حافظ گل محمد ’گلڻ‘:** ٻنهي قسمن کي گڏي ڳالهہ ڪندي لکي ٿو: ”ضمير متصل يا منفصل: اهي ضمير جون پڇاڙيون جي اسم سان يا فعل سان لڳي حالت اضافي (مالڪيءَ جو واسطو) ڏيکارين. نوٽ: جنهن سان مالڪيءَ جو واسطو لڳي سو مضاف ۽ مالڪ مضاف اليہ ٿيندو.“ هن بزرگ جيڪي بہ سنڌي ترجمي سان فارسيءَ جا مثال ڏنا آهن تن ۾ ڪا بہ ورچ ڪونهي تہ متّصل ڪهڙو يا منفصل ڪهڙو؟ سندس عنوان جي پيرِ مان ئي اهو اندازو ٿئي ٿو تہ متّصل ۽ منفصل کي ساڳي شيءِ ٿو سمجهي! ان ڪري هن بزرگ جي راءِ بہ، نہ جهڙي آهي.

**محبوب علي جوکيو:** جوکئي مرحوم جي جاٽايل قسمن ۾ منفصل جو لفظ ئي ڪونهي، بلڪ مرحوم آخر ۾ نوٽ جي صورت ۾ ’منفصل‘ بدران ’مفصّل‘ لفظ ڪم آندو آهي.

**واحد بخش شيخ:** شيخ جو منفصل بابت رايو مڙني کان نرالو آهي تہ: ’اسم سان ضميري پڇاڙي لڳي تہ ضمير متّصل سڏبو ۽ جيڪڏهن فعل يا حرف جر سان جيڪا ضميري پڇاڙي لڳي تہ اها ضمير منفصل سمجهڻ گهرجي.‘

نور محمد کوسو: هن بزرگ، ضمير متّصل جي مثالن جي جيڪا اکيڙ ڄاڻائي آهي تن کي ’ضمير منفصل‘ ٿو ڪوٺي.

**مسڪين راشدي:** راشديءَ جي ڏنل قسمن ۾ ’منفصل‘ جو ذڪر ئي ڪونهي، هن جوڪئي مرحوم جيان ’منفصل‘ بدران ’مفصّل‘ لفظ ڪم آندو آهي.

**نچوڙ:** جن عالمن/ استادن لفظ ’منفصل‘ ڪم آندو آهي، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، حافظ گل محمد گلڻ، واحد بخش شيخ ۽ نور محمد ڪوسو جا نالا ڳڻپ ۾ اچن ٿا؛ ان کان علاوه جن عالمن/ استادن ’منفصل‘ جو لفظ ئي ڪم نہ آندو آهي تن ۾: ڪاڪو ڀيرومل، ابڙو عبدالرحيم، محبوب علي جوکيو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محسن علي شاه، غلام محمد سومرو ۽ مسڪين راشدي شامل آهن.

*جن عالمن/ استادن ’منفصل‘ جو لفظ ڪم آندو آهي، تن جي وضاحت مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو تہ اها اجائي ڊيگهہ آهي؛ ان جي استعمال جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي.نتيجةً راءِ اها جڙي ٿي تہ: ضمير جي قسمن مان لفظ ’منفصل‘ يا ’مفصّل‘ کي هروڀرو ڳڻپ ۾ نہ آندو وڃي.*

## 1.4. ضمير کي سمجهڻ/ سمجهائڻ جو طريقو

عالمن/ استادن ڏرئون جيڪو طريقو اپنايو آهي سو آهي: ٻوليءَ جي ڳالهايل/ لکيل جملن کي سامهون رکي چند ڇاڻ ڪري ڪا وصف مقرر ڪرڻ! ان طريقي سان سمجهڻ توڙي سمجهائڻ واري لاءِ هڪ پختو خيال جڙي ٿو ۽ هو اڳتي هلي ان متعين ڪيل وصف کي پنهنجي غور ۽ فڪر سان بہ جاچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڍنگ سان هو ان جي مونجهارن ۽ متعين وصف ۾ ترميم ڪرڻ جي قوّت بہ رکي سگهي ٿو. پهرين ڳالهايل/ لکيل جملا يا متعلقہ انگ اکر سامهون رکي ان جي جائزي وٺڻ بعد ڪو نتيجو ڪيڻ يا ڪا وصف مقرر ڪرڻ واري طريقي کي استخراجي طريقو (Deductive Method) چيو ويندو آهي. پروفيسر ڀيرومل ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا هن طريقي کي ئي ترجيح ڏني آهي. ٻين عالمن/ استادن جي استعمال نہ ڪرڻ جو سبب اختصار ئي ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ پڙهائيندڙ استادن لاءِ استخراجي طريقي سان پڙهائڻ جي راءِ جڙي ٿي.

## 1.5. پوري تنقيدي جائزي جو نتيجو

اڪثريتي راءِ موجب ضمير جا ڪل ست قسم آهن، ليڪن ڊاڪٽر غلام علي الانا ان جا ڇهہ قسم ڄاڻايا آهن؛ جنهن ۾ هن ’موصول‘ ۽ ’جواب موصول‘ کي هڪ قسم جي ڪڙي ۾ شامل ڪيو آهي؛ جنهن موجب مڙئي قسم سمائجي وڃن ٿا. اختصار پٽاندر منهنجي ذاتي راءِ پڻ ڊاڪٽر الانا سان سهمت رهي ٿي؛ اهڙو اختصار نتيجةً هيٺ ڏجي ٿو:

### 1.5.1. ضمير جي وصف

ضمير لفظ جي معنيٰ آهي ڳجهو خيال، اندر وارو يا لڪل. هي اهو لفظ آهي جيڪو اسم توڙي ضمير جي هر هر ڪم اچڻ سببان، اسم يا ٻئي ضمير جي جڳهہ تي ڪم اچي ٿو.

- **ضمير جون خاصيتون**

- ضمير، اسم جو عيوضي ٿي ڪم ڪندو آهي؛ مثال: **هو** (سرواڻ) ڪتاب پڙهي رهيو آهي.
- ضمير، اسم يا ٻئي ضمير جي بار بار اچڻ واري دهراءَ کي روڪي جملي کي سيبائتو بڻائيندو آهي؛ مثال: **هو** (سرواڻ) چوي ٿو تہ **مان** واندو نہ آهيان، انڪري **پاڻ** نہ ٿو اچي سگهان.
- ضمير ڪڏهن ڪڏهن ٻئي ضمير جي پڻ جڳهہ والاريندو آهي؛ مثال: **پاڻ، خود، پنهنجي سِر.**
- ضمير صرف چئن حالتن ۾ ڪم ايندو آهي، فاعلي، مفعولي، جري ۽ اضافت. مثال: **مان، مون کي، مون لاءِ، منهنجو.**

**ضمير جا قسم**

1.5.1.1. **ضمير خالص:** خالص لفظ جي معنيٰ آهي: صاف، چِند يا نِج، يعني ضمير خالص نج ماڻهن لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. هن کي **ضمير شخصي** بہ ڪوٺيو ويندو آهي. اهي ضمير جيڪي ڳالهائڻ وارو، پنهنجي ذات يا ڪنهن حاضر ماڻهوءَ يا ڪنهن غائب ماڻهوءَ لاءِ ڪم آڻيندو آهي، تنهن کي ضمير خالص ڪوٺيو ويندو آهي. يعني هن جا ٽي قسم آهن: ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب. ضمير خالص ضميري پڇاڙين سان پڻ واضح ڪيو ويندو آهي.

1.5.1.1.1. **ضمير متڪلم (خالص):** متڪلِم معنيٰ ڳالهائيندڙ. اهڙا لفظ جيڪي ڳالهائيندڙ پنهنجي لاءِ ڪم آڻي تنهن کي ضمير متڪلّم چئجي ٿو. مثال: **مان، آءٌ، مون، اسان، اسين** وغيره، ان کان علاوه ضميري پڇاڙيون: **'اُم' ۽ 'اَئُون'** پڻ ڪم آنديون ويندیون آهن، جيئن: ڏسندُم، ڏسَئُون.

1.5.1.1.2. **ضمير حاضر (خالص):** حاضر لفظ جي معنيٰ آهي: سامهون هوندڙ. اهڙا لفظ جيڪي سامهون هوندڙ سان ڳالهائيندي، سامهون واري لاءِ ڪم آڻجن، تنهن کي ضمير حاضر چئجي ٿو. مثال: **تون، تو توهان، اوهان، اوهين** وغيره. ان کان علاوه ضميري پڇاڙيون **'اَءِ/ اَئِي'، 'اَؤ'، 'اَوَ'،پڻ** ڪم آنديون وينديون آهن، جيئن: سندءِ/ لکيَئِي، لکندَؤ لکيَوَ.

1.5.1.1.3. **ضمير غائب (خالص):** غائب لفظ جي معنيٰ آهي: لڪندڙ غير حاضر هوندڙ. اهڙو لفظ جيڪو ڪنهن غير حاضر يا ڪنهن ٽئين ماڻهوءَ/ ماڻهن بابت ڪم آڻجي (توڙي جو اکين اڳيان هجي) تن کي ضمير غائب چئبو آهي. مثال: **هو هوءَ، اهي** وغيره. ان کان سواءِ ضميري پڇاڙيون: **'اَس'، 'اَن'** پڻ ڪم آنديون وينديون آهن، جيئن: سندَس، سندَن، لکندُس/ لکندَس (هو/ هوءَ ، هن کي لکندو/ لکندي)، لکندُن/ لکندَن (هو/ هوءَ ، هنن کي لکندو/ لکندي).

(نوٽ: ضمير متڪلم، حاضر ۽ غائب طور ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙين کي ضمير متّصل پڻ چيو ويندو آهي.)

1.5.1.2. **ضمير اشارو:** اشاري لفظ جي معنيٰ آهي: راءِ ڏيڻ، مشورو ڏيڻ، اهڃ ڏيڻ. اهڙو لفظ جيڪو ڪنهن اسم (ماڻهو شيءِ يا جاءِ) ڏانهن اشارو ڪري تن کي ضمير اشارو چئبو آهي. ضمير اشاري جا ٻہ قسم آهن:

1.5.1.2.1. **ضمير اشارو ويجهو/ قريب:** اهو لفظ جيڪو ڪنهن ويجهي اسم ڏانهن اشارو ڪري، جيئن: **هي، هيءَ، هيءُ، هن، هنن** وغيره.

1.5.1.2.2. **ضمير اشارو ڏور/ بعيد:** اهو لفظ جيڪو ڪنهن ڏور اسم ڏانهن اشارو ڪري، جيئن: **هُو هُوءَ، هُن، هُنن** وغيره.

1.5.1.3. **ضمير مشترڪ:** مُشترڪ لفظ جي معنيٰ آهي: شريڪ ڪيل، شامل ڪيل. اهو لفظ جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي، ان کي ضمير مشترڪ چئبو آهي، جيئن: **پاڻ ، پنهن، پنهنجي سِر، خود، پنڊ.**

1.5.1.4. **ضمير استفهام:** استفهام لفظ جي معنيٰ آهي: پڇا ڪرڻ، ڪجھ ڄاڻڻ. اهو لفظ جيڪو ڪنهن معاملي کي ڄاڻڻ لاءِ سوال پڇي تہ ان کي ضمير استفهام چئبو آهي، جيئن: **ڪير، ڪنهن، ڇو ڇا، ڪهڙو، ڪوہ، ڪڇاڙو** وغيره.

1.5.1.5. **ضمير مبهم:** مبهَم لفظ جي معنيٰ آهي: لڪل، اڻ- ڄاتل. اهڙو لفظ جيڪو ڪنهن اڻ-ڄاتل اسم (ماڻهو شيءِ، جاءِ) لاءِ ڪم آندو وڃي تہ ان کي ضمير مبهَم چئبو آهي: جيئن: **ڪنهن، ڪو ڪا، ڪجھ، ڪن، ڪي** وغيره.

1.5.1.6. **ضمير موصول/ جواب موصول:** هي ضميرَ ٻن جملن جي نسبت ڏيکاريندا آهن، هڪ: ڳنڍيل صورت ڏيکاريندو آهي، ٻيو ڳنڍيل حالت ۾ هوندو آهي: اهڙا ٻئي قسم هيٺين ريت آهن:

1.5.1.6.1. **ضمير موصول:** موصول لفظ جي معنيٰ آهي ڳنڍيل، مليل. اهڙو لفظ جيڪو ضميري حيثيت ۾ ٻن لاڳاپيل جملن لاءِ ڳنڍيل هجڻ جي صورت ڏيکاري، تنهن کي ضمير موصول چئبو آهي: جيئن: جيڪو/ جيڪا/ جيڪي، جنهن، جو، اهو/ اهي وغيره.

1.5.1.6.2. **ضمير جواب موصول:** اهڙو لفظ جيڪو ضمير جي حيثيت ۾ ضمير موصول جي موٽ ۾ ڪم اچي تہ ان کي ضمير جواب موصول چئبو آهي: جيئن: سو، تهڙا، تنهن وغيره.

*(**نوٽ:** ضمير جي مختلف قسمن جي مثالن ۾ اهو جاچيو ويو آهي تہ چند لفظ اهڙا بہ آهن جيڪي هڪ قسم کان علاوه ٻين قسمن ۾ بہ شمار ٿين ٿا، انلاءِ جملي جي نوعيت ۽ ضميري دائرن کي ڏسي سمجهڻ يا سمجهائڻ گهرجي)*

******************

## 1.6. حوالاتي ڪتاب:


- آڏواڻي، پيرومل مهرچند (1985) وڏو سنڌي وياڪرڻ- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- ابڙو عبدالرحيم، ارشد (1986) رفيق گرامر- انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1971) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2010) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1985) جامع سنڌي لغات، جلد: 4 - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2005) نئين جامع سنڌي لغات، جلد: 2- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد.
- تاج محمد، آغا ۽ جان محمد قاضي (1951) نئون سنڌي گرامر، ڀاڱو ٻيون. حيدرآباد: آر. ايچ احمد ائنڊ برادرس.
- جوڪيو، الطاف حسين (2011) سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڪب صورت وارو معاملو. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل*. 4 (3 ۽ 4)، 48- 88. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جوڪيو، محبوب علي (1979) مهراڻ سنڌي گرامر- سنڌي ساهت گهر محراب پور.
- راشدي، مسڪين (2008) سنڌي گرامر- روشني پبليڪيش ڪنڊيارو.
- سنڌي، دادا (2010) سنڌي گرامر- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
- سومرو، غلام محمد (1997) سنڌي ٻولي ۽ ان جي سکيا- سڪرنڊ
- سيد، محسن علي شاه (1995) سنڌي ادب- بخاري پبليڪيشن ٽنيا بقا شاه.
- شيخ، واحد بخش (1986)- سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو ڀاڱو پهريون - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- فهميده حسين، ڊاڪٽر (2012) سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ڪوسو، نور محمد (2005) سنڌي گرامر- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

- گلڻ، گل محمد، حافظ (1959) پرشن گرامر۔ شفي اسٽورس بندر روڊ لاڙڪاڻو.
- مرزا، قليچ، بيگ (2006) سنڌي وياڪرڻ۔ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر (1987) سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن۔ عجائب اسٽورز سکر.


(1)




– شبير ڪنڀار

.01 سنڌي ڪمپيوٽنگ

.02 ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ٻولي وجھڻ (Installation)

.a (Compact Disc) C.D وسيلي

.b انٽرنيٽ تان ڊائون لوڊنگ

.03 ونڊوز 8، ونڊوز 7 ۽ ونڊوز وسٽا ۾ انسٽاليشن جو طريقو

.04 ونڊوز ايڪس پي ۾ انسٽاليشن بعد واڌارو سِٽائن جو طريقو

.05 Fonts (لکت جا نمونا)

.06 ڪمپيوٽر ۾ معياري سنڌي فونٽس جي لڳائڻ جو طريقو

.a (Compact Disc) C.D مان استعمال

.b فونٽس جي ڊائون لوڊنگ

.c فونٽس جي انسٽاليشن

**سنڌي ڪمپيوٽنگ:** سنڌي ڪمپيوٽنگ جو آغاز محترم عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب 1987ع ۾، ايپل ڪمپني جي مئڪنٽاش ڪمپيوٽر جي عربي ۽ فارسي ورڊ پروسيسنگ جي پروگرام ”الڪاتب“ ۾ تبديليون آڻي ڪيو. جولاءِ 1988ع ۾، ايپل ڪمپنيءَ هالي ڊي اِن (ميريٽ) هوٽل ۾ ان جي متعارف ڪرايو. هن صاحب يونيڪوڊ جي بنياد تي معياري سنڌي 2000ع ۾جوڙي.

MB Sindhi کي ورڊ پروسيسنگ يا ڪمپوزنگ جو سافٽ ويئر يا پروگرام ڪوٺهي، پر اهو هڪ همه گير حل آهي، جيڪو مڪمل ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي/ آپريٽنگ سسٽم کي سنڌيءَ لاءِ قابل استعمال بڻائي ٿو، جنهن سان اِي ميلز، چيٽنگ، ويب پيج، فيس بوڪ، ورڊ، ايڪسل، پاور پوائنٽ، پبلشر، ادوبي ان ڊيزائن، اوپن آفس وغيره سنڌي لکت جي قابل ٿي وڃن ٿا.

**ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انسٽاليشن (Installation):** ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ / هلائڻ جي نظام (Operating System) ونڊوز Windows ۾ سنڌي ٻولي Install ڪرڻ جو طريقو ترتيب وار مختلف مرحلن تي مشتمل آهي، اهڙي Installation ڪانپوءِ ڪمپيوٽر سنڌي لکڻ جي قابل ٿي وڃي ٿو. ڪمپيوٽر تي سنڌي لڳائڻ جي عمل کي سولو ڪرڻ لاءِ هي مضمون لکيو ويو آهي، جنهن ۾ هرهڪ مرحلي کي تصويرن جي مدد سان سمجهايو ويو آهي. درست انسٽاليشن جي لاءِ ضروري آهي ته هن کي غور سان پڙهو ۽ ڏنل هدايتن تي ترتيب وار عمل ڪريو، جڏهن ته ڀهرئين ڀيري اِنسٽاليشن جي لاءِ مددگار طور هي مضمون پاڻ سان گڏ رکو ته جيئن پيش اينڊڙ ڪنهن مونجهاري جي صورت ۾ ان مان مدد وٺي سگهجي. اِنسٽاليشن جي عمل ۾ وقت بيحد گهٽ لڳي ٿو، پر جنهن صورت ۾ ڪمپيوٽر فردي احڪامن تي هلي ٿو، انڪري ان جي بنيادي ڄاڻ رکڻ تمام ضروري آهي، جنهن جي بدولت ضرورت وقت ڪمپيوٽر کي گهربل احڪام جاري ڪري سگهجن.

ونڊوز ۾ سنڌي Install ڪرڻ لاءِ MB Sindhi جي .exe فائل جو هجڻ ضروري آهي. جنهن کي ٻن طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو:

a. C.D (Compact Disc) **وسيلي:** ڪنهن به ڪمپيوٽر مارڪيٽ مان MB Sindhi جي C.D خريد ڪريو ۽ ان ۾ موجود MB Sindhi 2010 جو .exe فائل ڪٽي استعمال ۾ آڻيو. ان جي انسٽاليشن جو طريقو بلڪل ساڳيو آهي. جيڪو فائل جي ڊائون لوڊنگ بعد هيٺ تفصيل سان بيان ڪيل آهي.

b. **انٽر نيٽ تان ڊائون لوڊنگ:** عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جي ويبسائيٽ تان MB Sindhi 2010 سڌو سنئون ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو جنهن جو طريقو ڪار هيٺين ريت آهي:

i. انٽرنيٽ ايڪسپلورر گوگل ڪروم وغيره ۾ عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي ويبسائيٽ www.bhurgri.com کوليو.

هي ويبسائيٽ جو ڀهريون صفحو آهي. سنڌي انسٽال جي لنڪ تي ڪلڪ ڪريو.




ii. هي سنڌي انسٽالر جو صفحو آهي. هتي ونڊوز جي آئڪن هيٺان موجود ونڊوز انسٽالر جي لنڪ تي ڪِلڪ ڪريو.




iii. جيئن ئي لنڪ تي ڪلڪ ڪبي تہ Popup Window نمودار ٿيندي، هتي Save تي ڪلڪ ڪريو.




جنهن بعد فائل ڊائون لوڊ ٿيڻ شروع ٿي ويندو ۽ انٽرنيٽ جي رفتار موجب ڪجھ وقت ۾ ڊائون لوڊ مڪمل ٿي ويندو.

iv. ياد رکو تہ ڊائون لوڊ ڪيل هي فائل MB Sindhi جو Compressed (zipped) Folder (.zip) آهي، جيڪو سڌو سنئون استعمال نٿو ڪري سگھجي. تنهنڪري ان کي قابل استعمال بڻائڻ لاءِ Unzip ڪرڻ لازمي آهي. انڪري ڊائون لوڊ ڪيل فائل تي Right Click ڪري مٿان کان چوٿين نمبر واري آپشن Extract All... تي ڪلڪ ڪريو.







v. MB Sindhi.exe فائل Extract بعدِ انسٽاليشن لاءِ تيار آهي.

03. Windows 8 ، Windows 7 ۽ Vista ۾ **ايم بي سنڌي جي انسٽاليشن جو طريقو:** ونڊوز 8، 7 ۽ وسٽا ۾ سنڌي (MB Sindhi Installation) جو طريقو ساڳيو آهي، جيڪو هيٺيئن ريت آهي، هدايتن تي ترتيب وار عمل ڪريو:

I. MB Sindhi جي آئڪن تي ٻِتي ڪِلڪ ڪريو يا ان جي مٿان Right Click ڪري Open ڪريو.




II. هي Setup جي پهرين تصديقي ونڊو آهي، هتي فقط Next > تي ڪلڪ ڪريو.



III. هي لائسنس معاهدي جي ونڊو آهي. ان کي غور سان پڙهڻ بعد ان تي موجود آپشن I accept the agreement تي نشان لڳايو ۽ Next > تي ڪلڪ ڪريو.




IV. هي انسٽاليشن جي معلوماتي ونڊو آهي. هن کي غور سان پڙهي سمجهو ۽ Next > تي ڪلڪ ڪريو.




V. ايم بي سنڌيءَ جي شارٽ ڪٽ لاءِ Create a desktop icon تي چيڪ مارڪ لڳايو ۽ Next > تي ڪلڪ ڪريو.




VI. هي انسٽاليشن ونڊو آهي. Install تي ڪِلڪ ڪريو.




VII. MB Sindhi انسٽال ٿي چڪي آهي. Close تي ڪِلڪ ڪريو.




هاڻي ونڊوز ۾ هر هنڌ سنڌي لکي سگهو ٿا. Time & Date جي پاسي ۾ موجود Language Bar مان ڪلڪ فارسي سليڪٽ ڪريو ۽ سنڌي لکو يا ورِي

ساجي هٿ جي Alt ۽ Shift گڏي دٻايو ۽ سنڌي لکو انگريزيءَ لاءِ به ساڳي ۽ Alt ۽ Shift کي استعمال ڪرڻو آهي.

## .04 Windows XP ۾ ايم بي سنڌي جي انسٽاليشن

**ڪان پوءِ واڌو سيٽائن جو طريقو:** ونڊوزايڪس پي ۾ ايم بي سنڌي مٿي بيان ڪيل ساڳئي طريقي موجب انسٽال ڪرڻ بعد هيٺيون واڌو Settings ڪرڻ ضروري آهن، جنهن ڪانپوءِ Windows XP سنڌي لکڻ جي قابل ٿي ويندي آهي:

i. ونڊوز جي start تي ڪلڪ ڪريو.

ii. Control Panel تي ڪلڪ ڪريو ۽ پوءِ ونڊوز جي ٻولين جي آئڪن Regional and Languages ... تي ٻٽي ڪلڪ ڪريو يا ان تي Right Click ڪري Open ڪريو.




iii. نمودار ٿيندڙ ونڊوز مان Languages جي Tab تي ڪلڪ ڪريو ۽ واڌو ٻولين جي لاءِ آڇيل خانن مان پهرئين نمبر آپشن (Install files for....) تي چيڪ مارڪ لڳايو. جيئن ئي چيڪ مارڪ لڳائبو ته ڪمپيوٽر ونڊز ۾ واڌو ٻولين ۽ فانٽس جو اضافو ڪندو جيڪو لڳ ڀڳ 230 MB جي هارڊ ڊسڪ تي جاءِ والاريندو انڪري ضروري آهي ته هارڊ ڊسڪ جي C Partition ۾ ايتري جاءِ خالي هجي، ٻيءَ صورت ۾ ڪمپيوٽر Error جو آپشن ڏيندو ۽ ڊسڪ تي جاءِ پيدا ڪرڻ لاءِ چوندو.




نوٽ: ونڊوز جي CD ڪٽي CD Rom ۾ وجهو ته جيئن ڪمپيوٽر ساڄي کان کاٻي لکجندڙ ٻولين جي لاءِ مددگار فائل ڪاپي ڪري سگهي.

iv. هاڻي OK جي ٻٽڻ تي ڪلڪ ڪريو.




ڪمپيوٽر پاڻمرادو فائل ڪاپي ڪرڻ شروع ڪندو ۽ ٿوريءَ دير ۾ ڪاپيءَ جو عمل مڪمل ٿي ويندو. جيستائين ڪاپيءَ جو عمل جاري رهندو تيستائين هيٺين تصوير اسڪرين تي رهندي، ٿورو انتظار ڪريو ته جيئن گهربل ضروري فائل ڪاپي ٿي وڃن.

سنڌي لکو پر بهتر آهي ته اُن جي ڪي بورڊ شارٽ ڪٽ تي مشق ڪري ياد ڪريو جنهن سان لکڻ وقت وڌيڪ سولائي ٿيندي پنهنجي ساڄي هٿ جي Alt ۽ Shift گڏي دٻايو ۽ سنڌي لکو ياد رکو ته انگريزي لکڻ لاءِ پڻ ساڄيو طريقو يا وري ساڄي شارٽ ڪٽ Alt ۽ Shift ڪي استعمال ڪرڻو آهي.

### 05. Fonts (لکت جي نمونن) جي انسٽاليشن جو طريقو.

ڪمپيوٽر ۾ خط (Typeface /Font) مان مراد آهي: ’ڪنهن ٻوليءَ لاءِ جوڙيل اکرن جي لکت جو اهڙو مڪمل چارٽ، جنهن ۾ لاڳاپيل ٻوليءَ جا سڀئي اکر پنهنجي سالم[2]، شروعاتي[3]، وچين[4] ۽ آخري يا پڇاڙيءَ[5] واري شڪل سميت موجود هجن ۽ اهي مڪمل طور گهربل ٻوليءَ واسطي مختلف Softwares, Search Engines, Websites, Emails وغيره لاءِ ڪمپيوٽر اسڪرين تي نه رڳو ڪتب آڻي سگهجن، پر ضرورت وقت اهڙي مواد کي ساڳيءَ شڪل ۾ ڇاپي پڻ سگهجي‘. هرهڪ ٻوليءَ جون لکت ۽ ڇپائيءَ جي لحاظ کان پنهنجون گهرجون جدا آهن جن. جي پورائيءَ لاءِ ڪمپيوٽر تي مناسب فني سٺاءَ هيٺ اهڙا لکتي نمونا جوڙيا ويا آهن. جن کي ڪمپيوٽر تي Font سڏجي ٿو. ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪو فائل جوڙڻ لاءِ ان ٻوليءَ جي فونٽ جو سسٽم ۾ هجڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته هرهڪ ڪمپوزر فائل جي تياريءَ وقت پنهنجي پسند موجب فونٽ منتخب ڪندو آهي ۽ پوءِ انهي جي متاسنا وقت فقط فائل جي ڏي وٺ ٿيندي آهي، جڏهن ته فونٽ تي ڌيان نه ڏريو ويندو آهي، انڪري فائل پنهنجي استعمال ٿيل فونٽ جي غيرموجودگيءَ ۾ اصل شڪل ۾ ڏسي نه سگهبو آهي، خاص طور جڏهن اهڙو

2- الف ب جون ٥٢ نشانيون اکرن جي سالم صورت آهن. ا، ب، ج، د وغيره.

3- ا لکڻ دؤران اکرن جي شروعاتي شڪل جيئن: ا، بـ، جـ، مـ وغيره.

4- لکڻ دؤران اکرن جي وچين شڪل جيئن: ـبـ، ـجـ، ـغـ، ـمـ، وغيره.

5- لکڻ دؤران اکرن جي پڇاڙيءَ واري شڪل جيئن: ـب، ـج، ـم وغيره

فائل ڇاپڻو هجي، تڏهن ته ان جي سڄي سيٽنگ ئي بگڙي ويندي آهي ۽ مقرر صفحن کان مواد وڌي يا گهٽجي ويندو آهي، انڪري اهڙن مسئلن کان بچڻ لاءِ هرهڪ کي گهرجي ته مڪمل فونٽ ورائٽي پاڻ وٽ موجود رکي.

فونٽ انسٽاليشن لاءِ سڀ کان پهرين سنڌي معياري فونٽس جو هجڻ ضروري آهي، خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌيءَ جا سڀئي معياري فونٽس ٻوليءَ سان محبت جي اظهار طور مفت ورهايا ويا آهن ۽ هرجاءِ تي مفت ملن ٿا. جيڪي ٻن طريقن سان حاصل ڪري استعمال ۾ آڻي سگهجن ٿا.

a. **C.D (Compact Disc) مان استعمال:** مارڪيٽ ۾ موجود MB Sindhi جي C.D خريد ڪريو اهڙين C.D's ۾ معياري سنڌي فونٽس وڏي تعداد ۾ موجود هوندا آهن. پنهنجي پسند جا فونٽس چونڊيو ۽ ڪمپيوٽر ۾ انسٽال ڪريو. انسٽاليشن جو طريقو ساڳيو آهي، جيئن عام فونٽ ونڊوز جي فونٽ فولڊر ۾ انسٽال ڪبو آهي، يعني فونٽ کي ڪاپي ڪري ونڊوز جي فونٽ فولڊر ۾ پيسٽ ڪجي يا وري ونڊوز جو فونٽ فولڊر کولي ۽ Install New font تي ڪِلڪ ڪري پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ موجود لوڪيشن تان فونٽ سلڪيٽ ڪجي، ته ٻڌايل فونٽ ونڊوز ۾ انسٽال ٿي ويندو. يا وري هيٺ فونٽس جي ڊائون لوڊنگ بعد انسٽاليشن جي ٻڌايل طريقي موجب انهن جي انسٽاليشن ڪجي.

b. **فونٽس جي ڊائون لوڊنگ:** جيڪڏهن اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ انٽرنيٽ موجود آهي ته ٿوري دير ۾ ڪيترائي فونٽس ڊائون لوڊ ڪري انسٽال ڪري سگهجن ٿا. هونئن ته معياري سنڌي فونٽس جي مفت ڊائون لوڊ تمام گهڻيون ويبسائيٽون آڇي رهيون آهن. پرفونٽس جي تمام وڏي ورائٽي عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جي ويبسائٽ تي هڪ ئي هنڌ موجود آهي ۽ اتي ئي نالي وارن فونٽس جو پِري ويو ڏسڻ جي سهوليت پڻ موجود آهي، جتان پنهنجي پسند منتخب ڪري، انهن کي سڌو سنئون ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

**طريقيڪار هيٺيئن ريت آهي، هدايتن تي ترتيب وار عمل ڪريو:**

i. ڪنهن بہ انٽرنيٽ برائوزر ۾ عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جي ويبسائٽ www.bhurgri.com کوليو ۽ ويبسائٽ جي پهرئين صفحي تي، فونٽ جي لنڪ تي ڪلڪ ڪريو-




ii. هي فونٽس ورائٽيءَ جو صفحو آهي، هتي حاشيي ۾ موجود فونٽس تي Mouse Over ڪريو (مائوس مٿان جهليو). هڪ پل ۾ فونٽ جي تصوير نمودار ٿيندي، جنهن کي ڏسي پنهنجي پسند جا فونٽس چونڊيو ۽ هڪ هڪ ڪري ڊائون لوڊ ڪندا وڃو پر ان کان وڌيڪ بهتر آهي تہ ساڳئي صفحي تي موجود مختلف دوستن پاران تيار ڪيل فونٽس جا مڪمل پيڪ ڊائون لوڊ ڪجن. چاڪاڻ تہ انهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي فونٽس موجود آهن. انهن مان هتي هڪ پيڪ ڊائون لوڊ ڪرڻ ۽ ان جي انسٽاليشن جو طريقو سمجهايون ٿا. جڏهن تہ ويبسائٽ تي موجود ٻيا سڀئي فونٽ پيڪ پڻ ساڳئي طريقي سان ڊائون لوڊ ۽ انسٽال ڪري سگهجن ٿا. سيني جي مٿان موجود عبدالماجد ڀرڳڙي جو فونٽ پيڪ تي فونٽ تي ڪلڪ ڪريو.

ڪلڪ بعد فونٽ پيڪ ڊائون لوڊ ٿيڻ شروع ٿي ويندو ۽ انٽرنيٽ جي رفتار موجب ٿوري دير ۾ پاڻمرادو ڊائون لوڊ ٿي ويندو.




c. **فونٽس جي اِنسٽاليشن:** فونٽ پيڪ جي ڊائون لوڊ بعد ڪمپيوٽر جو ڊائون لوڊ فولڊر (C:\Users\sk\Downloads) کوليو ۽ هيٺ ڏسيل هدايتن مطابق اِنسٽاليشن ڪريو:

i_ سڀ کان پهرين mbfont تي Double ڪلڪ يا ساڄي Right Click ڪلڪ ڪري Open ڪريو.




ii_ هي فونٽ جي انسٽالر جي ونڊو آهي، Next > تي ڪلڪ ڪريو.




iii_ هي لائسنس معاهدي جي ونڊو آهي هن کي غور سان پڙهڻ کانپوءِ ان تي موجود پهرئين آپشن I accept the agreement تي چيڪ مارڪ لڳايو ۽ پوءِ Next > تي ڪلڪ ڪريو.




iv_ فونٽس انسٽاليشن مڪمل ٿي چڪي آهي، هتي Finish تي ڪلڪ ڪريو.




ڪمپيوٽر جي آپريٽنگ نظام ونڊوز ۾ MB Sindhi 2010 ۾ MB Fonts انسٽال ٿي چڪا آهن. هاڻي ڪمپيوٽر جي ونڊوز ۾ جتي ڪٿي ۾ واڌارو انسٽال ٿيل انهن سڀني Softwares ۾ جيڪي Unicode جي آڌار جوڙيل آهن، معياري سنڌي لکي سگهجي ٿي. ڳڌوڳڌ ساڳئي طريقي هيٺ بيا ڪيترائي فونٽ پيڪ ۾ سافٽ ويئر پڻ انسٽال ڪري سگهجن ٿا.

اسان جي خوشنصيبي آهي، جو اسان جي سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر جي ٻولي ٿي چڪي آهي ۽ ڪمپيوٽنگ سان وابسته لڳ ڀڳ جملي ڪم اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪري سگهون ٿا. هاڻي اسان وٽ ڪو جواز ڪونهي، جنهن جو بهانو ٻڌائي اسين ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻولي استعمال نه ڪريون. اچو ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽري قافلي جا هٿ همراهه ٿيون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترويج ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. پنهنجي ٻوليءَ جي مالڪي ڪريون ۽ ڪنهن ڏسڻ کان بهتر آهي ته ٻوليءَ جي ڪمپيوٽري عمارت ۾ پنهنجي حصي جي سِر پاڻ لڳايون. پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ٻولي پاڻ لڳايو ۽ روزانو هڪ جملو سنڌيءَ ۾ لکي پنهنجي ڪنهن پياري کي ميل ڪري سنڌي ٻوليءَ سان اتساهه کي وڌايو ۽ ٻين کي پڻ ترغيب ڏيو ته ماءُ جي مٺڙي ٻولي سنڌي استعمال ڪن.

_

سنڌي برقي ڪتاب

e-book

PDF

– شبير ڪنڀار


07. برقي ڪتاب E-Book (اليڪٽرانڪ بُڪ)

08. تعليمي ميدان ۾ E-Book جي اهميت

09. شايع ٿيل پهريون برقي سنڌي ڪتاب "شاهه جو رسالو"

10. برقي سنڌي ڪتاب جو PDF Format

11. PDF ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

12. برقي ڪتاب جي بيهڪ ۽ فني سٽاءُ

c. ڪاغذ جي چونڊ ۽ حاشين Margins جو سٽاءُ

d. ڪمپوزيشن لاءِ معياري ڪوڊنگ جو انتخاب

e. PDF Format جوڙڻ

f. PDF File جي Security حفاظت

13. مستقبل جون ڪتابي تقاضائون ۽ سنڌي علم و ادب

14. اڀياسي حوالا


## 01. برقي ڪتاب E-Book:

ڪمپيوٽر تي برقي لکت جي سٽاءَ تحت جوڙيل ڪتاب کي برقي ڪتاب E-Book چئجي ٿو. جيڪو سڄي دنيا ۾ ڪمپيوٽر جي مختلف قسمن (Laptops, Tabs, Palm, Pocket PC, I-pads, I-Phones & Etc.) تي ڏٺي وڃي سگهجي ٿو ۽ ان کي ڪنهن به واڌو سٽاءَ جي ڪمپيوٽر تي ڪو به عام رواجي E-Book Reader استعمال ڪندي ساڳيءَ صورت ۾ ڏسي، پڙهي ۽ ڇاپي سگهجي ٿو ۽ ان جي بنيادي جوڙجڪ ۾ ڪا به ڦيرگهير يا تبديلي نه ٿي اچي. نه رڳو اهو پر اهڙن ڪتابن جي حفاظت (security) پڻ هر لحاظ کان ڪتاب جوڙيندڙ جي هٿ وس هوندي آهي. پوءِ هو چاهي ته اُن جي پڙهڻ، ڇاپڻ، ايڊٽنگ وغيره جي اجازت ڏئي يا اُن جو حدون مقرر ڪري. ڪيس، اهڙي قسم جون سڀئي سهوليتون يا حق واسطا حاصل هوندا آهن. دنيا ۾ Online اهڙن ڪتابن جو وڪرو پڻ عام جام آهي، جيڪو تجارتي لحاظ کان وڏيڪ فائديمند ڪاروبار آهي. جيئن ته برقي ڪتابن جي اهڙي ڪاروبار ۾ ڪاغذ، جلد سازي، ٽرانسپورٽ، دڪانداريءَ وغيره جي ضرورت نه ٿي پوي، انڪري سيڙپ گهٽ ۽ منافعو وڌيڪ ٿئي ٿو اهو فائدو رڳو ڪتابي مالڪن کي نه، پر خريدار کي به پهچي ٿو ڇاڪاڻ ته برقي ڪتابن جون قيمتون بنهه گهٽ ٽين ٽيون ۽ اهي (ڪتاب) گهر ويٺي انٽرنيٽ استعمال ڪندي ڊائون لوڊ ڪيا وڃن ٿا، جنهن سان وقت ۽ ناڻو ٻنهي جي خاصي بچت ٿئي ٿي. گهڻا ڪتاب ته اڪثر ويبسائٽن جي ملڪيت هوندا آهن، جيڪي مالڪن کان چڱي ناڻي خريد ڪري پنهنجي وسيع تر مفادن جي پيشِ نظر مفت ڊائون لوڊ لاءِ آڇيا ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جنهن جي ڪري سڄي دنيا ۾ ڪتابن جي برقي ڇاپن جي استعمال ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو آهي. اها بي حد سرهائيءَ جهڙي خبر آهي ته هن وقت شاهه سائينءَ جو رسالو سچل سائينءَ جو رسالو ڪلام

پاڪ جو سنڌي ترجمو ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي ادبي ڪتابن جا برقي ڇاپا پڻ شايع ٿي چڪا آهن. جيڪي مختلف سنڌي ويبسائٽس تي ڊائون لوڊ لاءِ مفت موجود آهن. البت اڃا سنڌي ڪورس جي ڪتابن جا برقي ڇاپا پڌرا نہ ٿيا آهن. جنهن جي کوٽ تمام شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ تعليم ئي مستقبل جي درست سيڙپڪاريءَ جو ٻيو نالو آهي.

### 02. تعليمي ميدان ۾ E-Book جي اهميت:

رسمي ۽ غير رسمي تعليم جي ميدان ۾ ڪتاب جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر جيئن تہ اڄڪلهہ انفارميشن جو دؤر آهي ۽ سڌريل ملڪن ۾ علم ۽ حرفت ترقي ڪري ڪمپيوٽر تي اچي ويا آهن ۽ ترقي پذير ملڪ پڻ ان طرف وڌي رهيا آهن. جيئن سڌريل ملڪن ۾ ڪمپيوٽر زندگيءَ جي وهنوار هلائڻ لاءِ لازم و ملزوم ٿي ويو آهي، تيئن پنهنجي پيل ترقي پذير ملڪن ۾ هي برقي اوزار زندگيءَ جي وهنوارن ۾ مڪمل طور مڃتا ماڻي نہ سگهيو آهي. البت وقت گذرڻ سان گڏو گڏ آهستي آهستي اُن جي اهميت وڌندي پئي وڃي ۽ هٿ سان ٿيندڙ ڪم هاڻي ان (ڪمپيوٽر) جي مدد سان ٿيڻ لڳا آهن.

جيئن تہ زندگيءَ جي سڀني وهنوارن جو بنياد تعليم آهي ۽ تعليم جو مدار وري ڪتابن تي آهي، تيئن ئي ڪمپيوٽر جو وڏ ۾ وڏ استعمال توڙي اُن ڏس ۾ ٿيندڙ ايجادن جو تعلق پڻ يونيورسٽين سان آهي. سڌريل دنيا جي يونيورسٽين ۾ تعليم انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر جي ڳانڍاپي سان ٿئي ٿي، ليڪچر دؤران لاڳاپيل موضوعن کي پاڻ وٽ موجود Laptop, I-pad, Tab, Kindle, Sony e-book reader & etc تي ڳولا مان گذاري، سگهاري معلومات هٿ ڪئي ويندي آهي، جنهن سان تعليم جو عمل وڌيڪ مؤثر ٿئي ٿو. نہ رڳو اهو پر Thesis جو مواد ۽ ڪتاب انٽرنيٽ تان ڳوليا وڃن ٿا. اهڙين تعليمي گهرجن کي سامهون رکندي ڪمپيوٽر جي عام ٿيڻ بعد ڪتابن جا برقي ورشن (Version) پڌرا ٿيا آهن ۽ دنيا ۾ ڪيترين ئي اليڪٽرانڪ لائبررين مختلف web servers تي فعال ٿيون آهن، جتي ڪيترائي ڪتاب مفت، جڏهن تہ ٻيا تمام ٿورڙي قيمت جي عيوض آڇيا پيا وڃن، جنهن سان علم، عام فرد جي پهچ ۾ تمام سولائيءَ سان اچي ويو آهي ۽ گڏو گڏ تحقيق توڙي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو عمل سستو ۽ سولو ٿي ويو آهي. نہ رڳو اهو پر وقت جي بچت پڻ ٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ عام ڪتاب جي نسبت برقي ڪتاب مان گهربل مواد ڳولڻ ۾ وقت نٿو لڳي ۽ نہ وري لڳاتار صفحا اٿلائڻا ٿا پون. گڏوگڏ موضوع سان لاڳاپيل ٻيا ڪتاب ۽ ويب سائٽون پڻ هڪ هنڌ ئي سان ڳنڍيل هجڻ ڪري معلومات وسيع ۽ جامع ٿي پئي آهي. بلڪ ائين چئجي تہ موضوع سان سلهاڙيل وسيع معلومات هڪڙي ڪلڪ جي مفاصلي تي وڃي رهي آهي، جيڪا ڇپيل ڪتاب جي مقابلي ۾ تمام وڏي سهوليت آهي. جنهن صورت ۾ ڇپيل ڪتاب وڏي جسامت رکن ٿا، انڪري انهن جو اٽڻ نيئڻ، سنڀالڻ ۽ انهن مان ڳولا وغيره بيحد ڏکيو ڪم آهي، جڏهن تہ برقي ڪتاب اهڙي ڏکيائيءَ کان آجا آهن. هي ڪتاب طبعي جسامت نٿا رکن، انڪري ڪنهن Data Travel ۾ اهڙن ڪتابن جو وڏو تعداد رکي سگهجي ٿو. ان کي هيئن سمجهي سگهجي ٿو تہ انٽرنيٽ تي موجود شاهہ سائينءَ جي رسالي جي سائيز 1.92MB آهي ۽ 1GB جي جاءِ رکندڙ Storage Device ۾ اهڙا 500 کان وڌيڪ ڪتاب رکي سگهجن ٿا ۽ اها Storage Device ڪيسي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ يا ڪُنجين جي ڇلي ۾ پئي هوندي ۽ اُن مان گهربل ڪتاب سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ ڪمپيوٽر تي سولائيءَ سان پڙهي سگهبو. نہ رڳو اهو پر ان کي ڪٽي هلڻ ڪو مسئلو ناهي، پر ان جي ابتڙ ڇپيل حالت ۾ ساڳي جسامت وارن ڪتابن کي رکڻ لاءِ پورو ڪمرو درڪار هجي ٿو ۽ انهن مان ڳولا توڙي اٽڻ نيئڻ جو جهنجهٽ جدا آهي.

انٽر نيٽ تي رڳو ڪتابي ۽ تعليمي مواد جي سهوليت ناهي، پر گوگل جهڙا ادارا ڪنهن بہ مواد جي دنيا جي وڏين ٻولين ۾ ٽرانسليشن جي سهوليت پڻ مفت آڇي رهيا آهن. توڙي جو مشيني ترجمو مڪمل طور درست نہ هوندو آهي، پر ان هوندي بہ مواد جو مقصد سمجهڻ ۾ مڪمل مددگار ٿيندو آهي. انڪري تعليمي ميدان ۾ شاگرد، استاد ۽ اسڪالر انهن E-Book مان مواد ڪٽي، ان جو اتي جو اتي ترجمو ڪري تَتُ سمجهي سگهن ٿا. جيڪو سولائيءَ ۽ بچت جو باعث پڻ آهي. پر ان جي بر عڪس ڇپيل ڪتاب جي اهڙي مشيني ترجمي لاءِ گهربل مواد ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪرڻو (لکڻو) پوندو، تڏهن وڃي ڪمپيوٽر ان جو ترجمو ڪندو جنهن لاءِ ڪمپوزيشن جو ڏانءُ ۽ وقت گهربل هجي ٿو. جيڪو سڀ ڪنهن کي ميسر نہ هوندو آهي، نتيجي ۾ هن وقت ڇپيل ڪتاب برقي ڪتاب جي مقابلي ۾ وڏيڪ ڏکيو ٿي پيو آهي، انهن ۽ اهڙين لا تعداد سهوليتن جي پيشِ نظر E-Book ٿوري وقت ۾ وڏي اهميت حاصل ڪري ويو آهي.

### 03. شايع ٿيندڙ پهريون برقي سنڌي ڪتاب ”شاهہ جو رسالو“:

سنڌي ڪمپيوٽنگ سال 2004ع ۾ پنهنجي ان وقت جي MSN Group تان شاهہ جي رسالي جو اِي بوڪ ايڊيشن جوڙڻ جي رٿا جوڙي، جنهن لاءِ ڪلياڻ آڏواڻي ايڊيشن منتخب ڪيو ويو. رٿا تي ڪم عبد الماجد ڀرڳڙيءَ جي سربراهيءَ ۾ Team work طور شروع ڪيو ويو جنهن ۾ احمد چنڊ، شاهنواز سومرو، حبيب سنائي، عبد الرحيم نظاماڻي، فقير اصلح علي قلباڻي، عاشق حسين نظاماڻي ۽ رشيد ٻرڙو شامل هئا. سيني جي گڏيل جهد ڪانپوءِ رسالي جو ڪم ساڳئي سال جي آخري ڏهاڙن ۾ مڪمل ٿيو ۽ سنڌي قوم کي هڪ ئي وقت عيد الفطر 1425هہ ۽ نئين سال 2005ع جي تحفي طور پهريون سنڌي برقي ڪتاب world wide web تي ڊسمبر 2004ع ۾ مفت موجود ڪري ڏنو ويو. هن ڪتاب جي فني سٽاءَ ۾ سڀني ضرورتن کي نظر ۾ رکيو ويو. جيئن ڪاغذ جي چونڊ، حاشيي (Margins) جي حد بندي، هيڊر ۽ فوٽرس، فونٽ جي چونڊ، فهرست جو مذڪوره صفحن سان ڳانڍاپو، پرنٽنگ ۽ سڪيورٽي وغيره. البت ڪتاب جي سرورق(Title Page) لاءِ ڪنهن عمدي نموني جي تصوير (Graphical Image) جوڙڻ بجاءِ ان کي تمام سادو رکيو ويو. جنهن سان ڪتاب پهرينءَ نظر ۾ ٻُسو لڳي ٿو. جڏهن تہ باقي سڄو ڪتاب فني طور هڪ مڪمل اِي بوڪ جو عمدو نمونو آهي، جيڪو گهريلو سطح تي عام پرنٽر مان پرنٽ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڪتب آڻڻ جي قابل آهي ۽ گڏو گڏ پريس جي ڇپائيءَ جي سيني گهرجن جي معيار تي پڻ پورو لهي ٿو.

### 04. برقي سنڌي ڪتابن لاءِ گهڻو استعمال ٿيندڙ PDF Format:

هن وقت تائين برقي سنڌي ڪتابن لاءِ گهڻو استعمال ٿيندڙ نمونو PDF يعني Portable Document Format آهي، هي فائل جو اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ فونٽ، تصويرون، چارٽ، ويبسائٽن جي لنڪس وغيره جهڙيون بنيادي جوڙجڪ واريون سڀئي خوبيون شامل هونديون آهن. ڇاڪاڻ تہ جڏهن عام آفس فائل Word, Excel, Power Point وغيره جي جوڙجڪ ڇڪاس ۽ فني سٽاءُ Composing, editing, proof reading etc مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ، ان جو PDF Format جوڙيو ويندو آهي، تڏهن ڪمپيوٽر فائل جو مجوزه نمونو ناهڻ دؤران اُن ۾ استعمال ٿيل جملي شيون، اُن جي جڙندڙ نئين نموني/PDF Format ۾ جيئن جو تيئن ضم ڪري ڇڏيندو ۽ نئين فائل جي سڃاڻپ pdf. ٿي وڃي ٿي ۽ اهو جدا محفوظ (Save) ڪيو ويندو آهي. اهڙي ناهہ نوهہ بعد اهو PDF فائل ڏسڻ، پڙهڻ، ڇاپڻ وغيره لاءِ لاڳاپيل پروگرامن Word, Excel, Power

Point وغيره جي ڪا ضرورت نہ رهندي آهي ۽ اهڙي فائل جي ڪاپين جي ونڊڻ جو عمل (Sharing) هڪ ئي وقت سڄي دنيا ۾ ڪري سگهبو آهي، جنهن کي جتي ڪٿي، ڪو بہ رواجي PDF Reader استعمال ڪندي ڪمپيوٽر جي مختلف قسمن تي ساڳيءَ حالت ۾ ڏسي، پڙهي، ڇاپي ۽ ضرورت آهر مواد مان ڳولا (Search) پڻ ڪري سگهندو آهي، گڏو گڏ ان ۾ استعمال هيٺ آندل Websites جا حوالا Hyper Links پڻ هڪ ڪلڪ سان سڌو سنئون لاڳاپيل Webpages تي پهچي جانچي سگهبا آهن. هن Format ۾ يورپين توڙي ايشيا جي ٻولين جي مڪمل صلاحيت موجود آهي، تنهنڪري سنڌي فائل يا ڪتاب سولائيءَ سان هن فارميٽ ۾ ٺاهي سگهجن ٿا، نہ رڳو اهو پر هن ۾ فائل جا حق ۽ واسطا پڻ تمام سگهارا جوڙي سگهڻ جي صلاحيت موجود آهي، جن جي بنياد تي اهڙن ڪتابن جي بنيادي جوڙجڪ کي محفوظ بنائبو آهي ۽ اهڙي حفاظت ڪانپوءِ انهن جو Onlineڪاروبار ٿئي ٿو جنهن ۾ انٽرنيٽ تي موجود وڏيون ويبسائيٽون پنهنجا حصا (Shares) رکنديون آهن. توڙي جو اهڙن ڪتابن جي قيمت بنهہ معمولي ٿئي ٿي، پر جنهن صورت ۾ انهن جو ڪاروباري احاطو سڄي دنيا تي محيط آهي، تنهنڪري اَڻ لکو نفعو بہ وڏو ناڻو ٺاهڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ گڏوگڏ تعليمي ۽ ادبي ميدان ۾ پڻ سڄي دنيا لاءِ لاڀائتو ٿئي ٿو.

### 05. PDF ڇو ۽ ڇا لاءِ:

برقي سنڌي ڪتابن لاءِ هيءُ مضمون لکڻ تائين ڪاميابيءَ سان فقط PDF Format ۾ ئي ڪم ٿي رهيو آهي ۽ اُن نموني تحت ڪتاب جاري ڪيا پيا وڃن، هن فارميٽ ۾ نہ رڳو ڪتاب، پر سرڪاري ۽ نجي ادارا پنهنجون نندڙيون وڏيون ڪارگذاريون نندڙن فائلن جي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهن، ٻين لفظن ۾ تہ فائلن جي Soft Copy جي مٽاسٽا لاءِ هي فارميٽ ئي ڪتب آندو پيو وڃي.

جيئن تہ ڪمپيوٽر جي تيزيءَ سان ترقيءَ جي ڪري هر هنڌ (آفيس، ڪاروبار، گهر وغيره) تائين پهچڻ جو راز، اُن جي آسان استعمال سان گڏو گڏ وقت ناڻي ۽ وسيلن جي بچت توڙي ڪم ۾ برق رفتاري ۽ خودڪاري آهي، تنهنڪري ئي ڪمپيوٽر استعمال ڪندڙ فرد ۽ ادارا ڏينهون ڏينهن اهڙا سافٽ ويئر جوڙي رهيا آهن، جن ۾ وقت جي بچت ۽ ڪم جي رفتار جي تيزيءَ کي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو. PDF پڻ اهڙي سهوليت ۽ تيزيءَ تحت ٺيندڙ ڪتابي فائلن جي مٽاسٽا لاءِ جوڙيل فارميٽ جو ٻيو نالو آهي، ڇاڪاڻ تہ PDF Format جي فائل کي ڏسڻ لاءِ عام PDF Reader جي ضرورت پوي ٿي ۽ Internet تي اهڙا ڪيترائي ريڊر ڊائون لوڊ لاءِ مفت موجود آهن. پر جيئن تہ سهوليتن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو آهي، تنهنڪري هاڻ Google Chrome Browser ۽ ونڊوز 8 ۾ اهڙي فائل پڙهڻ جي صلاحيت جو واڌارو ڏٺل آهي، تنهنڪري اهڙي فائل کي ڏسڻ/پڙهڻ ۽ ڇاپڻ وغيره تمام سولو ٿي پيو آهي، جڏهن تہ ساڳيو فائل جيڪڏهن پنهنجي اصلي آفيس فارميٽ ۾ مٽاسٽا مان گذارجي تہ پوءِ ان کي پڙهڻ جا مسئلا ٿي پون ٿا، جيئن پڙهندڙ وٽ آفيس جو انسٽال هجڻ ۽ گڏوگڏ ساڳئي ورشن جو هجڻ لازمي ٿي پوندو آهي، پوءِ جڻ تہ فائل وصول ڪندڙ پنهنجي سسٽم ۾ سافٽ ويئر جي تبديليءَ جو پابند ٿي پوي ٿو جنهن سان سهوليت گهٽ، مونجهارو ۽ وقت جو زيان وڌيڪ ٿئي ٿو انڪري ئي PDF Format جي هر هنڌ هاڪ آهي ۽ سڀ کان وڌ استعمال ۾ آندو وڃي ٿو.

### 06. برقي ڪتاب PDF جي ٻيهڪ ۽ فني سٽاءُ:

ڪمپيوٽر تي لکيل (ڪمپوز ڪيل) ڪنهن بہ مواد کي سندس اصل حالت تبديل ڪري برقي ڪتاب جي PDF Format ۾ مٽائڻ کان پهرين ڪجهہ بنيادي Settings جي ضرورت هوندي آهي، ٻيءَ صورت ۾ اهڙي سِٽاءَ ڪانسواءِ جوڙيل فائل سڃاڻپ طور تہ pdf format. file ٿي هوندو، پر اهو سيئي ڪتابي گهرجون پوريون نہ ڪري سگهندو، انڪري ضروري سِٽاءَ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڄاڻڻ بيحد ضروري آهن:

i. **ڪاغذ جي چونڊ ۽ حاشين (Margins) جو سٽاءُ:**

ڪنهن بہ لکت کي برقي ڪتاب جي سٽاءَ ۾ آڻڻ کان پهرين اهو هرگز نہ وسارڻ گهرجي تہ اهو ڪتاب ڪڏهن بہ ذاتي يا تجارتي بنيادن تي ڇپجي سگهي ٿو ۽ ڇپائيءَ جي مرحلن (ٻٽر، پليٽ، ڇپائي، ڪٽائي، بائينڊنگ، برشائي وغيره) مان گذرڻ وقت ڪاغذ جي Wastage کان بچڻ لاءِ درست ماپ جو انتخاب بيحد ضروري آهي. جيئن تہ ڇپائيءَ جي لحاظ کان رواجي طور ڊيمي سائيز جي ڪتابن جو واهپو تمام گهڻو آهي ۽ اهڙا ڪتاب عام ڪمپيوٽر توڙي ننڍين Devices ( Laptop, I-pad, Tab, Kindle, Sony e-reader & etc) تي سولائيءَ سان پڙهي سگهجن ٿا. تنهنڪري، گهرجي تہ انهيءَ ماپ تحت ڪتاب جوڙيو وڃي، جيڪا "4/7 آهي ۽ ان جي مارجن چئو طرف "0.5 انچ رکجي، خاص طور PDF جي لاءِ Multi Pages هرگز نہ رکجن ۽ هڪ صفحي تي ئي ڪمپوزنگ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هڪ کان وڌيڪ صفحا في صفحي تي ڪمپوز ڪري تہ سگهجن ٿا، پر ان صورت ۾ ئي انهيءَ جو جورڙيل برقي ڪتابي ڇاپو (pdf format.) پڻ اسڪرين تي ٻن صفحن کي هڪ ئي وقت هڪ صفحو ڪري ڏيکاري ٿو جيڪو ٻن پاڱن ۾ ورهايل هوندو آهي، اهڙي سٽاءَ وارو برقي ڪتاب عام ڪمپيوٽر اسڪرين تي البت هلي ويندو آهي، توڙي جو ڏيک وڻندڙ نہ لڳندو آهي، پر ڪا خاص ڏکيائي بہ نہ ٿيندي آهي، ان جي برعڪس جڏهن ساڳئي ڪتاب کي ڪنهن ننڍڙي Devices ( Laptop, I-pad, Tab, Kindle, Sony e- reader & etc) تي ڏسبو تہ ان ۾ ڏکيائي پيش ايندي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڊوائيسز ان (ڪتاب) ۾ موجود Multi صفحن (جيڪي ڇپائيءَ جي سهولت خاطر جوڙيا ويندا آهن) کي بہ هڪ صفحو ئي سمجهنديون، پوءِ جڏهن اهو ڪتاب کُلي fit to screen ٿيندو تہ هڪ ئي وقت بہ صفحا سامهون ايندا ۽ انهن جا اکر تمام ننڍا ٿي ويندا، توڙي جو انهن کي وڏو ڪرڻ ممڪن هوندو، پر اهو هرويرو جو وقت جو ذيان ٿيندو، انڪري گهرجي تہ فائل جو برقي ڪتابي فارميٽ pdf. جوڙڻ کان اڳ ان جي سِٽاءَ ۾ تبديلون آڻي، فائل کي هڪ صفحي وارو ڪيو وڃي.

ii. **ڪمپوزيشن لاءِ معياري ڪوڊنگ جو انتخاب:**

ڪمپيوٽر تي سنڌي لکڻ لاءِ اسان وٽ مختلف عام Softwares توڙي معياري ڪوڊنگ تحت ڪم ڪندڙ Keyboard Layout انٽرنيٽ وسيلي ڊائون لوڊ لاءِ مختلف ويبسائٽن تي موجود آهن. جيئن Inpage, Khatat, MB Sindhi & Etc، جڏهن تہ هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ Unicode Standard جي معياري ڪوڊنگ تحت جوڙيل مڪمل ۽ سولائيءَ سان ڪم ۾ ايندڙ فقط MB Sindhi Keyboard Layout آهي. گهُرجي تہ ان Keyboard تحت ڪو بہ پسند جو معياري فونٽ منتخب ڪري ڪم ڪريون تہ جيئن ڪتابي فارميٽ جوڙڻ وقت ڏکيائي پيش نہ اچي ۽ ڪنهن اجائي جڳاڙ کان بچي سگهجي.

iii. **PDF Format جوڙڻ:**

جڏهن فائل مٿيان سڀئي مرحلا طئه ڪري وڃي، تڏهن ان جو PDF Format جوڙيو وڃي ٿو جنهن لاءِ MS Office 2010 ۽ 2013 ۾ فقط فائل کي Save As ۾ وڃي PDF Format تي رکي Save ڪجي ٿو ۽ پل کن ۾ فائل جڙي وڃي ٿو جڏهن ته آفيس جا اُن کان اڳ وارا سڀئي ورشن سڌو سنئون اهڙي Support نٿا رکن انڪري ڪمپيوٽر جي نظام ۾ واڌارو مدد طور عام طور Adobe Acrobat Reader لڳايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ جيئن عام فائل ڇاپيو ويندو آهي، تيئن ئي فائل کي Print with Acrobat ڪيو ويندو آهي. جنهن ڪانپوءِ ڪجهه وقت ۾ ڪمپيوٽر سڄي فائل کي پڙهي ضروري سِٽاءَ: جيئن چارٽ، تصويرون فونٽ وغيره منجمس ضم ڪري، نئون فائل ڏنل نالي سان pdf. فارميٽ ۾ ٺاهي وٺي ٿو.

### iv. PDF File جي حفاظت (Security):

جڏهن ڪنهن آفيس فائل جو فني سِٽاءَ تبديل ڪري ڪتابي pdf format. جوڙيو ويندو آهي، تڏهن ڇاٽايل فائل جو بنيادي فارميٽ جڙندو آهي، جنهن ۾ فني جوڙجڪ جي لحاظ کان سهوليتون: جيئن فهرست جي عنوانن جو لاڳاپيل صفحن سان ڳانڍاپو (Bookmark)، وغيره جڙيل نه هوندو آهي ۽ نه وري فائل Secure (محفوظ) هوندو آهي. انڪري اهڙي ڪوري فائل کي ڪو معياري Pdf Editor استعمال ڪري ايڊٽ ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ماهرانه طريقه ڪار تحت فهرست ۾ ڇاٽايل عنوانن کي لاڳاپيل صفحن سان بوڪ مارڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ آخري مرحلو هوندو آهي Security Setting، هيءُ ئي حقيقت ۾ ڪتاب جو سڀ کان وڌو ۽ اهميت وارو ڪم آهي، جنهن کي خبرداريءَ سان جوڙڻ جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. توڙي جو اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اهڙي سڪيورٽي پڻ Hackers کان فائل کي محفوظ نٿي بڻائي سگهي. البت عام طور فائل گهڻي قدر محفوظ (Secure) تي ويندو آهي، جنهن کي Hack ڪرڻ ايترو سولو نه هوندو آهي. اهڙي سِٽاءَ جي لاءِ ضروري آهي ته جملي Fields کي انتهائي خبرداريءَ سان ماهرانه انداز ۾ هڪ هڪ ڪري سيٽ ڪجي ۽ پوءِ فائل کي نمبرن ۽ اکرن تي ٻڌل هڪ سگهاري Password سان محفوظ ڪيو وڃي.

## 07. مستقبل جون ڪتابي تقاضائون ۽ سنڌي علم ۽ ادب:

دنيا پنهنجي علم ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪمپيوٽر تي ان جي برقي ايڊيشن آڻڻ جي ڪم ۾ لڳاتار لڳل آهي ۽ برقي ڪتابن ٺاهڻ جي هن سلسلي ۾ ڪمپيوٽنگ سان وابسته دنيا جون تمام وڏيون ڪمپنيون Microsoft, Apple, Google, Adobe, Amazon, Sony وغيره سولائي پيدا ڪندڙ سافٽ ويئر وڏي تعداد ۾ جوڙي رهيون آهن ۽ اهي خُوب پذيرائي ماڻي رهيا آهن. ان ڏِس ۾ ويتر سولائي پيدا ڪئي آهي دنيا جي ٻولين جي OCR (Optical Character Recognition)، جنهن جي ٺهڻ کان پوءِ ته ڪتابن کي ڪمپوز ڪرڻ جي ضرورت ئي نه رهي آهي، بلڪ گهربل ڪتاب کي اسڪين ڪري ان جي تصويري عڪس کي هڪڙي ڪلڪ سان ٽيڪسٽ ۾ مٽايو وڃي ٿو ۽ ضرورت وقت اُن جو اِي بوڪ ايڊيشن جوڙيو ويندو آهي، ان (OCR)جي بدولت ئي دنيا جون وڏيون لائبريريون پنهنجي ڪتابن جا E-Book ايڊيشن پڌرا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون آهن. چئي سگهجي ٿو ته اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن دنيا جو سمورو علم ۽ ادب برقي شڪل ۾ ميسر تي ويندو ۽ انٽرنيٽ جي بدولت خاص ۽ عام لاءِ هڪڙي ڪِلڪ جي مفاصلي تي موجود هوندو. البت سنڌي ٻوليءَ جي OCR اڃا نه جڙي سگهي آهي، انڪري اسان اهڙي سهوليت ماڻڻ کان محروم آهيون ۽ گهربل ڪتابن جا اِي ايڊيشن آڻڻ لاءِ اسان وٽ نون توڙي پراڻن ڪتابن کي ڪمپوز ڪرڻ کانسواءِ ڪو ٻيو راهه رستو اڃا تائين پيدا ٿي نه سگهيو آهي.

جنهن صورت ۾ هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ برقي ڪتابن جوڙڻ جو جيڪو ڪم ٿيو آهي، اهو فقط شخصي طور تي ٻوليءَ سان لڳاءَ توڙي مستقبل جي تقاضائن جي پيشِ نظر Labour of Love (پيار جي پورهئي) واري نظرئي تحت هرڪنهن ذاتي وقت ۽ وسيلا ڪتب آڻي ڪيو آهي ۽ ان ڏس ۾ ادارتي بنيادن تي ڪو خاص ڪم ڏسڻ ۾ نٿو اچي، توڙي جو دنيا برقي ڪتابن جا جديد فارميٽ EPUB, kindle (KF8, AZW), chm وغيره ورهين کان استعمال ڪري رهي آهي، پر اسان اڃا تائين pdf format تي بيٺا آهيون. ڀلي ڪٽي سنڌي ٻوليءَ جو ڪتابي قافلو روان دوان آهي، پر جيستائين ان ۾ ڪي ذميدار ادارا شامل نہ ٿيندا، تيستائين انهن ٻوليءَ جي پتنگن جو پورهيو توڙي جو نيت جي سچائيءَ سان جاري آهي، پر ڪمپيوٽر سافٽ ويئر جي دنيا جي فني تقاضائن جو پورائو ۽ مقابلو ڪري نہ سگهندو. جيئن تہ اهڙين رٿائن تي گهربل افرادي قوت Teamwork، بنيادي فني اوزارن توڙي سافٽ ويئرن جي خريداريءَ لاءِ پئسي (Budget) جي ضرورت، اهي اهڙيون رنڊڪون آهن، جيڪي فقط پيار جي پورهيي تحت ڪم ڪندڙن جي راهہ روڪي، ڪين بي وس بڻائين ٿيون: انڪري جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽرجي گهرجن تي ڪم ڪندڙ ماڻهن کي هڪ ميز تي موجود ڪري مستقبل جي ڪتابي ۽ تعليمي تقاضائن کي نظر ۾ رکي ڪا ايجنڊا جوڙي ڪم نہ ڪيو ويندو، تيستائين ان ڏس ۾ جوڳي پيش رفت جي اميد رکڻ اجائي آهي.

اسان کي دنيا جي بدلجندڙ علم و فن جي ضروريات کي آڏو رکندي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا پوندا ۽ ان طرف سنجيدو ٿي حقيقت کي مڃتا ڏيڻي پوندي تہ "مستقبل جو هٿيار تعليم آهي" ۽ ان جي حاصلات جو سستو ۽ سولو وسيلو اِي بوڪ ئي آهي، انڪري جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اُن جي اهميت کان هر هڪ کي آشنا ڪري سگهجي، جيئن تہ اسان وٽ ڪتاب لکندڙ ۽ ڇاپيندڙ فرد ۽ ادارا، ان طرف ڪو جوڳو ڌيان نہ پيا ڏين، جنهن جو سبب انهن جي اِي بوڪ جي اهميت ۽ افاديت کان اڻ ڄاڻائي يا وري عدم دلچسپي چئي سگهجي ٿي. ان بابت عبدالماجد ڀرڳڙي انٽرنيٽ تي شايع ٿيل شاهہ جي رسالي جي الفابيٽڪ ايڊيشن جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ "هڪ نالي واري مصنف کي، جنهن پنهنجي تصنيفات مان ڪافي ڪجهہ ناهيو ۽ ڪمايو بہ هو مون جڏهن اها تجويز ڏني تہ هو پنهنجا ڪتاب انٽرنيٽ تي رکي تہ جيئن سنڌي ماڻهو پڙهي سگهن، تہ ڪيس اهڙو مشورو ڏاڍو ناگوار گذريو ۽ چيائين تہ:'سائين پوءِ تہ اسان جا ڪتاب ماڻهو رڳو انٽرنيٽ تان پڙهي ڇڏيندا ۽ اسان کي تہ ڪو بہ معاوضو ڪونہ ملندو'. پر جڏهن ساڳيو مشورو الطاف شيخ کي سندس سفرنامن بابت ڏنم تہ هن يار حامي ڀرڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ڪئي". هيءُ ننڍڙو مثال سنڌي ليکڪن جي انٽرنيٽ ۽ اِي بوڪ جي افاديت کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. ان جي ابتڙ سنڌي نوجوان رات ڏينهن پورهيو ڪري اَملهہ ڪتاب ڪمپوز ڪري انهن جا اِي ايڊيشن جوڙي انٽرنيٽ تي مفت ورهائي رهيا آهن. پر اهو هڪ پاسو آهي، جيڪو فقط ادبي ڪتابن تائين محدودو آهي ۽ شخصي طور تي جيتوڻيڪ اهو ڪم جاري آهي، پر ان جي رفتار ڏڱو پيير پيران آهي، پر جيڪر ساڳيو ڪم ڪرڻ ۾ ادارا سنجيده ٿين تہ ان ڪم ۾ بي انتها تيزي اچي ويندي، ڀلي ڪٽي OCR جڙيل ناهي، پر سنڌي ٻوليءَ کي معياري ڪوڊنگ سان ڪمپيوٽر تي آئي 12 سال ٿي ويا آهن، ان عرصي دؤران ادارن پاران ڇپايل ڪتابن جون Soft Copies وٽن موجود هونديون ۽ جيڪر اهي چاهين تہ انهن جا اِي ايڊيشن جاري ڪري سگهن ٿا ۽ ان ۾ ڪو خاص وقت توڙي وڏي مهارت درڪار نہ آهي.

ادبي لحاظ کان تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جو سنو ذخيرو انٽرنيٽ تي موجود آهي ۽ سست رفتار سان ئي ڪم جاري آهي، پر تعليم جي ميدان تي نظر ڊوڙائيندي جيڪڏهن گوگل ۽ بِنگ جهڙين

معروف Search Engines تي وچي ڳولا ڪبي تہ مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪي پلئہ ڪونہ پوندو. چاڪاڻ تہ پرائمريءَ کان ويندي اعليٰ تعليم تائين سنڌي درسي ڪتابن جو انٽرنيٽ تي ملڻ ناممڪن نظر ايندو. جڏهن تہ سڄي دنيا ادب کي ثانوي ۽ علم کي پهرين بنيادي ترجيح تي رکندي آهي، پر اسان وٽ عمل ان جي ابتڙ آهي، جو انٽرنيٽ تي ادبي ڪتاب مفت موجود آهن، پر درسي ڪتاب ڳولئي نٿا ملن. تنهنڪري ان ڏِس ۾ ڪي جوڳا اپاءَ وٺڻ جي فوري ضرورت آهي تہ جيئن مستقبل جي چٽاپيٽيءَ واري دؤر ۾ اسان جو نوجوان دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ جي قابل ٿي سگهي.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا جي ترقيءَ جو واحد وسيلو تعليم آهي ۽ سڄي دنيا اُن طرف خاص ڌيان ڏري رهي آهي، درسگاهن کي ڪمپيوٽر توڙي انٽرنيٽ جون مفت سهوليتون مهيا ڪيون پيون وڃن ۽ وڏين لائبريرين کان ويندي انٽرنيٽ سهوليتون آڇيندڙ ڪمپنيون استادن ۽ شاگردن کي انٽرنيٽ جي سهوليتن ۾ رعايت عام آڇي رهيون آهن. ان روايت تي هلندي پاڪستان جي وڏي ڪميونيڪشن ڪمپني PTCL پڻ شاگردن کي اهڙي سهوليت ۾ 50% جي رعايت آڇي آهي، پر افسوس جو اهڙي سهوليت فقط يونيورسٽي سطح جي شاگردن لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي، پلي ڪٽي PTCL جي نظر ۾ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جا شاگرد انٽرنيٽ جي سهوليت ماڻڻ جا اهل نہ هجن، پر اسان جي ذميدار ادارن کي ان طرف ڌيان ڏري، اهڙي سهوليت کي سڀني شاگردن لاءِ عام ڪرائڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ پهراڙي جو غريب شاگرد مهانگا ڪتاب خريدڻ کان لاچار آهي. تنهنڪري ڪيس انٽرنيٽ تان اهڙي سهوليت مفت وٺڻ جي حق کان محروم نہ ڪجي، بلڪ انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر کي سستو ۽ سولو ڪري سندس دسترس ۾ آڻجي تہ جيئن ضرورت وقت هو (شاگرد) انٽرنيٽ تي موجود علمي مواد مان فائدو وٺي پنهنجي تعيلم جاري رکي سگهي، جو وٽس تعليم پرائڻ جو اهو ئي واحد ذريعو آهي، جيئن تہ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ نہ، تہ سرڪاري ۽ سماجي لائبرريون آهن ۽ نہ وري ڪي عالم ۽ اديب ئي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. جن جي ذاتي ڪتابي ذخيري مان علم جي اڃ اجهائي مستقبل روشن ڪري سگهجي.

### 08. اپياسي حوالا:


i_ Adobe Acrobat Reader Help Manual
ii_ Foxit Pdf Reader Help Manual
iii_ Microsoft Office Help Manual
iv_ wikipedia.org
v_ www.semizone.com
vi_ www.ebooks.wikidot.com

# پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو ۽ سنڌي زبان:

## (ڪجهہ گذارشون)

_ آزاد قاضي

”پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو ۽ سنڌي زبان“، نالي ڪتاب لکي، پاڪستان اندر ٻوليءَ جي مسئلي ڪي سمجھڻ ۽ ايمانداراڻي طريقي سان، حقيقت پسندانہ بنيادن تي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾، سائين جي. ايم. سيد اهم ۽ اوائلي ڪوشش ڪئي آهي.

سائين جي. ايم. سيد، هي ڪتاب، هڪ خاص مقصد کي نظر ۾ رکي تحرير ڪيو هو، جنهن جي عنوان مان ئي ان جا هيٺيان ٻہ پاسا نظر اچن ٿا:

- **پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو ۽**
- **ان مسئلي جي روشنيءَ ۾ سنڌي زبان**

1. ”پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو“، عنوان مان مقصد آهي تہ: پاڪستان نالي قائم ٿيل رياست ۾ جنم ورتل زبان جو مسئلو ڇا آهي؟
2. ان مسئلي کي نظر ۾ رکندي سنڌي زبان جي اهليت ۽ حيثيت جو تعين ڪهڙو آهي؟

پاڪستاني رياست جيئن تہ هڪ خاص مقصد ۽ منصوبي سان وجود ۾ آندي وئي هئي، جنهن مان هڪڙو منصوبو اردو ٻوليءَ کي وڌائڻ ويجهائڻ جي نالي ۾ مخصوص ٽولن پاران پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ هو. ان ڳالهہ جو اندازو ماهنامہ ’همايون‘ جنوري 1948ع جي شماري ۾ ”پاڪستان مين اردو کا مستقبل“ عنوان سان لکيل هڪ مضمون جي هيٺئين اقتباس مان ٿي وڃي ٿو. ليکڪ لکي ٿو:

”هندوستان جي ورهاست کان پوءِ اردوءَ جو مستقبل ڇا آهي؟ اهو سوال هاڻي زبان زد عام آهي. ان جو سادو ۽ مختصر جواب اهو آهي تہ اردوءَ جو مستقبل يقيني طور شاندار ۽ خوشگوار ٿيڻ گهرجي. بشرطيڪ اهلِ پاڪستان سچيءَ دل سان ان جي خدمت جو وچن ڪن.“ (سيد، 1976ع، ص 11)

اهڙيءَ ريت اردوءَ جي بنياد تي نہ رڳو سچي پاڪستانيءَ هئڻ جي پرک رکي وئي، پر ان مضمون ۾ اها راءِ بہ ڏني ويئي تہ:

”حڪومت جو اهو فرض آهي تہ هڪدم اردوءَ کي واحد سرڪاري ۽ عدالتي زبان ڪرڻ لاءِ قدم کڻي“. (سيد، 1976ع، ص 17)

ان سلسلي ۾ وڌيڪ وضاحت طور اهو بہ چيو ويو تہ:

”پاڪستان جي مڙني علائقن ۾ اردو ۽ صرف اردوءَ جو ئي چرچو هجڻ گهرجي، عدالتن ۾ ’دفترن‘ ۾ سرڪاري ڪاروبار ۾، ريڊيو ۾، تقريرن ۾، اشتهارن ۾، تبليغ ۽ اشاعت ۾، مطلب تہ اظهار ۽ ترجمانيءَ جي هر موقعي تي اردوءَ کي ئي استعمال ڪيو وڃي“. (سيد 1976ع، ص 17)

ان حوالي سان وڌيڪ اهو بہ چيو ويو:

”پاڪستان کي هڪ اهڙي ٻوليءَ جي ضرورت آهي جيڪا ڌار ڌار صوبن کي گهٽ ۾ گهٽ لساني طور تي هڪ وحدت واري ڌاڳي ۾ پوئي، اها اردو ٻولي ئي ٿي سگهي ٿي، سرڪاري ٻوليءَ ٿيڻ جو شرف بہ ان کي حاصل ٿي سگهي ٿو. خط و ڪتابت جي ٻولي پڻ اها ئي هوندي، اعليٰ ادب ۽ ڪلچر جا موضوع پڻ ان ۾ ئي ظاهر ڪيا ويندا“. (سيد 1976ع، ص 16)

قومي زبان هئڻ واري حوالي سان اردوءَ لاءِ ابتدا کان ئي اهڙو تاثر ڏئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ پاڪستان ۾ شامل ٻين قومن جي زبانن جي ڪائي اهميت، حيثيت ۽ وقعت ڪانهي. اردوٻوليءَ جي نہ رڳو علم ادب ۽ اعليٰ زبان هئڻ واري حوالي سان، برتري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر انَ لاءِ ان حد تائين بہ چيو ويو تہ:

”پاڪستان جي ٽتل ۽ منتشر ٿيل ڪڙين کي پاڻ ۾ مضبوط رکڻ لاءِ جيتري قدر اردوءَ جي پاڪستانيت فائديمند ٿيندي، ٻي ڪائي شيءِ اوتري نفعي واري نہ ٿيندي“. (سيد، 1976ع، 16)

اردو ٻوليءَ کي ٻين ٻولين مٿان لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي خواهش کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ اهو به چيو ويو ته:

”ان معاملي ۾ ڪنهن حد تائين تعصب پيدا ڪرڻ جي ضرورت پوندي، ڇاڪاڻ ته سستيءَ ۾ صلح سان ٻوليءَ جي وحدت وارو مسئلو حل ٿي ئي نٿو سگهي.“ (سيد، 1976ع، ص 17)

اهي دڙڪا ۽ دهمان ڏيڻ ۽ خوف واري فضا قائم ڪرڻ مان سامراجي ذهنيت جي مالڪ عالمن جو خيال هو ته جيئن اردوءَ جي هڪ هٽي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪو مخالفت ڪرڻ وارو سامهون ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿي سگهي. پنهنجن اهڙن ارادن جي اظهار طور ڊاڪٽر سيد عبدالله، بسم الله آباديءَ جون هيٺيون شعر پيش ڪجي ٿو:

مرکز زبان اردو کا لاهور هوگیا،

دهلي و لکنو کَو پکارا کري کوئي.

(سيد، 1976ع ص 23)

مٿيون شعر پيش ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي اصل منشا بيان ڪندي لکي ٿو:

”مطلب ته پاڪستان جي جنم وٺڻ وقت اسان جون اهي اميدون ۽ خواهشون هيون“. (سيد، 1976ع، ص 23)

حقيقت ۾ اهي خواهشون ۽ اميدون ئي هيون، جن جي پورائيءَ لاءِ اڳتي هلي اهڙا ڪم ڪيا/ ڪرايا ويا، جن سان هن ملڪ ۾ شامل ٻين قومن، خاص طور تي بنگالين ۽ سنڌ وارن کي پنهنجي مادري ٻولين بنگالي ۽ سنڌيءَ جي عدم تحفظ جو احساس ٿيڻ لڳو. ان خطري کي محسوس ڪندي:

”1948ع جي شروعات ۾ بنگالي نوجوانن جي هڪ جماعت اهو سوال اٿاريو ته بنگاليءَ کي پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان قرار ڏنو وڃي.“ ( سيد، 1976ع ص 33 )

اهو احتجاج ايترو ته زوردار ٿيو جو ان کي منهن ڏيڻ لاءِ بيماريءَ ۾ مبتلا هوندي به محمد علي جناح کي ڍاڪا وڃڻو پيو. قائداعظم ڍاڪا ۾ 21 مارچ ۽ 24 مارچ 1948ع تي ان اختلافي مسئلي بابت عام جلسن ۾ اردوءَ کي سرڪاري ٻولي قرار ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي، محمد علي جناح صاحب 21 مارچ 1948ع واري ڍاڪا ۾ ڪيل جلسه عام ۾ چيو:

”ان افواهه ۾ ڪائي صداقت ڪانهي ته اوهان جي زندگيءَ تي ڪو منفي يا پريشان ڪندڙ اثر پوڻ وارو آهي. آءٌ اوهان کي ٻڌايان ته جيستائين اوهان جي بنگالي ٻوليءَ جو تعلق آهي، آخرڪار ان صوبي جي ماڻهن کي ئي حق پهچي ٿو ته اهو فيصلو ڪن ته صوبي جي زبان ڪهڙي هوندي، پر مان اوهان کي واضح طور ٻڌائي ڇڏڻ گهران ٿو ته پاڪستان جي سرڪاري ٻولي اردو هوندي، اردو، صرف اردو ۽ اردوءَ کان سواءِ ٻي ڪائي ٻولي نه. جيڪو به اوهان کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اهو پاڪستان جو دشمن آهي، هڪ گڏيل سرڪاري ٻوليءَ کان سواءِ ڪا به قوم پاڻ ۾ متحد نٿي ٿي سگهي ۽ نه ئي وري ڪو ڪم ڪري سگهي ٿي، ٻين ملڪن جي تاريخ ڪڍي ڏسو بس جيستائين پاڪستان جي سرڪاري زبان جو تعلق آهي، اها اردو ئي هوندي.“ (سيد، 1976ع ص 34)

اهڙيءَ ريت 24 مارچ 1948ع تي ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ سرٽيفڪيٽن ڏيڻ واري جلسي جي تقريبن ۾ پڻ نئين انداز ۽ نون لفظن ۾ ساڳيءَ ڳالهه جو اظهار ڪندي، محمد علي جناح صاحب چيو:

”پاڪستان جي سرڪاري ٻولي، جيڪا مملڪت جي مختلف صوبن جي وچ ۾ افهام ۽ تفهيم جو ذريعو هجي، صرف هڪ ٿي سگهي ٿي ۽ اها اردو آهي، اردوءَ کان سواءِ ٻي ڪا ئي ٻولي نه.“ (سيد، 1976ع، ص 34)

اهڙيءَ ريت نه رڳو ايترو ته اردوءَ جي لساني حوالي سان برتري ظاهر ڪئي وئي، پر محمدعلي جناح صاحب اهو پڻ اظهار ڪيو ته:

"جيڪڏهن پاڪستان جي مختلف صوبن کي پاڻ ۾ متحد ٿي ترقيءَ جي راهه تي هلڻو آهي، ته ان جي سرڪاري ٻولي هڪڙي ئي ٿي سگهي ٿي، ۽ اها منهنجي خيال ۾ اردو ۽ صرف اردو آهي." (سيد، 1976ع، ص 35)

اهو دليل دلائل جو سلسلو هليو پئي، جو سيپٽمبر 1948ع تي محمد علي جناح وفات ڪري ويو.

اردوءَ کي لاڳو ڪرڻ واري جا تحريڪ شروع ڪئي وئي هئي، تنهن کي محمد علي جناح جي مٿي ذڪر ڪيل جملن وڌيڪ هٿي ڏني. جنهن ڪري اردوءَ جي حامي گروپ، اردوءَ جي مخالفت ڪندڙن تي لفظي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. جنهن ۾ اهو ئي مسلم، غير مسلم ۽ هندو تهذيب جي رنگ ۾ رڱيل تفرقي بازيءَ وارو انداز اختيار ڪيو ويو.

اپريل 1951ع ۾ 'انجمن ترقي اردو پاڪستان' جي زير اهتمام ڪراچيءَ ۾ 'اردو ڪانفرنس' ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح خواجه ناظم الدين ڪان ڪرايو ويو. ان موقعي تي افتتاحي خطبي ۾ خواجه صاحب ٻين مقامي ٻولين جي ڀيٽ ۾ اردوءَ جي بنيادي ڪمزوريءَ کي، ان جي خوبيءَ طور ظاهر ڪندي، ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"منهنجي نظر ۾ اردوءَ ۾ هڪ وڏي خوبي اها آهي ته اها پاڪستان جي ڪنهن صوبي جي مادري ٻولي نه آهي ۽ سيني جي ٻولي آهي. اهو صحيح آهي ته اردو نه ته بنگال جي ڳوٺن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، نه پنجاب، سرحد، سنڌ يا بلوچستان (جي ڳوٺن) ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پر اهو به صحيح آهي ته اوهان بنگال ۾ پنجابي يا پنجاب ۾ بنگالي، سرحد ۾ سنڌي يا سنڌ ۾ پشتو ڳالهايو ته اوهان جي ڳالهه سمجهڻ وارو ڪو مقامي باشندو مشڪل سان ملندو، پر اردو، يا گهٽ ۾ گهٽ ٽُٽل ڦٽل اردو ڳالهائڻ يا سمجهڻ وارا ڪجهه نه ڪجهه هر جاءِ تي ملي ويندا." (سيد، 1976ع، ص 45)

ان ڪانفرنس ۾ سردار عبدالرب 'نشتر' پڻ شريڪ ٿيو هو جيڪو اڪثريتي صوبي پنجاب جو گورنر هئڻ واري حيثيت ۾ طاقتور تصور ڪيو پئي ويو. ان پڻ اردوءَ جي حمايت ڪندي، هندستان دشمنيءَ تي زور ڏنو ۽ ٻوليءَ واري حوالي سان پنهنجي مادري ٻولين جي بحالي ۽ اردوءَ جي مخالفت ۾ ڪم ڪندڙن کي ٻاهرينءَ طاقت جي پنيان لڳي، پٺتي وڃڻ وارو تاثر ڏيندي فرمايو:

"جن ماڻهن اهو انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن جا هٿڪنڊا ٻن قسمن جا ماڻهو آهن: ڪجهه ته سادا سودا، جيڪي لاشعوري طور انهن جي فريب ۾ اچي ويا ۽ ڪجهه اهڙا آهن، جن پاڪستان جي وحدت تي حملو ڪيو ۽ اُن جي قومي، ملڪي اتحاد کي ختم ڪرڻ واري مقصد سان اهو ناعاقبت انديشيءَ وارو سوال اُڀاريو آهي. هڪ بااختيار صوبي جا چند ناعاقبت انديش نوجوان، قوم جي دشمنن جي چڪر ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا ته بنگالي جيئن ته اڪثريت واري ٻولي آهي، ان ڪري پاڪستان جي قومي ٻولي اُن کي بنايو وڃي." (سيد، 1976ع، ص 47)

نشتر صاحب، محمد علي جناح جي ڍاڪا واري سفر جو ذڪر ڪندي ايتريقدر به چئي ڇڏيو ته:

"هن (محمد علي جناح) انهن سِر ڦرين شاگردن کي، جن پاڪستان جي دشمنن جي چوڻ ۾ اچي، اهڙي قسم جو سوال اٿاريو هو، سمجهايو ته جيڪڏهن اوهان پاڪستان کي قائم ۽ دائم رکڻ گهرو ٿا، ته ياد رکو پاڪستان جي ٻولي صرف اردو ٿي سگهي ٿي، ڪائي ٻي ٻولي ٿي نٿي سگهي. ان واقعي مان اوهان مهربان اندازو لڳايو ته زبان جي سوال کي قائداعظم ڪيتري قدر اهميت ڏيندو هو." (سيد، 1976ع ص 46)

اهڙيءَ ريت خواجه ناظم الدين، جنوري 1952ع ۾ ڍاڪا ۾ ٿيندڙ هڪ جلسي عام ۾ اردوءَ کي واحد قومي زبان قرار ڏيڻ جي حمايت ڪئي، جنهن تي پڻ هنگاما ٿيا. اردوءَ جي وڪالت ڪندڙن جو سلسلو ايترو ته وڌي

ويو جومشهور مؤرخ علامہ سيد سليمان ندوي، فيبروريءَ 1953ع ۾ ڍاڪا ۾ ٿيندڙ 'پاڪستاني تاريخ ڪانفرنس' جي صدارتي تقرير ڪندي، چئي ڇڏيو تہ:

"بنگالي زبان، هندي تهذيب جي اثر هيٺ آهي، تنهنڪري ان کي هاڻي مسلم اثرن سان سرشار ڪرڻ گهرجي." (سيد، 1976ع، ص 35)

مولانا صاحب پاران اهڙي اختيار ڪيل رويي، انتشار واري عمل کي وڌيڪ هوا ڏني. نتيجي طور ڍاڪا يونيورسٽيءَ کان ٻوليءَ وارن جهيڙن جي شروعات ٿي وئي. مظاهرا ڪندڙن تي گولي هلائي وئي، نوجوان شهيد ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ تحريڪ ملڪ گير ٿي وئي ۽ ان اهڙي صورت اختيار ڪئي، جو آخرڪار آل پاڪستان مسلم ليگ پارلياماني پارٽيءَ کي 20 اپريل 1954ع تي اردوءَ سان گڏ بنگالي زبان کي پڻ 'قومي زبان' قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪرڻو پيو جنهن کي 8 مئي 1954ع تي آئين ساز اسيمبليءَ پڻ آئين ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي. بنگالي قوم جيئن تہ وڌيڪ سجاڳ ۽ ميداني قوت (Street Power) رکندڙ هئي، انڪري انهن دليل دلائلن جي پيٽ ۾ عملي جدوجهد واري واٽ ورتي. بنگالين واري ان جدوجهد جو ٻين صوبن تي تہ ڪوخاص اثر ڪو نہ پيو، چاڪاڻ تہ ٻين مان ڪنهن بہ صوبي جي ٻوليءَ جي اها قديم تاريخي حيثيت ڪا نہ هئي، جيڪا اردوءَ جهڙي سرڪار جي تعاون سان ترقي ڪندڙ ٻوليءَ جو مقابلو ڪندي، گهربل ضرورتون پوريون ڪري سگهندي هجي، البتہ سنڌي ٻوليءَ کي هر لحاظ کان اها تاريخي ۽ علمي حيثيت ۽ وسعت حاصل هئي. انڪري سنڌ جي سجاڻ شخصيتن، ٻوليءَ جي دفاع جي سلسلي ۾ پرتشدد طريقي ڪار اختيار ڪرڻ بجاءِ علمي ۽ عملي محاذ تي، پرامن طريقي سان ڀرپور مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

اهو دور مطلق العناني ۽ خوف هراس پيدا ڪرائڻ وارو هو جنهن ۾ ڪو زوردار اختلافي آواز ڪو نہ پئي نڪتو. مخالف خيال هئڻ ڪري سائين جي. ايم. سيد تي پڻ سختين جي شروعات ٿي چڪي هئي، پر پوءِ بہ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش سان مُنهن مقابل ٿيڻ جو سيد صاحب فيصلو ڪري چڪو هو انڪري پاڻ ٻوليءَ بابت پيدا ٿيل هن معاملي ۾ بہ هن عملي طرح دليلن سان جواب ڏيڻ واري جدوجهد طور ٻوليءَ بابت مختلف عنوانن تي مواد لکڻ ۽ اخبارن ۾ شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

ان حوالي سان 1954ع کان روزاني 'الوحيد' ۾ سيد صاحب جي ٻوليءَ بابت لکيل مضمونن جو سلسلو ملي ٿو. جن مان هڪ جو عنوان هو "**اردوءَ ۾ قومي زبان بنجڻ جي اهليت آهي؟**" (الوحيد، 7 آگسٽ) هتي اها ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري آهي تہ سيد صاحب ٻوليءَ بابت پنهنجي اڻ لکيل مضمونن جو مسودو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي نظرثاني ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. ان جو اظهار ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پاران سيد صاحب کي لکيل ڪجهہ خطن مان ٿئي ٿو. پاڻ هڪڙو مضمون نظرثانيءَ لاءِ موڪليائون، جنهن جو تعلق سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، ارتقا ۽ تاريخي فوقيت سان هو. بلوچ صاحب ان مضمون ملڻ بعد 19_8_ 1954ع تي سيد صاحب کي لکيو:

"اوهان جو خط ۽ مضمون جو خاڪو منهنجي غيرحاضريءَ ۾ پهتو... اوهان پنهنجي ٻن اڳين مضمونن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، هڪ تہ مون پڙهيو آهي ۽ اها اخبار سنڀالي رکي اٿم. البتہ ٻيو منهنجيءَ نظر مان ڪو نہ گذريو آهي، سردار علي شاهہ ڪراچيءَ ويل آهي، جنهن کي چيو اٿم تہ 'الوحيد' جون ڪاپيون ڪٺي اچي. هن نئين مضمون جي سلسلي کي اڳين مضمونن سان ڳنڍڻ لاءِ ضروري آهي تہ اڳيان مضمون بہ نظر آڏو هجن.

هن مضمون جو تعلق سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، ارتقا ۽ تاريخي فوقيت سان آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ پختا نظريا پيش ڪيا وڃن. انهيءَ ڪري پوري تحقيق لاءِ جيڪڏهن (مون کان) ٻن هفتن جي دير ٿئي تہ اجازت آهي يا جيترو جلد ٿي سگهي تہ مضمون موڪليو وڃي؟" (سيد، 1976ع، ص 374)

سيد صاحب ۽ بلوچ صاحب جي علمي ڏي وٺ ڏسڻ کان پوءِ منهنجو ذاتي خيال آهي ته 9 اپريل 1956ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيل سورهين سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر بلوچ طرفان سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ قدامت بابت پڙهيل تاريخي خطبو سائين جي ايم سيد جي اثر هيٺ لکيو ويو هوندو. ان ۾ ڊاڪٽر ٻولين بابت فرمايو آهي ته:

"افسوس جو اسان پنهنجي قومي ٻولين کي وري پنهنجي دستور ۾ ئي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي محض اردو ۽ بنگاليءَ کي سرڪاري تسليم ڪرڻ سان هن مسئلي جو خاطر خواه حل پيش ڪيو آهي. اسان جون اهي ٻوليون ڪم ازڪم هزار سالن کان وٺي هن سر زمين پاڪستان تي رائج رهيون آهن، تن کي آئيني طور تسليم نه ڪرڻ تاريخي حقيقت جو انڪار آهي." (بلوچ، 1956ع ص 253)

اهو گمان انڪري ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ جي ان بحراني دور ۾، بلوچ صاحب ۽ سيد صاحب جي وچ ۾ ٻين ڪيترن علمي معاملن کان سواءِ ٻوليءَ واري مسئلي بابت به خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي پئي رهي، خاص طور ان صورت ۾ جڏهن سائين جي. ايم. سيد ٻوليءَ جي حوالي سان مختلف موضوعن تي لکيل مواد ڪيس ڏيڪاريندو ۽ ان بابت بحث به ڪندو رهندو هو.

سيد صاحب پاران ٻوليءَ بابت لکيل هن ڪتاب ۾ هيٺيون مواد آيل آهي:

**باب پهريون:** پاڪستان ۾ قومي زبان بابت مختلف نظريا.

هن ۾ ان وقت پاڪستان ۾ قومي زبان، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ زبانن بابت هليل هلچل بابت ڇنڊڇاڻ، خاص طور تي اردوءَ جي حمايت ۽ مخالفت واري حوالي سان بحث ڪيو ويو آهي.

**باب ٻيو:** اردو ۾ قومي زبان بڻجڻ جي اهليت آهي ڇا؟

هن باب ۾ پهريان قوم هئڻ جي وصف ۽ وضاحت سمجهائي ويئي آهي، ان بعد اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته هيءَ رياست گهڻ قومي رياست آهي.

**باب ٽيون:** پاڪستان جي قومي زبان جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي اهليت ۽ اهميت.

هن باب ۾ هڪ کان وڌيڪ قومون يا قوميتون هئڻ وارن ملڪن جا مثال ڏيئي ثابت ڪيو ويو آهي ته انهن ۾ ٻوليءَ جو مسئلو ڪيئن حل ٿيل آهي ۽ ان بعد پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ مختلف زبانن مان هر هڪ جي لساني اهليت ۽ اهميت تي بحث ڪندي، سنڌيءَ جي بين الاقوامي حيثيت- انڊو آرين ٻولين ۾ سنڌيءَ جي قدامت ۽ ان حوالي سان سنڌيءَ جي تمدني فوقيت ظاهر ڪندي، برعظيم پاڪ- هند جي ماڊرن ٻولين ۾ سنڌيءَ جي اهميت ۽ تمدن اسلام ۾ سنڌيءَ جي حيثيت جو تعين ڪرڻ لاءِ، تحقيق ڪئي وئي آهي ان سان گڏوگڏ، ڳالهائيندڙن جي تعداد واري لحاظ کان پڻ سنڌيءَ جي وسعت ثابت ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ واري اهليت بابت دليل ڏنا ويا آهن. ڪرائون سائيز جي 48 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب، پهرين 1954ع ۾ شايع ٿيو ان کان پوءِ 1956ع ۾ شايع ٿيل هڪ ٻئي ڪتاب "موجوده سياسي مسئلا" ۾ هڪ باب طور پڻ شايع ڪيو ويو.

### ببليوگرافي


(1) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "صدارتي خطبو" ته ماهي مهراڻ، سال 2-1956ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

(2) سيد، جي، ايم، "پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو ۽ سنڌي زبان"، سال 1956ع، الوحيد پريس ڪراچي.

(3) سيد، عبدالله، ڊاڪٽر، "پاڪستان مين اردو ڪا مسئله"، سال 1976ع، مڪتبه خيابان ادب لاهور.

❊ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا آواز جا پد آهن، جيڪي ڪي مخصوص لفظ پيدا ڪن ٿا؛ پر انهن پدن ۾ ٻين هم وزن يا هم معنيٰ پدن وانگر تبديل ٿيڻ (Inflexion) جي خصوصيت نہ آهي؛ يا ڪنهن زماني ۾ هئي، پر ڪنهن مخصوص دور ۾ ڪن سببن جي ڪري، انهن ۾ 'نہ بدلجڻ' جي خصوصيت پيدا ٿي پئي، جنهن ڪي استثنيٰ تي محمول ڪيو وڃي ٿو. هت آءٌ مثال ڏيان تہ شايد ڳالهہ واضح ٿي پوندي. اسان وٽ هڪ لفظ 'ڪارو' ڪاري رنگ جي معنيٰ ۾ عام صفت آهي. ان لفظ "ڪارو" مان هيٺيان اسم ٺهن ٿا.

(i) ڪار (آسمان تي ڪڪرن جي ڪار لڳي پئي آهي)

(ii)ڪارنهن (مينهن پنهنجي ڪارنهن نہ ڏسندي آهي)

(iii)ڪاراڻ (هن شيءِ جو رنگ ڪاراڻ تي مائل آهي).

(iv) ڪارٺ (تئي يا دانگيءَ جي ڪارٺ)

موجوده گرامر جي اصولن تي انهن چئني اسمن کي اسم ذات (Abstract) سڏيو ويندو، جو ظاهر آهي تہ غلط آهي. انهن چئني اسمن جي معنائن ۾ هلڪو فرق آهي. پهرئين ۾ "اسم مجموعہ" (Collective Noun) جو اثر نمايان آهي. ٻيو شايد خالص اسم ذات چئي سگهجي ٿو. ٽئين ۾ "اسم خاصيت" (Noun of Quality) جو گمان پوي ٿو ۽ چوٿين ۾ ڪنهن شيءِ يا وَٿ جي نالي يا اسم (Material Noun) جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي. معنائن جي اها دلچسپ ڦير گهير سنڌي زبان جي هڪ سهڻي خصوصيت آهي، جا اها بہ اُميد پيدا ڪري ٿي تہ هيءَ زبان علمي نقطہ نگاهہ کان معنيٰ ۽ مفهوم جا هلڪي کان هلڪا تهہ پيدا ڪرڻ جي اَهليت پنهنجي بدن اندر رکي ٿي. اهائي خصوصيت آهي، جا انگريزي يا فرينچ زبانن کي سائنسي يا علمي زبانون بنائڻ لاءِ ذميدار آهي، پر انگريزي ۽ فرينچ کي يوناني ۽ لاطيني جي جزن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو؛ ۽ سنڌيءَ ۾ انهن جي پيٽ ۾ خود پنهنجي مزاج ۽ ساخت ۾ اها خصوصيت موجود آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن زبان کي علمي ۽ سائنسي بڻجڻ لاءِ اهو ماحول ۽ موقعو ميسر نہ آهي.

**_ سراج**

# سراج جي ياد ۾ ...

اُٿيو ۽ اُٿياڪ، ڪالهونڪر ڪاڏي ويو،
ويو جاڳائي جيڏيون، برهہ ڪو بيباڪ،
چُر ڦر چائي چاڪ، سُور سمهاري ڪينڪي!
(شاهہ)

# سنڌي ٻوليءَ سراج

_ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

هڪ دفعي آزاد ڪشمير ۾ منهنجي ميزبان چيو هو تہ، ٽي. وِيءَ تي ڏاڍا سٺا سنڌي ڊراما پيش ٿا ٿين ۽ هتي دلچسپيءَ سان ڏٺاوڃن ٿا. مون پڇيو تہ ”توهان سنڌي ٻولي سمجهي سگهو ٿا؟“ چيائين تہ ”ڪشميري زبان ۾ گهڻا سنڌي الفاظ آهن“ مون مثالن لاءِ چيو تہ ٻڌايائين ”جيئن سُٺڻ، اَسي/ اسين... وغيره) منهنجو ذهن پنهنجي گمان طرف ويو تہ: هند_ سنڌ جي قديم ٻولين جو بُنياد سنڌي ٻولي آهي. جيڪا سنڌو_ماٿريءَ مان نڪري گنگا، جمنا جي تهذيبي علائقي ۾ داخل ٿي ۽ بابلي ۽ وچ مشرق جي زبانن تي اثرانداز ٿي: مثال طور؛ بابل جي ٻوليءَ ۾ مَڻ، هنجهہ ۽ ڪنجهو نج سنڌي لفظ آهن. ”ڏراوڙ“ ۽ ”سُميري“ اصل سنڌي هئا، جن پنهنجي ٻوليءَ کي سلسليوار گنگا، جمنا ۽ دجلہ، فرات جي، تهذيبن ۾ مروج ڪيو. منهنجو اَنيِوُ ۽ گمان مون کي مجبور ٿو ڪري تہ توهان اهلِ علم اڳيان انهيءَ خيال جو اظهار ڪريان.

سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد بابت سنڌي هندو ۽ مُسلمان عالمن ۽ يورپي مُحققن ۽ متشرقين، (Orientalists) وقت بہ وقت، پنهنجا مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن، ليڪن ”هنوز دِلي دُور است“ جي مصداق ڪنهن حتمي راءِ تي اتفاق نہ ٿي سگهيو آهي. موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي لکيل تصويري لپيءَ جي پڙهڻي بہ اجا پري جي ڳالهہ آهي. مرحوم سراج الحق ميمڻ جي وفات بعد، منعقده مجلسن ۾ خاص طور تي محترمہ سسئي پليجو ۽ محڪمہ ثقافت طرفان ڪوٺايل هن سيمينار ۾، اهي ڇاڪَ وَرِي ڇڪي پيا آهن. هڪ طرف اسان ”سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ“ جو نعرو هڻي رهيا آهيون تہ ٻئي طرف اسين سنڌي ٻوليءَ جي آغاز ۽ تاريخ تي متفق نہ آهيون.

سال 1959ع جي مهراڻ_ ۾ اُستاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان مرحوم جو ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جي عنوان سان هڪ مضمون

ڇپيو جنهن جو مرحوم سراج الحق ميمڻ هڪ تنقيدي جائزو لکيو ۽ مَمَڻُ مَڇي ويو:

ڊاڪٽر صاحب رايو قائم ڪيو ته "سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي دور... ٿلهي ليکي عيسوي ڇهين صديءَ کان وٺي يارهين صديءَ جي آخرتائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي... اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي جي قدامت جو انڪار ڪيو ويو.

- سندس ضمني نظريو هيءَ هئو ته سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد سامي آهي.
- سامي معنيٰ عربي ۽ سندس متقدمين زبانون سرياني عبراني وغيره.

سراج صاحب نهايت ادب ۽ معذرت سان ڊاڪٽرصاحب جي راءِ کي رد ڪيو ۽ لکيو ته "تحقيق جا مختلف گروهه آهن.... هڪ گروهه هندو عالمن جو آهي، جن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي ثابت ڪرڻ کي هڪ ڌرمي فرض سمجهيو آهي; ٻيو گروهه يورپي عالمن جو آهي، جن جي تحقيق بقول ڊاڪٽرصاحب اجا تنقيد طلب آهي; ٽيون گروهه مسلمان محققن جو آهي، جيڪي سنڌيءَ کي عربيءَ مان نڪتل سمجهن ٿا ۽ چوٿون گروهه ڊاڪٽرصاحب جي ذات جو (۽ ساڻس هم خيال عالمن جو) آهي جيڪي سنڌيءَ کي سامي سٽ جي زبان سمجهن ٿا. ... اها اسان جي بدقسمتي آهي جو تحقيق ۽ علم ۾ به ڌرم ۽ مذهب، شخصي پسند ۽ ذاتي لاڙن جي ڪري اهي ڪنهن هندوءَ جي لکيل ڪتاب کي ڪافي وزندار ۽ مستند هوندي به، ڪو وزن ڏيڻ ۽ سَندَ سمجهڻ کان ڪيٻائيندا رهيا آهن... ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن تحقيق ۾ ڪاڪي ڀيرومل جي ڪتابن، "قديم سنڌ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مان ڪنهن به قسم جي فائدي وٺڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي آهي. مون کي يقين آهي ته ڊاڪٽرصاحب جيڪڏهن انهن ڪتابن کي پيش نظر رکي ها ته پاڻ اهي ظاهر ظهور غلطيون ڪين ڪري ها. جيڪي هن مضمون ۾ جابجا ملن ٿيون...."

سراج کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کان انڪار تي به سخت اعتراض هو ته ... "سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت يارهين ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ نهڻ لڳي هئي". اهو نظريو ڪاڪي ڀيرومل ۽ ڪجهه ٻين عالمن جو به آهي. سراج لکي ٿو ته "هنن صاحبن وٽ ڪو دليل ڪونه آهي.... "سواءِ ڪن جزئيات جي ڪي لفظ چڇنامي ۾ ملن ٿا، اُنهن مان ظاهر آهي ته ٻوليءَ جي تشڪيل اُن وقت به ساڳي هئي، جهڙي هاڻي آهي."

سراج سائين جي راءِ موجب "سنڌي سنسڪرت مان نڪتل نه آهي پر سنسڪرت سنڌيءَ طرح اُن جي هڪ تدريجي بدليل صورت آهي." پنهنجي راءِ جي پنيرائيءَ ۾ هن بيحد عميق ۽ مدلل مثال ڏنا آهن. مثال طور; سراج صاحب جو هي دليل وزنائتو آهي ته; "اسان جي ٻولي محض ڳالهائڻ جي ٻولي هجڻ ڪري، سنسڪرت وانگر مري ڪين وئي، پر زنده رهي. اسان جو لوڪ ساهت اسانجي ٻوليءَ جي جيئري هجڻ جي نشاني آهي... مون کي اِن ۾ ڪوبه گمان نه آهي ته اسان جو لوڪ ادب ۽ لوڪ فن نهايت قديم آهي..."

انهيءَ مختصر جائزي پيش ڪرڻ بعد، آءٌ آخر ۾ پنهنجي ذاتي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو. سنڌي سنسڪرت جي جائي نه آهي. سنسڪرت آرين جي ٻولي آهي، جيڪا سنڌوماتريءَ جي عظيم تهذيبي دور جي آخر ۾، گنگا، جمنا تهذيب جي اسرندڙ دور دوران تشڪيل ٿي.

سنسڪرت معنيٰ سڌريل ٻولي. آرين هند- سنڌ جي پرڪرتي ٻولين ۾ پنهنجا الفاظ ۽ صرف و نحو جا قاعدا شامل ڪري اُها ٻولي رائج ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نه فقط سنسڪرت جا نحوي صرفي نمونا ۽ الفاظ شامل ٿيا، پر انهيءَ کان گهڻو اڳ ايران جي پارسي، ٻڌ ڌرم جي پالي ۽ مقامي داردي ٻولين جا الفاظ محاورا ۽ چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چُڪا هئا. مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي گهٽائڻ جي باوجود تسليم ڪيو آهي ته "انهيءَ قديمي دور ۾، جنهن وقت گنگا- جمنا دوآبي جي اردگرد، سنسڪرت پنهنجون ابتدائي ۽ آخري منزلون طئي

ڪري رهي هئي ۽ اُتي جون پراڪرتي زبانون ان جي زيراثر وڌي ۽ ويجهي رهيون هيون. اُن وقت ڪشمير کان سنڌ واري خطي ۾ لساني نوعيت جداگانه هئي. اهو خطو پهريائين ’هند- ايراني‘ ۽ پوءِ ’هند- آريائي‘ ۽ داردي زبانن جو آماجگاهه رهيو.“

انهيءَ قديم دور کان وٺي، سنڌي، ڪشميري، هندڪو ۽ سنڌوماٿريءَ جون ٻيون ٻوليون، پنهنجي الڳ ترتيب ۽ ترڪيب سان، وڌنديون ۽ ويجهنديون رهيون آهن ۽ اُنهن ۾ سنڌي زبان خطي جي عام زبان (Lingua franca) طور ٻين ٻولين تي اثرانداز ٿيندي رهي آهي- شايد تنهنڪري ئي منهنجي ڪشميري ميزبان مون کي ٻڌايو ته ٿي ويءَ تي نشر ٿيندڙ ڊراما ڪشمير ۾ پسند ڪيا وڃن ٿا ۽ مشترڪ لفظن جي مدد سان سنڌي ٻولي سمجهي وڃي ٿي.

اڄ امڙ جي ٻوليءَ جو عالمي ڏينهن آهي. وَچَنُ ڪرڻ گهرجي ته ماءُ جي ٻوليءَ سنڌي بابت مڪمل تحقيق ڪنداسين. اُنهيءَ جي قدامت تاريخ ۽ دنيا جي ٻولين ۾ اُنهيءَ جي انفراديت ۽ افاديت کي نروار ڪنداسين. (آمين)

**حوالا:**


(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، تحفه لاڙڪاڻا، مهراڻ-1، 1959ع.

(2) سراج الحق، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، هڪ تنقيدي جائزو مهراڻ-4، 1959ع.


(سنڌ ثقاف کاتي طرفان، سنڌ پرانونشل ميوزيم حيدرآباد ۾ سڏايل سيمينار ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مقالو. (21 فبروري 2013)))

# آيل ڪريان ڪيئن!

(1)


- ڊاڪٽر فهميده حسين


نه سي وونئڻ وٽن ۾، نه سي ڪا تاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي!

گذريل ٻن ڏينهن کان ڪاڳر ۽ قلم کڻي ويٺي ڪجهه لکڻ لاءِ جتن ڪيم، پر جهڙوڪر نه هٿن ۾ ساهُه آهي، نه قلم ۾ مسُ. . . گهڻي ڪوشش ڪرڻ تي جي هٿ هليو به ٿي ته پٽائيءَ چواڻي هَرَ هَرَ:

لڙڪ لکڻ نه ڏِين، ڪِريو پون قلم تي. . واري ڪار هئي

پاڻ کي ڏاڍو پرپائڻ جي ڪوشش ڪيم. . ’ادا‘ جو آخري مُرڪ سَجيل چهرو اکين اڳيان ڦريو اَچي. . تمام مطمئن ۽ پرسڪون ماٺهوءَ واري مُرڪ سندس چپن جي ڪُندن تي اچي اَسان کي دلداري ڏيئي رهي هئي. چڻ چئي رهيو هجي: ”رو چو ٿا، بابلا! مُون ڀرپور زندگي گذاري، سنڌ سان سَچو رهيس، ماءُ، پيءُ، ڀائرن، ڀيڻن ۽ زال جا فرض پورا ڪيم، پٽن پوٽن ۽ پوٽين جي ننڍڙين ننڍڙين خوشين ۽ ڪاميابين کي ماڻيم ۽ موٽَ ۾ مون سڀني جي اٿاهه محبت ۽ عزت حاصل ڪئي“. ... پر اُن مهل مون کي سندس مُرڪَ ۾ هلڪو هلڪو دردُ جهلڪندو ڏسڻ ۾ آيو. اُهو درد ته اسان سڀني کي ڏاجَ ۾ مليو آهي، هُن جي ذات ۽ ڪٽنب جي لاءِ اطمينان واري مُرڪ جي ته ڪا حيثيت ئي ڪانهي، هو پنهنجي سُکي ستابي، خوشحال ۽ خودمختيار سنڌ واري خواب جي ساڀيان نه ڏسي سگهيو. سنڌ جي هيٺي حال ۽ غير يقيني آئيندي جو دردُ هن جي چهري تي اسان کي هميشه جيان چئي رهيو هو: ”ٻيلي سنڌ جي پارت اٿوَ“!

هن سنڌ کي پنهنجو ضَميرُ ڪري سمجهيو هو. اهڙو ضمير، جنهن سان هميشه سچو رهڻو آهي، سنڌ سان ڪو به دوکو ۽ دولاب پنهنجي ضمير سان دوکو ۽ دولاب سمجهيائين. . .

ادا آخري ڏينهن ۾ بہ اُميد ۽ آسَ کي هٿان نہ ڇڏيو هو ۽ اسان کي ڪڏهن سڌيءَ طرح تہ ڪڏهن اَڻ سڌيءَ طرح اهڙا درس ڏيندو رهندو هو.

هو اسان جي ڪٽنب لاءِ ٻڌيءَ جي علامت هو. هر آچر تي سندس حڪم جي بجا آوري ڪندي سڀ اچي وٽس مِڙندا هئاسين ۽ آءُ آنڌي هجي يا طوفان، حيدرآباد کان صرف ۽ صرف سندس قرب لاءِ ڪراچيءَ پڄندي هئس. . .

سوچيان ٿي تہ هاڻي ڪيئن ڪندس!. . سندس صالح پُٽَ، سندس گُڻن جا وارث پٽ انهيءَ روايت کي جاري رکڻ جو چون ٿا. . . اسين آچر تي سڀ مِڙون بہ پيا، پر ادا ناهي تہ ڪجهہ بہ تہ ساڳيو ناهي. سندس ڪمي ڏاڍي ٿي محسوس ٿئي. هو اهڙو محبت جو مَڇُ هو. جنهن تي اسين سڀ پتنگن وانگر اچي مڙندا هئاسين:

”پتنگن پهہ ڪيو مڙيا مٿي مچ“.

هاڻي اهو مَچُ ڪيرُ مچائيندو؟ آخري ڏينهن ۾ پاڻ ٺيڪ نہ هو ۽ آءُ آچر تي اچي جڏهن ڪانئس طبيعت جو حال پڇندي هئس تہ مُرڪندي چوندو هو: ”بابلا، بس. . . هلڻ هارا سپرين وڃڻ وايون ڪن“؛ يا وري هيءَ سٽ ورجائيندو هو تہ:

پيئي ڪٺي پساهہ، ڏُکي ڏيئي وَٽِ جيئن!

وري موضوع بدلائي ڪوڙي ڪاوڙ سان اسان پيٽن کي چوندو هو: ”ڇوڪريون، ڏاڍي دير ڪري ٿيون اچو. اصل بُکَ ۾ ساهُ ٿو نڪري.. هاڻي اُٿو هلي ماني کائون“. . .

هاڻي پلا ڪير اسان کي ائين دڙڪا ڏيندو. ڪير اَسان جو انتظار ڪندو! بس هاڻي پٽائيءَ جي لفظن ۾ تہ:

پسيو رُونِ پنهونءَ جا، اکيون اوتارا،
مون پانيو مون وٽ، هوندا سڀ ڄمارا،
ساٿين سوارا، ڪيو ڪيچ اکين ۾!

(10 فيبروريءَ 2013ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ ٿيل ادبي ريفرينس ۾ پڙهيو ويو)

(2)

# مُنهنجو ادا وڏو...

اڄ اسين جنهن شخصيت بابت ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، اُهو هڪ ئي وقت اعليٰ پائي جو افسانہ نگار، ناول نگار، نقاد، عالم، لِسانيات جو ماهر، صحافي، وڪيل تہ هو ئي، پر سندس اُهي سمورا رخ يا پهلو هڪ ئي حوالو رکن ٿا، سو آهي سنڌ سان عشق جو حوالو. سندس گهڻ رُخي شخصيت تي اڄ هتي آيل اسان جا معزز اديب ۽ عالم ڳالهائيندا، جن مان ڪي سندس پراڻا ساٿي ۽ دوست بہ آهن. . .

اداري جي چيئرپرسن هئڻ ناتي، آءُ اوهان سڀني کي پليڪار چوندَسِ، پر سنڌي ادب جي سراجَ بابت ڪانہ ڳالهائيندَسِ. اڄ هتي صرف ۽ صرف پنهنجي ”ادا وڏي“ تي ڳالهائيندَسِ، جيڪو اسان جو اَبو. امان هو. جنهن اسان کي بابا ۽ امان جي وفات کانپوءِ بہ يتيم ٿيڻ نہ ڏنو هو. جنهن جي دم سان اسان جو پيڪاڻو يا مائِٽاڻو گهر هو. . جنهن زندگيءَ ۾ صرف ڏيڻ سِکيو هو ۽ موٽَ ۾ سڀني جو اَڻ ميو اڻکٽ پيار پاتو، عزت ڪمائي ۽ احترام ماڻيو. اڄ هو اَسان سان ڪونهي ۽ ڪيس وِئي اڄ ٻارهون ڏينهن آهي؛ پر جهڙوڪر اجا بہ دل کي اعتبار نٿو اچي تہ ’ادا وڏو‘ هاڻي ڪونهي رهيو. اڄ بہ لڳيمِ ٿو تہ فونِ جي گهنٽي وڄندي ۽ ادا چوندو. . ”فهمي، بابلا! منهنجي ڪتابَ کي ڏسي وٺين تہ امر جليل کي ‘Foreword’ لاءِ ڏياري موڪلجان. . .“ سندس ڪهڙا ڳُڻ ڳائي ڪهڙا ڳايان . . . صرف ڀٽائي منهنجي دل جي ترجماني ڪري سگهي ٿو تہ:

ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪوهہ ڄاڻان ڪهڙا پرين!
ولين جيئن وريام، ڳالهيون ڳُڻ پرينِ جا!

هن جي خميرَ ۾ خُلوص هو. نيڪ نيتي هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ’وفا‘ هئي. اُها وفا، جهڙي هن پنهنجي رَت جي رشتن سان نڀائي، اهڙي يا شايد اُن کان بہ وڌيڪ هن پنهنجي مٽيءَ، پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ سان نباهي. هو سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ سان غير مشروط محبت ڪرڻ وارو هو. اُن جي محروميءَ ۽ ڏک تي ڏکوئجي ويندو هو، اصل روئي ڏيندو هو. حال ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ويساهہ گهاتين کي تاريخ ۾ ٿيل هاڃن سان relate ڪري اهڙو ”سڏ“ ڏنائين، جو اڄ ڏينهن تائين ”پڙاڏو“ بنجي گونجي رهيو آهي. جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق جي حوالي ڪيائون تہ اُن جي رد عمل ۾ 1956ع ۾، مهراڻ ۾ ”ڪراچيءَ“ نالي نظم لکي، ان کي own ڪيائين، اُن جي مالڪي ڪيائين.

اي ڪراچي، سنڌ جا سينگارَ اي روحِ وطن
تنهنجي ماضيءَ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ- منهنجي ماضيءَ- کي سلام
ها، اُهو ماضي جو بيحد روشن ۽ تابان هو!
. . . اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!
اي ستارن جي زمين، اي اپسرائن جا وطنَ!

اَدا اُها مالڪي صرف زباني ڪانہ ڪئي هئي، بلڪ پنهنجو اِهو حق هٿ ڪرڻ لاءِ هميشہ لاءِ ڪراچيءَ جو ٿي ويو ۽ ڪراچيءَ جو ڊوميسائيل ٺهرايائين. . . ڪراچيءَ جي اُن مالڪي ڪرڻ بابت هڪ ننڍڙو واقعو توهان کي ٻڌايان ٿي:

اٽڪل ٽيهارو کن سال اڳ سندس ٻن وڏن پُٽن ساڳئي سال سُٺن نمبرن سان انٽر سائنس ڪئي، هڪڙي کي انجينئرنگ ۾ داخلا وٺڻي هئي، ٻئي کي ميڊيڪل ۾. جڏهن داخلا فارم ڀريا ويا تہ خبر پئي تہ ڪراچيءَ جي ڊوميسائيل تي صرف هڪڙي کي داخلا ملي ٿي سگهي، پر ٻئي جون مارڪون ٿوريون گهٽ آهن. تڏهن آءٌ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هئس ۽ NED انجينئرنگ يونيورسٽيءَ جو سنڌي رجسٽرار منهنجو واقف هو. انهيءَ مون کي صلاح ڏني تہ ’ادي، سراج صاحب کي چئو تہ ڪراچيءَ جو ڊوميسائيل سرينڊر ڪري واپس ٽنڊي ڄام جو رُورل ڊوميسائيل ٺهرائي وٺي تہ سندس ٻنهي پُٽن کي ميڊيڪل ۽ انجينئرنگ ۾ سيٽون ملي پونديون. مون اچي ادا سان ڳالهہ ڪئي. هو ماڳهين مون تي ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”هڪڙو تہ ڪراچيءَ تان هٿ کڻون ۽ ٻيو وري پنهنجي ئي ڳوٺ جي ڪنهن غريبَ جي ٻارَ جو حق بہ ماريون. . . اهڙين حرڪتن تہ ڪوٽا سسٽم کي بدنام ڪيو آهي. پنهنجا ٻارَ تہ ڪراچيءَ جي سٺن اسڪولن ۾ پڙهي ڪوبہ مقابلي جو امتحان پاس ڪري پنهنجو ڪئريئر ٺاهي سگهندا، ڳوٺَ جي سرڪاري اسڪول مان پڙهيل غريب ٻارَ وٽ تہ اُهو ئي هڪڙو سهارو آهي، اُهو انهن کان ڦرڻ جو سوچڻ بہ گناهہ آهي! “

هن هڪ پٽ جي داخلا وڃائي، پر ڪنهن جو حقُ نہ ماريو. اسان وٽ اڄ بہ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي بهترين پرائيويٽ اسڪولن مان ٻارَ پڙهائي، داخلائون ۽ نوڪريون ڳوٺَ جي ڊوميسائيل تي حاصل ڪندا آهن ۽ اُتان جي غريب ٻارن جي حق تي ڌاڙو هڻندا آهن.

ادا ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪرڻ خاطر ئي 1984ع ۾ بابا کي ۽ 2005ع ۾ ننڍي ڀاءُ انعام کي ڪراچيءَ ۾ دفنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پاڻ بہ اُتي ئي آرامي آهي. چوندو هو: ”جيستائين اسين ڪراچيءَ ۾ پنهنجا مُقام نہ جوڙينداسين، تيسين ڪراچي بہ اسان کي پنهنجو ڪانہ ڪندي“. اهڙو هو منهنجي ادا جو ويزن (vision).

هن پنهنجي ڪٽنب لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو. بابا هڪ پرائمري استاد هو، عام زبان ۾ ’غريب ماستر‘. اهو پنهنجن ٻارن کي صرف سٺي تعليم ڏئي ٿي سگهيو. هن شروع ۾ ادا سراج ۽ ٻين ڀائرن کي پڙهايو پر پوءِ جڏهن اسان ڀينرن ۽ ننڍن ڀائرن جو وارو آيو تہ ادا سندس ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ٻنهي ڄڻن، ٻہ ٻہ نوڪريون ڪري، پريسن اخبارن ۾ سب ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ،

ترجما ۽ ٻيا پورهيا ڪري، اسان جي پڙهاين کي جاري رکيائون ۽ بابا جي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ سڄو بار ادا پنهنجي مٿان کڻي بيٺو. . اڄ ماشاءَ الله سڀئي پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪامياب آهن يا ڪاميابيءَ سان رٽائر ٿيل آهن. ڀينرن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ڪري سڀئي اعليٰ تعليم يافته ۽ پروفيشنل آهن. اهو ادا سراج جي ’رول ماڊل‘ جهڙي ڪردار جو ڪمال آهي، جو جيئن پاڻ صالح پٽ بنجي، بابا جي آخري وقت تائين سنڀال ڪيائين، تيئن سندس پٽ به آخري گهڙيءَ تائين سندس سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ بيٺا هئا ۽ امجد ته ڊاڪٽر هُئڻ ڪري چوويهه ڪلاڪ سندس سارَ لهندو هو ۽ اڄ به چڻ چوندو هجي ته:

”هُئين ته ويڄن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين“!

اها سندس ئي تعليم ۽ تربيت آهي، جو اهي ميرٽ تي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ٽاپ تي پهتا آهن. هڪڙو هاءِ ڪورٽ جو جسٽس ٿيو ٻيو سرجريءَ جو پروفيسر آهي ۽ ٽيون هڪ وڏي I.T ڪمپنيءَ جو سموري سائوٿ ايشيا جو سربراهه آهي، ۽ انهن ادا جي مِشن کي اڳتي هلائڻ جو عزم ڪيو آهي، سنڌ سان عشقُ جو خمير ۾ اٿن!

منهنجو ’ادا وڏو‘ هر لحاظ کان هڪ آئيڊيل انسان هو. مون هتي سڀ رشتا ڳڻايا، پر هڪ رشتو جيڪو سندس جيون ڀر جو سڱ ساٿي هو، اُن جو ذڪر نه ڪيم ته ڳالهه اڌوري رهجي ويندي. اسان جي سماج ۾ ننڍپڻ ۾ ڪنهن گهٽ پڙهيل يا اڻ پڙهيل سوٽ ماساتِ سان شادي ڪرائي ڇڏڻ جو رواج آهي، پر ان سان گڏ اهو به رواج آهي ته اُنهن مان جڏهن ڪو سياستدان، اديب ۽ عالم ڪئريئر جي عروج تي پهچندو آهي ته ڪڏهن ذهني هم آهنگيءَ جي نالي ۾ ته ڪڏهن ’سوشل اسٽيٽس‘ جي ڪري انهيءَ سوٽِ ماساتِ مٿان پهاڄ آڻي، اُن عورت کي ڏُهاڳ ڏئي ڇڏيندو آهي، ايتريقدر جو اُن مان ٿيل پنهنجا ٻچا به وساري ڇڏيندو آهي، پوءِ به ترقي پسند ۽ روشن خيال سڏبو آهي. ادا سراجُ 19 سالن جي عمر ۾ شادي ٿيڻ

ڪانپوءِ، 79 سالن جي ڄمار تائين پنهنجيءَ انهيءَ ماسات سان نباهيو جيڪا ان وقت صرف 14 سالن جي هئي ۽ ذهني هم آهنگيءَ يا سوشل اسٽيٽس جي لحاظ کان منجهس جيڪا کوٽ هئي، اُن کي پورو ڪرڻ لاءِ هن سندس ذهني تربيت ڪئي، ساٿ ڏنو، اهڙو ماحول ڏنو، جو پوءِ ڄڻ ڪا ڪمي نه رهي. اسان جي ڀاڄائيءَ کي سڏيندو ئي هو ”ماساتِ، مٺي ذات!“

سچ ته رشتا نباهڻ ڪو هن کان سِکي .! هڪ ڀيڻ جي حيثيت ۾ خواهش ڪندس ته شل هر جنم ۾ آءٌ ’ادا وڏي‘ جي ننڍي ڀيڻ. . . سندس ”فهمي“ ٿي جنم وٺان!

سي ڪيئن وڃنمِ وسري، جي جيءَ اندر ميت،
رُنا ڪهڙيءَ ريت، پرچندا ڀَرِ ڪنهين!

(16 فبروريءَ تي، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ ۾ ٿيل ريفرنس ۾ پڙهيل)

(3)

# سنڌي ٻولي ۽ سراج

ڪھڙو نہ عجيب حُسن اتفاق آهي، جو اڄ 'مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن' تي سراج جو ڏينهن پيو ملهائجي ۽ ڪيئن نہ 'سنڌي ٻوليءَ ۽ سراجَ' جو عنوان ٺھڪي آيو آهي: ٻن حوالن سان اهو عنوان اهم آهي: هڪ تہ سنڌي ٻوليءَ سان سراج صاحب جو عشق، جنهن اُن جي عظمت ۽ قدامت کي سائنسي انداز ۾ دليلن ۽ ثبوتن سان پيش ڪيو ۽ اُن جي ادب ۽ صحافت کي شاهوڪارُ ۽ مالا مال ڪرڻ لاءِ سدائين پاڻ پتوڙيو ۽ ٻيو اُن محنت ۽ مُحبت جو ثبوت ڏيندي هن جيڪو نظريو پيش ڪيو، اهو سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي سڀ کان آڳاٽي 'ماءُ ٻولي' ثابت ڪرڻ لاءِ هو. ان ڪتاب جو نالو ئي " سنڌي ٻولي" آهي- جنهن جي ڪري اهي ٻہ نالا گذريل اڌ صديءَ کان پاڻ ۾ سلهاڙيا پيا آهن "سنڌي ٻولي" ۽ "سراج" ۽ سدائين هڪ ٻئي جو حوالو بڻبا رهندا.

سراج صاحب جو ڪتاب "سنڌي ٻولي"، هونئن تہ 1964ع ۾ ڇپيو، پر اُن تي ڪم جي شروعات انهن مضمونن کان ٿي هئي، جيڪي پاڻ پنجاهہ جي ڏهاڪي جي آخر ۾ (1959)، محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لکيل ڪن مضمونن جي جواب ۾ لکيا هئائين، جن ۾ هن هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ جي 'سنسڪرت' مان نڪرڻ ۽ اُن جي آريائي ٻولي هئڻ کي رد ڪيو هو ۽ ٻئي طرف انهيءَ جي 'سامي سٽ' سان نسبت واري مفروضي سان اختلاف ڪيو هو. اُنهن مضمونن سنڌ ۾ هڪ لاڳيتي بحث کي جنم ڏنو. اُهو بحث شروع ڪرڻ وقت سراج صاحب جي عمر 25_26 سال هئي، ون يونٽ جو زمانو هو، جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جون نالو وٺڻ ڄڻ تہ گناهہ هو. ان زماني ۾ سنڌ تان اهو طوق لاهڻ لاءِ ۽ ان کي پنهنجي شناخت واپس ڏيارڻ لاءِ سنڌي اديبن ۽ عالمن سائين محمد ابراهيم جويي جي سرواڻيءَ ۾ 'اينٽي ون يونٽ تحريڪ' پئي هلائي. اُن زماني ۾ سنڌي ماڻهن ۾ هڪ قسم جو احساس محرومي ۽ احساس ڪمتري هو، جنهن کي دور ڪرڻ جي ضرورت هئي، موهن جي دڙي کي مئلن يا "مُئن جو دڙو" چئي ڪنهن اهڙي مئل/ مري ويل تهذيب ۽ تمدن جو اُهڃاڻ پئي ڇيو ويو، جيڪا ڪافرن جي تهذيب هئي، جنهن کي اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو ورثو قرار ڏيڻ معيوب ۽ 'باب الاسلام سنڌ' سان نسبت ڏيڻ ممنوع هو. اُن مان لڏل مهرن تي موجود ٻوليءَ بابت بہ اهڙو ئي خيال هو تہ اها ڪافرن جي ٻولي هئي، جنهن تي اجايو مٿو هڻڻ جي ضرورت ڪا نہ هئي. اُن دور جي اديبن مان قوم پرست ترقي پسندن ۽ رجعت پسندن جو جهيڙو تہ گهٽو ئي ورجايو ويو آهي ۽ رجعت پسندن طرفان اسلام ۽ پاڪستان کي خطري ۾ ڄاڻائي، ترقي پسندن خلاف هلايل مُهَم جو بہ ڪتابن ۾ رڪارڊ آهي.. پر انهن ٻن انتهائن جي وِچ تي ڪي عالم ۽ اديب اهڙا هئا، جن سنڌ جي قدامت ۽ عظمت تان هٿ کڻڻ بدران انهيءَ قدامت ۽ عظمت کي مقدس ۽ پاڪ ۽ پوتر ڄاڻائي، سنڌ مخالف ڌرين کي سنڌ سان بهتر رويو رکڻ جو اَڻ سڌو جواز پئي مهيا ڪيو. انهن مان ٻہ نالا وٺندَسِ. اهڙن عالمن ۽ اديبن مان هڪ طرف اهڙو موقف مشرقي علمن تي دسترس رکندڙ عالم مولانا غلام محمد گراميءَ جي مقالي 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' ۽ ٻين تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ٻئي طرف سنڌ جي اهم برک عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ طرفان سنڌ کي باب الاسلام جي حيثيت ۾ اسلامي تهذيب جي ساٿاري ۽ سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ واري ساڳئي سامي خاندان مان ثابت ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو ۽ اهڙا مضمون ۽ ڪتاب وغيره لکيا ويا.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي اهڙي ئي ڪنهن جذبي تحت سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي برتريءَ جو حوالو آرين ۽ سنسڪرت کي بنائي چُڪو هو جيڪو اُن وقت انگريزن طرفان اڳئي

زيربحث هو. اُنهن پنهي قسم جي عالمن جي نيڪ نيتيءَ تي ڪو ذرو شڪ نٿو ڪري سگهجي. هنن پنهنجي پنهنجي عقيدي جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي دُرمي ۽ مذهبي ٻولين جي ڪتنب ۾ پئي شامل ڪيو ته جيئن ماڻهو اُنهن تي فخر ڪن. اُن وقت جيڪي نوجوان اديب ۽ عالم سنڌ جي تشخص، اُن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ جي عظمت ۽ قدامت ۾ يقين رکندڙ هئا، اُنهن کي اُهي ٻئي ڳالهيون نه آئڙيون. اُهي ته سنڌيءَ کي هن ڌرتيءَ سنڌ جي ٻولي مڃيو ويٺا هئا. اُنهن لاءِ سنڌيءَ جو خمير نه آريائي هو نه سامي، ڇو جو اُهي هن سر زمين کان ٻاهريون ڌاريون تهذيبون هيون ۽ سنڌو تهذيب اُنهن کان آڳاٽي هئي ۽ سنڌي ٻولي به پڪ سان انهن کان اڳي هوندي ۽ اها ڳالهه قديم سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لکت جي موهن جي دڙي مان ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ثابت به ٿي چُڪي هئي. محترم ابراهيم جويي جي ترغيب تي ۽ شيخ اياز، تنوير عباسيءَ، مولاناگرامي، شمشيرالحيدري، غلام ربانيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ جهڙن دوستن جي اصرار تي سراج محض 25 ـ 26 سالن جي عمر ۾ اُهي مضمون لکيا ۽ ڪجهه وقت تحقيق ۽ مطالعو ڪرڻ کانپوءِ 30ـ 31 سالن جي عمر ۾ پنهنجو ڪتاب "سنڌي ٻولي" ڇپايو. انهيءَ پس منظر کي ذهن ۾ رکي پوءِ هڪ نوجوان محقق جي ڏنل نظريي کي سمجهيو وڃي ته اُن دور ۾، اُن جي ڏڪ ۽ ڇرڪ (impact) کي سمجهي سگهبو. هن لکيو هو ته:

"عربي اسان جي مذهب جي زبان آهي، سو اُن دائري ۾ اسان جي اکين تي، پر جيڪڏهن ڪو چاهي ته اُن ڪري اسين سنڌي زبان جي اصليت ۽ شاهوڪاريءَ کان انڪار ڪريون ته اِها محض مذهب جي نالي ۾ آسان تي ڌارين جي فوقيت ۽ برتريءَ کي مڙهڻ جي بيجا ڪوشش ڇئبي". (ص 110 – 'سنڌي ٻولي'، ٻيو ڇاپو 2009) وري اڳتي لکيائين ته:

"سنڌي هڪ مهان ۽ عظيم ٻولي آهي جنهن مان شايد اڌ دنيا جون ٻوليون ڪيرُ پِي وڌيون ٿيون آهن. اُن ناتي سان سنڌي ٻوليءَ کي ايترو حق ضرور آهي ته اُن جي حيثيت جي مڃيري نه، ته به بنيادي ٻولين جي صف ۾ ضرور تسليم ڪئي وڃي. (ص 186 – 'سنڌي ٻولي'، ٻيو ڇاپو 2009)

سنڌو لکت کي پڙهڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ لکيائين ته "جيئن ته موهن جي دڙي جو رسم الخط، قديم ترين رسم الخطن مان آهي ۽ دنيا جي ڪيترن رسم الخطن جو منبع پڻ آهي، اُن کي حل نه ڪري سگهڻ جو هڪ ئي سبب رهجي وڃي ٿو ته ڪنهن به ماهر اِن ڳالهه کي خيال ۾ نه آندو ته هيءُ رسم الخط جيئن ته سنڌ ۾ جائو نپنو سنڌ جا قديم رهواسي اُن کي ڪتب آڻيندا هئا، ان ڪري ممڪن آهي ته سنڌيءَ جي ڪا پراڻي صورت اُن ۾ مضمر هجي." (ص 163ـ 'سنڌي ٻولي'، 2009)

اُن وقت جي نوجوان سراجَ، جڏهن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي، سنڌو ماتريءَ جي هڪ قديم، شاهوڪار، اصلوڪي، ٻڌائتي ٻولي آهي، جنهن جو پنهنجو رسم الخط آهي، اُها نه سنسڪرت مان نڪتي آهي، نه سامي سَٽ جي آهي، بلڪ اڻ سڌي طرح اهو به چيائين ته مرڳو اُهي ٻوليون سنڌيءَ جون مرهون منت آهن ته نتيجي ۾ ڪيس "وات ڳاڙهو ڇوڪرو" چئي، اُن مفروضي کي سراسر رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اُهو هڪ مفروضو ئي ته هو! اُن کي تحقيق سان رد ڪري پئي سگهيا، پر اصل عالمن بدران ٻيا لُڙ ۾ مزو وٺڻ وارا وِچ ۾ ڪاهي پيا، جن اُن علمي بحث کي "جهيڙو" ڪري پيش ڪيو. جڏهن ته جيئن گل محمد عمراڻيءَ گذريل هفتي واري تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ چيو هو ته "هڪ طرف سراج صاحب جي طرفان آخري عمر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پيرن تي هٿ رکي سَلام ڪرڻ واري ڳالهه مان سندس علميت جو اعترافُ ۽ احترام ظاهر ٿئي ٿو. تيئن ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب طرفان آخري عمر ۾ پنهنجو نظريو ترڪُ ڪري سراج جي نظريي کي قبول ڪرڻ پڻ سندس قابليت کي مڃڻ برابر چئي سگهجي ٿو".

سراج پنهنجي مشاهدي مطالعي ۽ مغربي ۽ مشرقي عالمن جي ڏنل مفروضن کي سامهون رکي، سائنسي انداز ۾ دليلَ منطق ۽ بحث ذريعي پنهنجو نقط نظر پيش ڪيو.اِن ڏس ۾ پوءِ سنڌ مان ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تحقيق جاري رکي. جنهن جي نتيجي ۾ ٿيڻ ته اِهو ڪپندو هو

تہ ’جديد ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس‘ جي علم ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي لکت کي پڙهيو يا decipher ڪيو وڃي ها، پر افسوس تہ اڄ اُن جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان تجربا ڪندڙ مغربي توڙي مشرقي عالم اُن ۾ آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ بدران ’پروٽو دراوڙي‘ ۽ ’پروٽو پراڪرتون‘ ڳولي رهيا آهن. الائجي ڪڏهن وري ڪو 25_26 سالن جو ’وات ڳاڙهو ڇوڪرو‘ يا ’ڇوڪري‘ اُٿي پنهنجي ’ماءُ ٻوليءَ_ سنڌي ٻوليءَ‘ کي جديد کوجنا جي اصولن تي اصلوڪي ۽ ٻُڌائتي ٻولي ثابت ڪري ان جو مان مٿانهون ڪندو.

اڄ پلي هڪ ’هندو سنڌي ناول نگار‘ Return of the Aryans ذريعي اِهو ثابت ڪري تہ آريا اصل ۾ سنڌ مان نِڪتا هئا ۽ وري واپس هندستان آيا ۽ سڄي دنيا کي علم سيکاري موٽيا ۽ پاڻ سان نئين سڌريل صورت ۾ آريائي ٻولي سنسڪرت آندائون ۽ ٻئي طرف پلي تہ ابوجلال ندوي اها دعوي ڪري تہ سنڌ جا ماڻهو ئي هئا، جن وڃي سُمير ۽ بابل وسايو هو ۽ انهن کي جيڪا ٻولي ڏني، اُها ئي اصل سامي ٻولين جو بنياد آهي، ڇو تہ اُها پاڻ بہ سامي گروهہ جي ٻولي هئي. پر سراج صاحب ”سنڌي ٻولي“ ڪتاب ۾ 1964 ۾ اِهو ئي چيو هو تہ سنڌي قبيلا هتان جي تهذيب ۽ ٻولي کڻي نِڪتا. هئا ۽ وڃي دنيا جي مختلف خطن ۾ پنهنجي تهذيب ۽ ٻولي ڦهلايائون_ اُنهن پنهنجي پنهنجي علائقي جا اثر قبول ڪري مڪاني روپ اختيار ڪيا، پر بنيادي طرح سان اُنهن جو سرچشمو اسان جي اصلوڪي ٻولي ”سنڌي“ هئي، جيڪا نہ آريائي هئي، نہ سامي هئي، پر ”پروٽو سنڌي“ هئي.

(ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي سهڪار سان، ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾، ”سنڌي ٻولي ۽ سراج“ سيمينار ۾، 2013_2_21 تي پڙهيل)

# سراج: ’مجسم سنڌ‘ ۽ ڪراچي ’جانِ سنڌ‘

**_ تاج جويو**

02 فيبروري 2013ع تي، صبح جو 08.58.40 وڳي، ڊاڪٽر فهميده حسين جو موبائيل تي ’ميسيج‘ (msg) پهتو: ”ادا سِراج هليو ويو، اسان کي يتيم ڪري!“ ميسيج پڙهي مون کان ’رڙ‘ نڪري وئي، ”الا! اڄ نہ رڳو سراج جو خاندان، پر سڄيءَ سنڌ جي دانش يتيم ٿي وئي!“ هڪدم امداد ڊرائيور کي فون ڪيم. اڪثر موڪلن وارن ڏينهن تي ڊرائيور فون نہ کڻندا آهن، پر اڄ امداد فون کڻي ورتي. هو حيدرآباد شهر کان پرڀرو، ڪِرڙ سولنگيءَ جي ڳوٺ ۾ باءِ پاس سان لڳولڳ رهندو آهي. کيس چيم تہ رڪشا ڪري آفيس ۾ تُرت پهچي وڃي، ڏهين وڳي ڪراچيءَ پُڄڻو آهي، جو سراج صاحب گُذاري ويو آهي. ڪجهہ دوستن کي بہ موبائيل تي هن المناڪ واقعي جو ’ڄاڻُ‘ ڏنم. سيد قلندر شاهہ لڪياري، محمد عثمان ميمڻ، مدد علي سنڌي ۽ زاهد اوٺي فون تي پڇا ڪئي تہ ڪراچيءَ لاءِ ڪيڏي مهل نڪرندؤ؟ مون کين ’ڏهين‘ وڳي جو ٻڌايو ۽ خود رڪشا تي آفيس پهتس. امداد ۽ سڀ همراهہ ڏهين وڳي تائين پُڄي ويا. هڪدم ڪراچيءَ روانا ٿياسون. واٽ تي مختلف چئنلن_ آواز، سنڌ، مهراڻ ۽ ڪي.ٽي.اين جي نمائندن، سراج صاحب بابت تعزيتي تاثرات وٺڻ شروع ڪيا. نوري آباد مس ڪراس ڪئي هونديسون تہ سن مان منهنجي ڀائيٽي مارئيءَ جون فون آيو. سندس روئڻهارڪو آواز ٻڌي، هڪدم چيم: ’ڇو بابا‘ ڇا ٿيو؟‘ هڪ سيڪنڊ جي خاموشيءَ ۽ سُڏڪن ڳاڙڙ لفظن ۾ چيائين: ’چاچا! توهان؟..... چئنل تي اوهان لاءِ پٽي پئي هلي....“ ”ڇا بابت؟“ ”... تہ توهان گذاري....“ هوءَ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي. اِئين ڪراچيءَ تائين ڏهاڪو کن دوستن جا بہ فون آيا ۽ هڪ دوست ٻڌايو تہ اوهان جي فيس بُڪ تي بہ اوهان

بابت فوٽوءَ سان ’جاڻ‘ ڏنو ويو آهي‘. ڏاڍي حيرت ٿي ته جنهن چئنل، سڀ کان اڳ سراج صاحب بابت مون کان تعزيتي تاثرات ورتا هئا، اُن تي ئي منهنجيءَ وفات جي پٽي پئي هلي! هڪدم شوڪت چاچڙ ۽ تولارام سوٿهڙ سان موبائيل تي رابطو ڪيم ته آفيس وڃي منهنجي ’فيس بڪ‘ تان منهنجي موت جي خبر هٽائي. سراج صاحب بابت ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘ جي ستين جلد لاءِ ڪمپوز ڪيل پروفائيل رکي ڇڏين، هُنن ائين ئي ڪيو. تڏهن وڃي دوستن يارن جي فونن ۾ گهٽتائي آئي. مون سوچيو: ’هي سڀ ڪجھ ڪيئن ٿيو؟ آءٌ جيئرو آهيان ۽ سراج صاحب هُن پار اُسهي ويو آهي! چا اِئين ته نه آهي ته سراجُ اسان سڀني کي زندگي بخشي، پاڻ پَرلوڪ پڌاري ويو!‘

ها، اها حقيقت آهي ته قومن جا سچا اديبَ، پنهنجي زندگين جي ڀيٽا ڏئي، وطن ۽ قوم کي جياري ويندا آهن. جاودان زندگي بخشي ويندا آهن. سنڌ جي سچن اديبن ۽ شاعرن به هميشه اهو ئي پيغام ڏنو آهي:

’سنڌڙي رهي، اسان نه رهياسين ته چا ٿيو؟‘
- رشيد ڀٽي

’جو قوم جياري، اُهو جيئندو رهندو،
جو عامُ اُجاري، اُهو جيئندو رهندو،
مون کي تاريخ ۽ تقديرَ ڏني پڪ آهي،
جو سِنڌ سنواري، اُهو جيئندو رهندو!
- اُستاد بخاري

اُن ۾ ڪي به رايا نه آهن ته ’سراج‘، ’سنڌ- سنوار‘ ۽ ’قوم- اُجار‘ اديب ۽ دانشور هو. هن جي سوچَ، قلمَ ۽ عملَ ۾ سنڌ جو ’اوجل آئيندو‘ هو. هن جا سپنا ۽ هن جون ساڀيائون، سنڌ سان ئي واڳيل هيون. هن جا آدرشَ ۽ هن جون محبتون: جَديد، حسين، ترقي پذير، خوشحال ۽ هر قرلت کان آجي، خودمختيار ۽ خُوداختيار سنڌ لاءِ هيون. هو ’مجسم سنڌ‘ هو. هن جو هر حوالو مڪمل هو. هو هڪ مڪمل ’انسان‘ هو. هڪ مڪمل پيءُ ۽ مڪمل پياءُ هو. مڪمل اديب ۽ دانشور هو. مڪمل ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. مڪمل ناٽڪ نويس ۽ محقق هو. مڪمل ماهر- لسانيات ۽ قانوندان هو. مڪمل ايڊيٽر ۽ صحافي هو. پر هو انهن سمورن حوالن سان گڏ هڪ ’مڪمل شاعر‘ به هو. جنهن جي شايد ڪيترن کي خبر نه هجي. يا ڪن جي لاءِ هڪ انڪشاف هجي! هن ايڏي پختي، ايڏي جٽادار، ايڏي سگهاري ۽ ايڏي فڪري ۽ فني طور ڀرپور شاعري ڪئي آهي، جو هُو مشقِ سخن جاري رکي ها ته اياز ڪٽي نه به ٿئي ها، پر شمشير ۽ امدادَ جي جوڙ جو شاعر ضرور ٿئي ها! اها منهنجي دعوي آهي، عقيدت نه آهي. شاعريءَ جا نقاد- سڀُن آهوجا، الهداد ٻوهيو ۽ ذوالفقار راشدي زنده هجن ها ته اُهي مون سان ضرور اتفاق ڪن ها- پلا، سراج جي اُها ڪهڙي ادا ۽ خصوصيت هئي، اهو سراج جو ڪهڙو گڻ يا ڪهڙي صلاحيت هئي، جو علم ۽ ڄاڻ جو پروهت، محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي قرآن پريس تي پروف ڏسندڙ ويهيون ڪندڙ ۽ ترجما ڪندڙ 19- 20 سالن جي ڳڀرو جوانَ، بي.اي جي نوجوان شاگرد، سراج کي، ڇڪي ادبي بورڊ ۾ وٺي آيو- ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته هنن ٻنهي پورهيت اديبن، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ويهي، ’سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾، ڪيترو نه اڳيرو ۽ پاڙيرو ڪيو!

سراج جي ٻين سمورن حوالن تي، ’تعزيتي رفرنس‘ ۾ موجود ڏاها ۽ اديب ڳالهائيندا. پر آءٌ جيئن ته ڪنهن وقت شاعر هئس، ۽ شاعري اڃا به منهنجيءَ سرشت ۽ منهنجي رت ست ۾ سمايل آهي، اُن ڪري، آءٌ چاهيان ٿو ته آءٌ سراج جي شاعرَ واري رُخ تي ئي روشني وجهان.

مون کي سراج جي شاعريءَ جو بنھ ٿورڙو ذخيرو هٿ آيو آهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. گيت، 5 عدد
2. نظم، هڪ عدد
3. آزاد نظم، 5 عدد

4. سنگيت ناٽڪ، هڪ عدد (تند تنوار.... سُر پيرويءَ تي مبني آزاد نظم ۾)

5. بلوچي ۽ آفريڪي نظمن جا ترجما 2 عدد

جهڙيءَ ريت، قاضي قاضن جا ’ست بيت‘ ليي، ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب ڪيس اَساسي دور جو اهم شاعر قرار ڏنو هو- ۽ اڄ ’هيري ٽڪر‘ جي تحقيق کان پوءِ هُو نہ رڳو سمن- ارغونن جي دور جو اهم پر وڏو شاعر ثابت ٿي چڪو آهي. تهڙيءَ ريت سراج کي هنن ’ڏهن شعرن‘ جي بنياد تي پنهنجي دور جو ’اهم شاعر‘ سڏيندي، آءٌ ڪنهن بہ صورت ۾ گهبراهٽ جو شڪار نہ آهيان، باقي ڪيس ’وڏو شاعر‘ سڏڻ جي جسارت نہ ٿو ڪري سگهان، ڇو تہ ’نمبرن جي قطار‘ جا اُميدوارَ شاعر ڪٽي مون کي ’سنگسار‘ نہ ڪري وجهن! آءٌ فقط ’مُٺ مان خرار جي خبر‘ پوڻ واري ڪسوٽيءَ ۽ تنقيد جي سِراڻ تي، سراج جي گيتن، نظم، آزاد نظمن ۽ سنگيت ناٽڪ جا ڪجهہ ٽڪرا ۽ هڪ مڪمل ’آزاد نظم‘ هن محفل ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو:

’گيت‘ جي وصف، ٻوليءَ ۽ احساسن کان، اوهان سڀ اديب، شاعر ۽ ادب دوست آگاهہ آهيو اُن ڪري، اُنهن رُخن تي قلم آرائي ڪرڻ بدران آءٌ صرف گيتن جا ڪجهہ بند پيش ڪريان ٿو:

گيت (1):

ساٿـــي! باقـــي ٿـــوري رات!
چانڊوڪي ڏس جهاتيون پايو،
دل کي وجهي ٿي گهايو گهايو،
ساهہ سُڪائي تنهنجي تات!
ساٿـــي! باقـــي ٿـــوري رات!
تارا تنهنجي راهہ ڏِسن ٿا،
ٽڪجي ٽڪجي نيٺ ڪِرَن ٿا،
شايـــد ٿيندي ائيـن پـــريات!
ساٿـــي! باقـــي ٿـــوري رات!

- (ڇهن بندن مان ٻہ بند)

گيت (2):

ذهن ۾ اُڀريا چنڊ ستارا-
ماڪ ڀري ڪا مُکڙي،
چڻ تہ ڪِلي کُو مائي!
تنهنجي ياد جو آئي... منٺڙا!
مَن ڏُسڪيو آشا تـڙپـي-
آس جي شمع اُجهاڻي،
لُڇندي راتِ وهاڻي!
تنهنجي ياد جو آئي... منٺڙا!

- (ڇهن بندن مان ٻہ بند)

گيت (3):

مُرڪ اُها جا ورهيہ پُراڻي،
پنهنجي چپن تي ڪولين چو ٿي؟
منهنجي مُنهن ۾ هر هر، جاني!
پنهنجي پاڻ کي ڳولين چو ٿي؟
ياد تہ هوندءِ...
پريتِ چُني، تو ناتو ٽوڙي،
مون کان هو ڪئن پلئُ ڇڏايو!
مُنهنجي اکين جي هن ساگر ۾،
هاڻ تہ ڪو بہ ڪنارو ناهي؛
پوءِ پلا هي تنهنجي اکين ۾،
طوفانن جو اِشارو ڇاهي؟

یاد تہ هوندءِ...
نينهن نهوڙيو، تو منهن موڙيو،
مون کان هو ڪئن پلئہ ڇڏايو!
۔ (ڇئن بندن مان پهريان ٻہ بند)

متيان گيتن جا مختصر مثالَ پڙهي ۽ ٻڌي، ٻوليءَ، هيئت، احساس، ڪيفيتن، ڏانءَ ۽ ذات جي خيال کان ڪير چوندو تہ بردي، تنويرَ، اُستاد ۽ امدادَ جي گيتن کان ڪي گهٽ معيار وارا گيت آهن!

هتي آءُ سراج جي هڪ ٻئي خوبصورت نظم 'ڪونج' جي 'مطلع' واريون ٻہ سٽون ۽ هڪ بند نموني طور ڏيان ٿو هي نظم هڪ مطلع، ڇئن بندن ۽ هڪ مقطع تي مشتمل آهي. نظم جي هيئت جو بنهہ نئون انداز آهي، تہ اُن جو وزن بہ بنهہ مُترنم!

آڪاشَ جي بي انت سِياهين ۾ رُڳي رُڃَ،
تنهنجي تہ اکين ۾ ٿي ازل کان ٿي بَکي اُڃ،
او ڪونج، سنڌءِ رُوح سندي پياسَ بُجهي ڪيئن؟
ٿي رُوح کي پنيلائي سنڌءِ درد پري لاتِ،
ڇڻ ياد جو پڙلاءُ، اُمنگن کي ڏُتاري۔
'ٻُولا' جي صنم خاني ۾ ڏُسڪي ٿي پئي راتِ،
ماحول بہ خاموش رهي لُڙڪ ٿو هاري؛
او ڪونج، سنڌءِ رُوح سندي پياسَ بُجهي ڪيئن؟

چا، هي نظم پڙهندي، اُن ۾ آبشار جهڙي رواني ۽ ترنم ۽ تاثر جي وحدت محسوس نہ ٿي ٿئي؟ جي ها، تہ 'فراق گورکپوريءَ' جي نظم لاءِ پيش ڪيل ڪسوٽيءَ تي هن نظم کي اَوس پرکي سگهي ٿو.

سراج جا منهنجيءَ 'Collection' (ميڙيءَ چونڊيءَ) ۾ چار آزاد نظم آهن: (1) 'پريم پارڪ ۾....'، (2) 'ڪراچي'، (3) 'بازگشت'، ۽ (4) 'اندر سيا' ۔ جڏهن تہ سنگيت ناٽڪ 'تند تنوار....' بہ آزاد نظم جي فارم ۽ هيئت تي لکيل آهي. هتي هڪ آزاد نظم بنا تبصري ۽ سنگيت ناٽڪ جو ٽڪرو پيش ڪرڻ کان پوءِ 'آزاد نظم': 'ڪراچي' نظم جو مختصر جائزو پيش ڪندس:

**پريم پارڪ ۾...! (آزاد نظم)**

رات، آءٌ سوچيندو رهيس، چُپ چاپ،
۔ ڪيڏي عظمت آ چنڊ تارن ۾!
دل چيو تہ پَر لڳائي اُڏامجي،
نِيلگون آسمانَ جي اڱڻ ۾،
چنڊ تارن سان گڏجي رقصُ ڪجي!
راتِ جي دلنواز دوشيزه،
جڏهن سنواري دراز زلفن کي؛
۔ مان، سحر جي شعاعِ نُور سان گڏجي،
گُل جي سيني ۾ جذب ٿي وڃان!
۽ پنهنجي ذِي حيات خوشبوءِ سان،
حسنِ تخليق کي بخشيان اهڙي سُڳنڌ،
جا منهنجي معصوم لُڙڪن سان واسجي،
ڪائنات جي عظيم وسعتن ۾،
زندگيءَ جي اُداس ويرانين کي،
۔ ڪا نئين حيات بخشي...!
۔ ۽ جيڪڏهن،
"هوءَ"، ڪٿي نظر جي سامهون،
رقص ڪندي ۽ مُرڪندي اچي،
۔ هُن جي نرم ۽ گداز سيني ۾،
دائمي خوابُ بنجي سُمهي رهان!
پر هن ڪارِگاهہ هستيءَ ۾،
ايڏي فُرصت ڪٿي، جو ڪو ڏسي سگهي،

- پنهنجي خُوابن جو هيءَ حسين تعبير!
ڪاري رات ۾ پريم پارڪ ۾،
آءُ زندگيءَ جي ساز تي نغمہ گُو،
خاموشين جي سيني ۾ جذب ٿي،
سوچيندو رهيس، چُپ چاپ-
اڄ بہ پيرن ۾ آهي اُها ئي زنجير،
اُهي ئي پابنديون، اُهو ئي دستور،
- چند جابر- ۽ هزارها مجبور....!!

- سنڌيءَ ۾ پهريون سنگيت ناٽڪ/ منظوم ڊرامو (Opera)، مرزا قليچ بيگ، 'ليليٰ مجنون' 1880ع ۾ لکيو هو. اُن کان پوءِ ٻيو سنگيت ناٽڪ، مشهور شاعر ارجن 'شاد' جو 'ڏاهيون ڏک ڏسن' (1966ع) ملي ٿو جنهن کان پوءِ شيخ اياز جا ٽي سنگيت ناٽڪ: 'دودي سومري جو موت'، 'رنيڪوٽ جا ڌاڙيل' ۽ 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي' ملن ٿا. پهريان ٽئي سنگيت ناٽڪ "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ڪتاب (1960ع) ۾ ڇپيل آهن ۽ آخري سنگيت ناٽڪ هن 1971 ڌاري لکيو هو. سنڌي سنگيت ناٽڪن ۾ هن وقت تائين صرف اهي ناٽڪ ئي شمار ڪيا ويندا آهن، جڏهن تہ 1964ع ڌاري سراج بہ هڪ سنگيت ناٽڪ (تُنهنجي تند تنوار...." لکيو هو جيڪو سدا سُهاڳڻ راڳڻي ڀيرويءَ جي سُر تي مُبني، آزاد نظم هو ۽ فني پيشڪش ۾ ڏيکن جي حوالي سان، اياز جي سنگيت ناٽڪن سان برميچي بيٺو آهي. هن ناٽڪ جي ڏيک پهرئين جي ڪجهہ جهلڪ پيش ڪريان ٿو:

**ڏيک پهريون**

[پسمنظر ۾ ڪنهن لَنگهي جو دهل وڄائي، پڙهو ڏيڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي- ۽ اُن سان گڏ ماڻهن جو شور بہ ٻڌجي ٿو ايڪشن شروع ٿيڻ تي پڙهي جو آواز صاف اچي ٿو.]

"جيڪو جو ڏو، سنڌ جي راجا
ڏياچ جو سِرُ آڻيندو،
ٽالهہ ٽَڪن جو سو ماڻيندو!"

(پيرَ تي ڏونڪي جو آواز ۽ پوءِ دُهل جو آواز ۽ ماڻهن جو شور تمام جهڪو ٿي وڃي ٿو.)

**ٻيجل جي زال:** او ٻيجل جي ماءُ،
ٻيجل ماءُ ٻُڌين ٿي،
شهَر- لنگهو پيو اَڄ هوڪا ڏي!
راڄ- مُڪيءَ جي هي پڙاڏي،
شهر- لنگهي پٽي ڳائي:
'جيڪو جوڏو،
سنڌ جي راجا،
راءِ ڏياچ جو سر آڻيندو،
ٽالهہ ٽڪن جو سو ماڻيندو!"

**ٻيجل ماءُ:** ٽالهہ ٽڪن جو؟
ڇا جي لاءِ؟
ڏياچ جو سِرُ ڇا جي لاءِ؟
هاءِ الا،
انسانن کي ٿيو ڇا هي!
انسانُ ڏٽيءَ جو پاڇو،
اُن جي سِر جي قيمت،
ٽالهہ ٽڪن جو؟
ماڻهو پو ماڻهو ڇا جو؟
جهنگ مروڻ ۾ ماڻهوءَ ۾،
فرق تڏهن رهندو ڇا جو؟

هي ڇهن ڏيکن تي مشتمل ناٽڪ، هڪ شاهڪار ناٽڪ آهي، جيڪو سنڌ جي هڪ لوڪ داستان/ لوڪ روايت تي مشتمل آهي. آخر ۾ آءٌ سراج جو اُهو شاهڪار آزاد نظم ’ڪراچي‘ پيش ڪري، اُن جي جائزي تي پنهنجو مقالو پورو ڪندس:

**"ڪراچي"**

ـ اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي رُوح وطن،
تنهنجي ’ماضيءَ‘ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ ـ منهنجي ماضيءَ ـ کي سلام!
ها، اُهو ماضي جو بيحد روشن و تابان هيو ـ
جنهن ۾ روشن ها اُميدن جا چراغ،
آرزوئن جا هزارين چنڊ اُڀريا ۽ اُميدن جا ستارا جاڳيا،
اَمن و آزاديءَ سندي آڪاشَ تي!
ڪلپنائن ۽ اُمنگن جي ٿڌيءَ چانڊاڻ ۾،
هلڪي هلڪيءَ جوتِ جي مانڊاڻ ۾،
منڙا منڙا گيت ٿي مُرڪيا هتي ـ
ڇڙڪ هي ڪو ديسُ ئي گيتن جو هو،
گيتن ۽ نغمن جو ديس!
گيت اهڙا جن ۾ هو
ڪنهن سهاڳڻ سُندريءَ جي نرگسي نيڻن جو ڪيف ـ
ڇلڪندڙ آبِ حيات!
ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
اي ستارن جي زمين، اي اَپسرائن جا وطن،
تنهنجي مٽيءَ جي مٿان
اڄ به آهن چمڪندڙ ماضيءَ جا نقش:
تنهنجي مِٽيءَ مان اڃي ٿي جا سُڳنڌ،
سا ٻڌائي ٿي هزارين داستان:
اڄ به تنهنجون ’بلڊنگون‘ ٿيون ساک ڏين،
اڄ به تنهنجا ’گُلڪدا‘ ٿا ڏَڪندي ڏَڪندي چون:
(جن جي بنيادن تي بيٺل هي ’تجارت گاهه‘ ٿا
ڪوڪلي تهذيب جي چُغلي هڻن!)
سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت تون هُئينءَ،
تون هئينءَ سنڌ جي تهذيب جو سُورج مکي:
ڇڻ هئينءَ تون ’شاهه‘ جي هڪ سورمي!
مذهبي ويڇن کان دور،
تو ۾ هو ڄڻ امنِ عالم جو مثال ـ
زندگِيءَ جي عزم جي تابندگي،
آدميت جو سُهاڳ!
ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
اڄ به تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اڄ به تون سوداگرن جو آن وطن ـ
پر ٻنهي ’سوداگرن‘ ۾ فرق آهه!
اڳ جا سوداگر ڪندا ها صرف هڪ سوداگري ـ
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي ’غير‘ کان ڳنهندا هئا:
اڄ جا سوداگر ته پيا نيلام ڪن پنهنجو وطن،
’ڪٽڪَ جي مُٺِ‘ تي وِڪامي ٿو ’بهشت‘!
ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نه آهي اجنبي!
تنهنجو ساگر ڪيترو مايوسُ آهه!
هر گهِٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميّت جو سُهاڳ ـ
سون چانديءَ جي سجايل ’جانڊهن‘ ۾،

اندران ئي اندران ڏِس زندگي پسجي پئي،
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!
’غير‘ ڏس ڪيڏو نہ آهي سر بلند،
ڪيترو مضبوط آ هِت سامراج!

_ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجي رنگينيءَ جي پردي ۾ لڪل
ڏسجي ٿو ڪو انقلاب!
وقت جون واڳون ورڻ لاءِ بيقرار!
تنهنجي رستن مان اچي ٿي سرمدي رَت جي پُڪار_
گلشنن جا گل ٿا ڏسجن خُونچڪان،
تنهنجي خاموشين ۾ شايد ٿو هُري سُڏڪن جو سازا
ڪيستائين رهندو آخر هي فريب:
مدتن کان آ زمانو منتظر،
ڪَر ٿو موڙي هت نئون ڪو دَور ڏس_
ڏس تہ ڏورانهين اُفق تي پِرهہ آ جاڳڻ لڳي،
چاڪ ٿيندو ظلمتن جو پردهء تاريڪ تر،
هر طرف روشن ’حقيقت‘ ٻهڪندي،
سر بلند ٿيندو وري هت لوڪ راڄ،
سر نوائي نيٺ پڇندو سامراج!
هڪ ٿي ويندينءَ سنڌڙيءَ سان اي ڪراچي نيٺ تون،
روح پنهنجي جسم سان ملندو وري!
اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار اي روح وطن،
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن!

هي آزاد نظم، سراج، ’ڪراچي‘ سنڌ کان ڪسي مرڪز جي حوالي ڪرڻ وقت لکيو هو. نظم لکڻ جو اصل سال تہ خبر نہ آهي ڪهڙو هو پر پهريون پيرو، سماهي مهراڻ، 3_ 1956ع ۾ ڇپيو هو ۽ اڄ اُن کي 57 سال گذري ويا آهن. نظم جو متن، نفسِ مضمون، اڄ جي حالتن سان ڪيڏو نہ ٺهڪندڙ ٿو لڳي. هي سٽون پڙهو:

اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اڳ بہ تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اڄ بہ تون سوداگرن جو آن وطن_
پر ٻنهي ’سوداگرن‘ ۾ فرق آ!
اڳ جا سوداگر ڪندا هئا صرف هڪ سوداگري_
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي ’غير‘ کان ڳنهندا هئا:
اڄ جا سوداگر تہ پيا نيلامُ ڪن پنهنجو وطن،
ڪَٽڪ جي مُٺِ تي وِڪامي ٿو ’بهشت‘!

هن بند ۾ ’اڳ‘ جي ۽ ’اڄ‘ جي ’سوداگرن‘ جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ’اڳ جا سوداگر‘ يا تہ ’سنڌ ورقي‘ هئا، جيڪي ٻاهران ڪمائي اچي ڪراچيءَ کي ’سونو‘ بنائيندا هئا، يا اُهي سورما هئا، جيڪي ٻاهرين حملي آورن کان ڪراچيءَ جو سُهاڳ/ سنڌ وطن جو سُهاڳ بچائيندا هئا. اڄ ڪراچيءَ جي صورتحال ڇا آهي؟ ’ڪَٽڪ جي مُٺ‘ تي ڪراچيءَ جو ’بهشت‘ وڪرو ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪراچيءَ ۾ انسانيت جي سُهاڳ ۽ آبرو کي ڪيئن لُٽيو پيو وڃي، اچو تہ سراج جي 57 سال اڳ لکيل آزاد نظم مان معلوم ڪريون:

اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نہ آ اجنبي!
تنهنجو ’ساگر‘ ڪيترو مايوسُ آهہ!
هر گهٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميت جو سُهاڳ_

سون چانديءَ جي سجايل ’جاندِ هن‘ ۾،
اندران ئي اندران ڏس زندگي پِسجي پئي،
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!
’غير‘ ڏسُ ڪيڏو نہ آهي سربُلند،
ڪيترو مضبوط آهِت سامراجُ!

سراج جي علامت ’جاندِهن ۾ زندگيءَ جو پِسجڻ‘ جديد دور جي ’تارچر سيلن‘ سان مشابهہ نہ آهي؟ اڄ ڪراچيءَ وٽ ’سنڌو ساگر‘ مايوس نہ آهي؟ ڪراچيءَ جو ماحول ’ٻاهرين جي آمد (Influx) سبب اجنبي نہ ٿو لڳي؟ پناڻ، پنجابي ۽ پناهگير، سامراج جي صورت اختيار ڪري نہ چڪا آهن؟ سراج، مستقبل بين شاعرَ، سچ نہ لکيو آهي؟

ها، البت ’ڪراچي سنڌ کان کسجڻ‘ کان پوءِ بہ سراج اُميد پرست رهيو هو تہ: ’زمانو منتظر آهي، نئون دور ڪَر موڙي رهيو آهي، پِرهہ جاڳڻ واري آهي، ڪراچي، سنڌڙيءَ سان هڪ ٿي ويندي!“ – ۽ ائين ٿيو ڪراچي سنڌ کي واپس ملي، سنڌ جي راڄڌاني بڻي، پر اڄ وري ’مهمان‘، ’مالڪ‘ ٿيڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن. آءٌ چاهيان ٿو تہ هن موقعي تي سراجَ جي دوست، سراج جي رفيقَ، ويهين صدي ۽ ايڪيهين صديءَ جي وڏي شاعرَ، شيخ اياز جو 1985ع ۾ لکيل ’رڻ تي رم جهم‘ ڪتاب (1986ع) ۾ ڇپيل، ’ڪراچيءَ‘ بابت، ساڳئي سراج واري ساڳئي بحر وزن ۾ لکيل آزاد نظم پڻ هتي پيش ڪريان، ۽ موازنو ڪريان تہ ٻنهي همعصرن، ڪراچيءَ کي ڪهڙيءَ نظر سان ڏٺو آهي. سراج جو نظم 57 سال پراڻو ۽ اياز جو 37 سال پراڻو نظم آهي:

**شيخ اياز:**

جِهلملائيندڙ ڪراچي!
روشنيءَ جا گيت ڳائيندڙ ڪراچي!
سنڌ جي آهين ڪراچي!

اڄ بہ مان
تنهنجي رستن کي مُنڌي جئن چڻ تہ پُورو ٿو اچان!
اڳ گرومندر کان ٿورو اڳيرو ويندي هئينءَ،
شامَ جو ڪيئي ٿَلا ٿهہ ٿهہ ڪندا نيندي هئينءَ،
ڪويلين جي ڪوڪ ڏي جي ڏيان ويندو هو ڪڏهن،
چنڊ ايندو هو نظر آڪاسَ ۾ ويندو تڏهن،
۽ ڪڏهن تارا هوا ۾ جُڳنوئن جئن جڳمڳائيندا هيا،
پير منهنجا ڏگمگائيندا هيا،
عاملياٽين جي پنيان –
اڄ بہ مان
تن کي ساري تن جي خوشبوءِ ۾ وڃان ٿو ويڙهجي،
ڪوڪ ڪويل جي ٻڌان ٿو تن جي جادوءِ ۾ وڃان ٿو ويڙهجي،
تنهنجو لالو کيت، اورنگي بہ مون لئہ اجنبي
ناهن گُنوار!
مون رُنو هو زار زار
’تانتيا ٽوپي‘ جڏهن ڦاهي چڙهي مردانہ وار
ڪالهہ رَسيءَ ۾ لُڏيو بي اختيار
مون ڇُهيا ها پير اُن جا بار بار،
ڪاش! هُن جا هم وطن
ايترو سمجهي سگهن
ڪيئَن آزادي ملي؟
ڪير ها ورتي هُئي جن
شاهراهن کي ڇڏي سوڙهي گِلي؟
اڄ بہ مان هي ٿو چوان
ڪاش، ٽيپوءَ جئن مران!

ڪوبہ دکن ڪان ڪراچيءَ ۾ اچي
ان ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي،
هِت بہ آهن ٽُنهنجي اوچن بنگلن،
مير صادق وانگيان ننگِ وطن،
پاڻ سان غدار آهن
زندگيءَ جي هار آهن،
تن کي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن
پو بہ ڪجھ ناهي وَٽن،
جي نہ آ مٽي تہ پوءِ کھڙو ڪفن!
تون پلي ڪشمير ڪان ڪارو منڊل تائين لڳين
منهنجي دل ۾ ٿي وسين؛
تون سچي تاريخ آهين
ڏرتتيءَ جي چيخ آهين
دل ڏڪائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اچ بہ مان،
تنهنجي رستن کي مُنڊيءَ جئن جڻ تہ پورو ٿو اچان!

سچ چيو آهي ڪنهن تہ: 'Peaks of Mountains see each other'
يعني: 'پهاڙن جون چوٽيون ئي هڪ ٻئي کي ڏسنديون آهن'. سنڌي ادب جي هنن ٻن پهاڙن جي سوچ جي يڪسانيت، فڪري گهرائي، چٽلينجن تي نظر ۽ مستقبل بينيءَ ۾ مماثلت ڪمال جي آهي. 'جهلملائيندڙ ڪراچي' نظم لکڻ وقت اياز جي شعور، لاشعور يا تحت الشعور ۾ سراج وارو نظم 'ڪراچي' هو يا نہ، پر ٻنهي جي آزاد نظمن جي ابتدا ۾ پنهنجي شهر لاءِ 'محبت ۽ رومانس' ساڳيو آهي. اياز وٽ ڪجھ ذاتي/ رومانوي ۽ سراج وٽ ڪجھ تاريخي ۽ رومانوي- جڏهن تہ سراج جي نظم جي پڇاڙي، ڪراچي، سنڌ کي واپس ملڻ واري اُميد پرستيءَ واري جذبي سان معمور هئي، ۽ اياز پنهنجي نظم ۾ 'تانتيا ٽوپي' (جهانسيءَ جي راڻيءَ جي ساٿي، بهادر وطن پرست) جي هم وطنن کي مخاطب ٿي جيڪي ڪجھ چيو آهي، ڪيڏو نہ سچ آهي. ڪيڏو نہ ڪڙو اظهار آهي! پوءِ بہ ڪراچي، سندس دل ۾ وسي ٿي، اسان جي دل ۾ وسي ٿي:

ڪوبہ دکن ڪان ڪراچيءَ ۾ اچي،
اُن ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي،
هِت بہ آهن تنهنجي اوچن بنگلن،
مير صادق وانگيان ننگِ وطن،
پاڻ سان غدار آهن،
زندگيءَ جي هار آهن،
تن کي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن،
پو بہ ڪجھ ناهي وٽن،
جي نہ آ مٽي تہ پوءِ کھڙو ڪفن!
تون پلي ڪشمير ڪان ڪارو منڊل تائين لڳين،
منهنجي دل ۾ ٿي وسين؛
تون سچي تاريخ آهين
ڏرتتيءَ جي چيخ آهين
دل ڏڪائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اچ بہ مان،
تنهنجي رستن کي مُنڊيءَ جئن جڻ تہ پورو ٿو اچان!

ڪراچي، اياز جي ’دل ۾ ٿي وسي‘، ’هوءَ سڄي تاريخ ۽ ڌرتتيءَ جي چيخ‘ آهي، ۽ اياز اُن جي ’رستن ڪي مُنڍيءَ جڻن پورو ٿو اچي‘ - ۽ سراج لاءِ ڪراچي، ڪلهه به، اڄ به سڀاڻي به ’سنڌ جو سينگار‘ ۽ رُوح - وطن آهي:

اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي روحِ وطن!
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!

---

## سراج ۽ هلال پاڪستان

- اسلم آزاد

**فاني ڙي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،**
**ڪوڙر ۽ ڪاني، آهي سِر سَيڪهين!**

مهربان ساٿيو، اڄ هتي اسان سنڌ جي اهڙي عاشق کي ڀيٽا ۽ مڃتا ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. جنهن جي شخصيت جا مختلف روپ آهن. هتي منهنجو مقصد سراج صاحب جي ’صحافتي روپ‘ تي ڳالهائڻ آهي، جنهن کي ’جديد سنڌي صحافت جو ابو‘ يا ’باني‘ چئي سگهجي ٿو.

اپريل 1972ع ۾ جڏهن آءٌ ۽ منهنجون سينئر ساٿي محمود يوسفاڻي، ڪراچيءَ ۾ سراج صاحب سان ملياسين تہ ان وقت جي هلال پاڪستان آفيس، بنيادن ڪانسواءِ هئي. ان ڏکئي دور ۾ سراج الحق، اخبار کي ڪهڙيءَ طرح نڀايو، ان جو آءٌ تہ اکين ڏٺو شاهد آهيان. سراج صاحب جي پهرين صفت مون اها ڏٺي تہ هو عارفن وانگر هُنر جو ڳولائو ۽ عيبن کي نظرانداز ڪندڙ هو. اخبار جي اشاعت ڪان پوءِ پهريون بحران، اسان تي ان دور ۾ ٿيندڙ هنگاما هئا، جيڪي ٻوليءَ واري بِل جي آڙ ۾ سنڌ تي ٿاڦيا ويا هئا، ايتريقدر جو بہ ڏينهن اسان کي اخبار بند ڪرڻي پئي هئي. سندس انسان دوستيءَ جو پهريون مثال مون اهو ڏٺو تہ جڏهن هنگامن جي ڪري اسٽاف نہ آيو تہ آفيس مان نڪرڻ وقت سراج صاحب مون کي ۽ منان ميمڻ کي پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ مون کي پنهنجي گهر ۾ ڀاتين وانگر رهاياائين. ان دور ۾ سراج صاحب سان بيشمار ساٿي موجود هئا ۽ هر ساٿي پنهنجي وِت آهر ڪم ڪندو هو. مون اچڻ سان ئي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ۽ پريس ڪلب وارن سان رابطو ڪيو تہ هنن اسان کي ’ٽريڊ يونين نيٽ ورڪ‘ ۾ اچڻ لاءِ چيو ۽ ’هلال پاڪستان‘ ۾ ’ڪي. يو. جي يونٽ‘ ٺهيو، جنهن جو

چيف دستگير ٿي هو. اُن کان پوءِ ’هلال پاڪستان ايمپلائيز يونين‘ بہ ٺهي، پر رواجي اخبار مالڪن وانگر سراج صاحب اسان جي ٽريڊ يونين سرگرمين تي ڪوبہ اعتراض نہ ڪيو، ڇوتہ هو پاڻ صحافي ۽ پريس ورڪر بہ رهيو هو.

1972ع ۾ ئي سراج صاحب کي مون عرض ڪيو تہ ’ويج بورڊ اوارڊ‘ مطابق عهدا ۽ پگهارون ڏيڻ گهرجن، جنهن تي مون کي چيائون تہ ’جنگ‘ ۽ ’ڊان‘ وارن کان معلومات وٺي ڏي. مون کين اهي تفصيل ڏنا تہ اسٽاف کي ’ويج بورڊ‘ مطابق پگهارون ملڻ لڳيون. اهو سراج صاحب جو وڏو ڪارنامو هو تہ ڪا سنڌي اخبار، ڪراچيءَ جي اخباري ملازمن جيتري پگهار پنهنجي اسٽاف کي ڏئي.

سنڌي صحافت ۾ سراج صاحب جو ٻيو وڏو ڪارنامو اسٽاف کي بونس ڏيڻ هو. اخبار جي ٻي سالگرهہ تي اسان کي ٻہ بونس، ٽين سالگره تي ٽي بونس ۽ چوٿين سالگره تي چار بونس مليا. سرڪيوليشن جي محاذ تي بہ هن وڏا قدم کنيا ۽ سليمان برادرز جهڙي معروف ڊسٽري بيوٽرز کي ڇڏي، اخبار ٻن هاڪر پائرن کي ڏنائين، جن جو ادارو ’مشتاق نيوز ايجنسي‘، اڄ اخباري دنيا ۾ هڪ وڏو نالو آهي. مارڪيٽنگ جي فيلڊ ۾ بہ، پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت هجڻ جي باوجود مسئلا هئا، پر سراج صاحب انهي محاذ تي بہ ايئن وڙهيو جو اخبار بونس ڏيڻ لڳي. اخبار لاءِ پنهنجي پريس جو تصور بہ شروعاتي ٻن سالن اندر پورو ٿيو ۽ جديد ترين ’چار ڪلر يونٽ‘ واري پريس اسان کي ملي وئي. اُن زماني ۾ سراج صاحب ذاتي طور اخبار ۾ صبح ڏهين يارهين کان ٽين بجي تائين ۽ رات جو نائين کان هڪ بجي ڪاپي پريس ڏانهن وڃڻ تائين ويهندو هو، پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن جي پروفيشنل ڪم ۾ مداخلت نہ ڪئي. ’عبرت‘ اخبار ۾ هجڻ تائين مون کي ياد آهي تہ چاليهہ کن صفحن جو ايڊيشن ايوبي دور جا ڏهہ سال پورا ٿيڻ تي ’عبرت‘ شايع ڪيو هو، پر ’هلال پاڪستان‘ جا سراج صاحب 60 کان 100 صفحن تائين جا ايڊيشن بہ ڪڍيا.

سندن ڪاوشن ۾ ”سنڌ ٿُرو سينچريز“ سيمينار بہ شامل آهي. اُن موقعي تي هلال جو ايڊيشن اسان لاءِ مسئلو بڻجي ويو هو. اُن جي ٽائيٽل تي موهن جو دڙو، قديم ڏاند ۽ ڪِنگ پريسٽ ۽ قرآن پاڪ رحل سميت موجود هئا ۽ آرٽسٽ ارشاد ’راهي‘ سراج صاحب جي اُن تخيل کي فن جو روپ ڏنو تہ سنڌ ڌرتي پنج هزار سالن جي تهذيب ۽ پوءِ اسلام جي اچڻ جو پرتوو آهي. رجعت پرستن اُن ايڊيشن تي هنگامو ڪڙو ڪري ڇڏيو تہ ڏاند جي هيٺان پاڪ ڪتاب ڇو ڇاپيو ويو. بهرحال ان مسئلي کي بہ سراج صاحب پنهنجي زماني شناسيءَ ۽ تجربي سان ٺاري ڇڏيو. سراج صاحب لاءِ ڪجهہ مسئلا آءٌ بہ پيدا ڪندو هئس، پر هن شخص بيشمار موقعن تي منهنجي ملازمت کي بچايو ۽ پاڻ تي الزام کڻي ويو. انور پيرزادي جي مشوري تي مون موڪل جي اعلان ۾ ”شب برات“ کي ”ڦٽاڪن واري عيد“ لکيو تہ مولوي صاحبان جو اسلام وري خطري ۾ پئجي ويو. ڳالهہ ان وقت جي وزير مذهبي معاملا مولانا ڪوثر نيازيءَ تائين پهتي، جنهن سراج سان ڳالهايو. موٽ ۾ سراج صاحب مون کي هڪ ميمو ڏنو جنهن ۾ پاڻ لکيائون تہ: ”مذهبي معاملن ۾ ڇيڙواڳي برداشت نٿي ڪري سگهجي“. بهرحال يادگيرين جو سلسلو وسيع آهي، جن کي آءٌ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ۾ آهيان.

# راول رهي نہ رات جيڏيون!

_ ضراب حيدر

فنڪار يا آرٽسٽ لاءِ سچ ۾ وابستگي ئي اُهو عنصر آهي، جيڪو ڪيس سدا حيات بڻائي ٿو. آءٌ تہ ائين چوندس تہ فنڪار يا آرٽسٽ نالو ئي وابستگيءَ جو آهي، جيڪا سچ کان سواءِ ڪنهن سان بہ جُڙي نہ سگهندي آهي، جيڪي ماڻهو سچ سان جُڙيل هوندا آهن ۾ سچ جن ماڻهن سان جُڙيل هوندو آهي، اهڙن ماڻهن کي ’سِراج‘ چئبو آهي. جيتوڻيڪ سنڌي لغت ۾ سِراج جي معنيٰ ’ڏيئو‘ يا ’چراغ‘ ٻڌائي وئي آهي، پر اردو لغت سِراج کي ’سورج‘ يا ’روشني‘ جي وضاحت سان پيش ڪري ٿي.

سراج الحق اج اسان سيني جي وچ ۾ ناهي رهيو!

هڪ لمحي لاءِ دل افسرده ٿيو وڃي، جنهن رات وڳڙي ۾ سراجُ بنا موڪلائڻ جي اسان کان رخصت ٿي هليو ويو. ان رات لاءِ لطيف سرڪار جون هي سٽون من ۾ لهيو اچن تہ:

راول رهي نہ رات، جيڏيون منهنجو راول رهي نہ رات!

چنچر رات، آڌيءَ ويلي، سراج جڏهن بنا موڪلائي حق واري اُڏام ڪئي تہ اها خبر شايد ننڊ ستل سنڌ جي جنتا کي ڪانہ هئي... پلا ائين بہ ڪو اويلي وجبو آهي ڇا!؟

اِها ميار بہ سراج کي ڏئي نٿي سگهجي، جو هو محبوب ماڻهو هو. پر سندس ان بنا موڪلائيءَ واري رخصتيءَ جي پروڙ سندس محبوبا ’ڪهاڻي‘ کي ضرور پئجي وئي هئي. اهو شايد منهنجو گمان هجي يا وري سچ هجي؛ چوتہ آءٌ اڪثر رات جو دير تائين خاص ڪري ٻئي ڏينهن موڪل واري رات سُجهندي تائين لِکندو پڙهندو آهيان، ڪڏهن لفظن ۽ جملن جا رڻ ڳوليندو آهيان تہ ڪڏهن وري ڪهاڻيءَ جا اوسيئڙا ڪندو آهيان، اڪثر منهنجي جاڳ ۾ ڪٿان نہ ڪٿان ڪهاڻي ليئو پائي ضرور ويندي آهي. پر هيءَ رات عجيب هئي، جو ڪهاڻي سُڏڪندي منهنجي خيال مان گذرندي وئي. ڪهاڻي، جنهن کي مون پانت پانت جي روپن ۾ ڏٺو آهي، اُن جو اُهو روپ اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هئم. ائين پئي لڳو تہ ڄڻ ڪهاڻي سوڳ ۾ هئي. ڪيس شاهہ لطيف جي راڳي فقيرن واري ڪاري پوشاڪ اوڍيل هئي ۽ هوءَ تمراڻي لهجي ۾ ڪجهہ سڏڪندي هلي وئي....

آءٌ هڪ ڪهاڻيڪار آهيان ۽ ڪهاڻيءَ جو ازلي پياڪ ۽ چاهيندڙ آهيان، مون ڪهاڻيءَ کي ائين اڳ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو جيئن اها چنچر رات 2 فيبروريءَ تي هئي. مون کي سوين وهم گمان ويڙهي ويا هئا، جنهنڪري منهن ويڙهي سمهي رهيو هوس. رات جو چوٿون ۽ آخري پهر جيتوڻيڪ آخري پساهن ۾ هو. منهنجي اک کلي هئي تہ ڏينهن جو ٻيو پهر گذرڻ وارو هو. پوءِ بہ الائي ڇو رات جو آخري پهر منهنجي اعصابن تي ڇانيل رهيو. ڪهاڻيءَ جي اهڙي اُداس روپ واري ڳجهارت منهنجي سمجهہ کان باهر هئي، ها پر ايترو سو ضرور ادراڪ هو تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ سراج طبيعت جي ناسازيءَ سبب اسپتال ۾ داخل ٿيو آهي. شايد منهنجي لاشعور، منهنجي روح ۾ اها چڪ آهي. جنهنڪري مون ڪهاڻيءَ کي اداس ۽ سوڳوار محسوس ڪيو آهي يا سچ پچ ڏٺو آهي.

ٻئي لمحي جڏهن موبائل کڻي نهاريم تہ منهنجون اکيون ڄڻ تہ آگمجي ويون، موبائيل فون جي مختصر اسڪرين تان نظرون وڃي ٿي. وي اسڪرين تي رسيون ۽ پوءِ ڪن پهرن تائين اکيون ڇلڪنديون رهيون.

سِراج ويو هليو...!!

نہ نہ، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، هو بنا موڪلائي ڪيئن ڪهندو پلا...! ٻئي لمحي دل گواهي ڏني، نہ نہ.... سراج ڪيڏانهن بہ ڪونهي ويو. سراج هتي ئي آهي... ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي سڏن پڙاڏن ۾ هو هينئر بہ للڪاري رهيو آهي، هو هاڻي بہ ارغوني ۽ ترخاني ٽولن کي هڪلون ڪري

رهيو آهي. اهڙيون زندھ ۽ واضح هڪلون، جو ايندڙ ڪيترين صدين تائين پناٽي ٽولا سراج جي هڪلن کان ٿهندا رهندا.

خبر ناهي هيءَ ڪهڙي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ مون وٽ ماڻ ۽ ماپا ڪاهي پيا ۽ اکين آڏو هڪ تصوراتي تارازي اچي وئي، جنهن جي هڪ پڙ ۾ پڳوان ايس گداواڻيءَ جو جڳ مشهور ڪتاب ’ريٽرن آف آرينس‘ نظر اچڻ لڳو ته ٻئي پڙ ۾ ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ وزن سان جهولڻ لڳو. افسانوي تاريخ جو هي ڪمال، جيڪو سراج پنهنجي لکڻيءَ ۾ ڪيو. ان کي سوچيان ٿو ته ڪهڙو نانءُ ڏيان. ان کي تبليغ ڪوٺيان يا پرچار چوان، هڪ پڙاڏو سوئي سڏ هو. جنهن سنڌي ماڻهن کي تاريخ ۽ اتهاس جي پڙاڏن ۾ گونجائي ڇڏيو. هڪ ناول سنڌي ماڻهن کي تاريخ پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ اتهاسي ڇڏيو.... ها ... اڄ ٻه پڙاڏاو سوئي سڏ جڳ مشهور ناول ’ريٽن آف آرينس‘ کان ان ڪري ٻه مٿانهون آهي، جو ان جا شعاع اڳتي هلي ڪنهن ٻئي رنگ ۾ گدواڻيءَ جي کوجنائن کان مٿيرا نڪتا. ها ها، اهو سراج هتي ئي ڪٿي آهي، ڪنهن نه ڪنهن دل، ڪنهن نه ڪنهن هردي ۾.... جنهن درد کي سڏي وڏي واڪي ’هلي آءُ‘ چئي پنهنجي اندر ۾ وسائي بدلي ۾ ان ڪهاڻيءَ کي ڳاڙهي پوشاڪ اوڍائي هميشه لاءِ ڪنوار بڻائي ڇڏيو هو. جيڪا اڳ ۾ بيواهن وانگي اجڙيل ۽ وڪريل هئي. هن ’اي درد هلي آءُ‘ لکي ڪهاڻيءَ جو ڪاڄ مچائي ڇڏيو.

سراج اڻين ماڻهوءَ جي روپ ۾ جيڪي ڪجھ ٻڌايو ۽ سڻايو. سو آمرن جي هضم ٿيڻ کان ڳرو هو پر اهو سڀ ڪجھ پنهنجي جاءِ تي سچ ٻه ته آهي، سِراج اُهو پهريون سنڌي ماڻهو آهي، جنهن مهين جي دڙي واري نڪ پڳل بادشاھ جو پڳل نڪ علامتي انداز ۾ سڌو ۽ مڪمل ڪيو ۽ شرمنده قوم ۽ ماڻهن کي ٻڌايائين ته:

”جهڙا سنڌي نج آهن، تهڙي سنڌي ٻولي نج آهي“ اها نه ڪنهنجي پيڻ آهي نه ڪنهنجي زال آهي، نه وري ڪنهنجي سهيلي آهي.

سنڌي ٻولي ماءُ آهي ۽ مادر ٻولي آهي، جنهن جو مٽ ۽ ثاني ڪوئي ٻه ڪونهي. سراج پليل ۽ منجهيل ماڻهن کي، جيڪي سنسڪرت جا ڪلما پڙهندا هئا، تن کي سنڌي ٻوليءَ جو نعرو هڻي ٻڌايو ۽ اهو ويدانتي نعرو پوءِ ڏيهين ماڳين انفراديت سان گونجڻ لڳو ”سنڌي ٻولي، پهرين ٻولي، سنڌي ٻولي، مادر ٻولي“.

سو تنهنڪري لطيف سائينءَ واري راول واري ڳالھ ٻه درست ٿيو وڃي ته وري مٿان سراج واري معنيٰ ٻه نج نڪريون پوي. سراج سنڌ جو اهڙو سورج هو. جيڪو بهرحال سجهندي ۾ ڪڏهن ٻه نه لٿو هو ته الهي ويو آڌيءَ رات جو. ٽنڊي ڄام ۽ نصرپور جي اتر کان ڪراچيءَ جي ڏکڻ اولھ ۾.... پر پوءِ ٻه سندس پيرا سنڌ جي اوپر ڏکڻ ۾ ڪنياتي پر کان ٽيڙن جي قطار ۾ وائڪا آهن. سنڌ جي ٻن ڇيڙن لطيف سائين ۽ سائين جي. ايم. سيد جي وچ واري وٿيءَ ۾ جڏهن سراج جو سچ گڏجي ٿو ته سنڌ جي ٽيڙو ٻه وائڪو ٿيو بيهو رهي.

مان ڪيئن مڃان ته سراج هليو ويو هو هاڻي ڪونهي موجود...!!!

جتي علم ۽ روشني رهندي، جتي ٻه سچ ۽ حق رهندو. اتي سنڌ جو ٽيڙو پيو ٽمڪندو. ٽيڙو جيڪو سنڌ جي ابتدا ۽ انتها جو ساکي آهي، اهو ٽيڙو جيڪو سنڌ جي سچائيءَ جو ثبوت آهي. سراج جي ’پياسي ڌرتي، رمندا بادل‘ واري ناولن جي ٽرياالاجي، جيئن سنڌ جي تاريخي بابن جيان آهي، ائين ئي خود سراج سنڌ جي ٽڪنڊي اتهاس جي هڪڙي درخشان ڪنڊ آهي، جيتوڻيڪ اسان ۽ توهان سڀ اِهو ويساھ رکون ٿا ته سدا حيات ماڻهو دنيا جي عارضي جهان مان گذري ضرور ويندا آهن، پر هو جيڪي راهگذر جوڙي ۽ ٺاهي ويندا آهن، سي نت نوان سوجهرا هوندا آهن. سدا حيات ماڻهو هڪ اهڙي واٽ، اهڙو گس ڏئي ويندا آهن، جنهن کي وڏيڪ وسيع ڪرڻ سنوارڻ ۽ ٺاهڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اها ڳالھ ٻه هينئر سوڌو ڇٽي رهي آهي ته انهن گسن تي هلڻ ۽ کين سڌارڻ سنوارڻ وارا گهٽ

هوندا آهن، پوءِ سنڌ جي سڄاڻ حلقي ۾ نئين ٽهيءَ مان اميدون لاهي نہ ٿيون سگهجن، جيڪي اڳتي هلي ضرور سراج جي ٻاريل مشعل کي روشن ڪندا.

# SINDHI BOLI

***Research Journal***
***Vol: 6, issue 1st , Jan- March 2013***

Chief Editor
**Dr. Fahmida Hussain**

Editor
**Taj Joyo**

Sindhi Language Authority,
Hyderabad, Sindh

## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Noorul Huda Shah

ISSN: 968_8194_01_0

# SINDHI BOLI

Research Journal

**Chief Editor**: Dr. Fahmida Hussain
**Editor**: Taj Joyo
**Composing:** Hussain Ahmed Memon
**Graphics:** Assadullah Bhutto
**Vol**: 6th
**Issue**: 1st
**Year**: Jan- March 2013
**Quantity**: 1000
**Price**: Rs. 70/=
**Published by**: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan.
**Tel**: 022-9240050-53
**Fax**: 022-9240051
**E-mail**: sindhila@yahoo.com
**Website**: www.sindhila.org
**Printed by**: Pakiza Printers, Hyderabad.